
مان ڏوهي هان
عزيز پنگوار

# مان ڏوهي هان

[جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي اڳواڻ مرحوم
عزيز پنگوار جا پنهنجي ذاتي ۽ سياسي زندگيءَ
۾ شعوري ۽ لاشعوري طور ڪيل ڏوهن جا اعتراف]

عزيز پنگوار

سنڌي ساهت گهر- حيدرآباد، سنڌ
2008ع

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

سنڌي ساهت گهر- ڪتاب نمبر- 52

ڪتاب جو نالو: مان ڏوهي هان

ليکڪ: عزيز ڀنگوار

ڇاپو: ٽيون، 2008ع [اداري پاران ڀيو]

ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد

ڪمپوزنگ: راض محمد لغاري 0346-3818859

اين. اي جان فائونڊيشن ڪمپوزرس، حيدرآباد

پيسٽنگ سهيل پٺو

قيمت: =/150 هڪ سئو پنجاهه روپيه فقط

## ڪتاب ملڻ جا هنڌ

**آئيڊيل ڪتاب گهر:** رابعه اسڪوائر، حيدر چوڪ، گاڏي کاتو، حيدرآباد، سنڌ
Ph:022-2780701- Mob: 0300-3946518

**پوسٽل ائڊريس:** پوسٽ باڪس نمبر 58، جنرل پوسٽ آفيس، حيدرآباد، سنڌ

- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ اسٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد022-2633679
- ڀٽائي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو، حيدرآباد 0345-3587391
- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو0307-3471205
- عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر 071-2007402
- سنڌ بوڪ ڪلب، نواب شاهه 0300-3006469
- قاسميه لئبرري، ڪنڊيارو 0300-3144668
- المنعم لئبرري-17، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڪالوني، ذوالفقار باغ، لاڙڪاڻو0333-7541193
- بوڪ ورلڊ، رابعه سينٽر، لڳ عسڪري بئنڪ، بندر روڊ لاڙڪاڻو 0333-7548804
- المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، ٽاٽو روڊ، سانگهڙ0333-2913588
- گل ڪتاب گهر، لکي در شڪارپور 0346-3701659
- العزيز ڪتاب گهر، ٽر بازار عمرڪوٽ 0238570345

# Maan Dohi Haan

By: Aziz Bhangwar
Published by: *Naz Sanai*
Chairman- Sindhi Sahat Ghar
Rabia Square, Gari Khato, Hyderabad, Sindh.
Book No: 52 May- 2008
Price Rs: 150/-

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ٻه اکر

اسان جي دوست مرحوم عزيز پنگوار کي هي ڪتاب لکڻ لاءِ حقيقت ۾ پهريون دفعو مون ئي اتساهيو. جڏهن هو معذوري واري حالت ۾ هو ته مان لاڳيتو وٽس ويندو هوس ۽ لکائڻ لاءِ مون اصغر آزاد منگيءَ کي وٽس رکيو جيڪو لکندو ۽ فيئر ڪندو ويندو هو ۽ مان هر هفتي وچي ان کي ڏسندو هوس.

ڪتاب ۾ گهٽيون ڳالهيون هيون، جيڪي هن ڪتاب ۾ اڌ به ناهن جڏهن ماڻهن کي معلوم ٿيو ته هنن عزيز وٽ وڃي پهرين ته مون خلاف ڀڙڪايو ۽ ان ڪتاب کي پنهنجي قبضي ۾ آندو ۽ پوءِ هرهڪ ماڻهو پنهنجي حصي جون ڳالهيون ان مان ڪاٽيندو ويو. جيتوڻيڪ ان اصل ڪاپي ڪان اڳ شروعاتي نوٽس جون ٻه ڪاپيون مون وٽ موجود آهن ۽ ممڪن آهي ته اڳتي هلي اهي ميدان تي اچي وڃن.

بهرحال ڪتاب جنهن به حالت ۾ ڇپيل آهي، ان جو ٻيو ڇاپو حاضر آهي، جنهن جي اشاعت لاءِ مان مدر لينڊ پبلشرز وارن جو ٿورائتو آهيان ۽ گڏوگڏ سڪندر پنگوار ۽ ممتاز پنگوار جو پڻ.

اميد ته هن ڪتاب جي ضرورت ايستائين رهندي، جيستائين اسان جي سياست ۾ سچي ۽ ڪوئي جي مڪمل سجاڳ نه ٿي آهي. ايستائين هيءُ ڪتاب رهنما ثابت ٿيندو.

حيدرآباد، سنڌ
17- جون 1992ع

ناز سنائي

# ارپنا

| | |
|---|---|
| سنڌ امڙ: | (جنهن جي پوتر مٽيءَ مان جنم ورتم ۽ ان جو پورو قرض چڪائي نہ سگهيس. اڄ جڏهن ماتا ناراض آهي تہ منهنجا قدم بہ ڌرتيءَ ماتا تي بوجهہ بڻيل آهن.) |
| رهبر سنڌ جي. ايم. سيد: | (جنهن ڌرتيءَ سان پيار ڪرڻ جو سبق ڏنو ۽ اميدون رکي پنهنجي ڪتاب ڊيار دل ۽ داستان محبت ۾ مون کي محب وطن ماڻهن ۾ ليکيو پر ان بيان ڪيل قول بہ پاڙي نہ سگهيس.) |
| پنهنجي جيون ساٿي رشيده: | (جنهن مون سان دنيا جا سڀ لاڳاپا لاهي ڏک سُکن ۾ ساٿ ڏنو. ويندي معذوريءَ ۾ بہ دل جو آٿت ۽ گهر جو سهارو بڻي مان ان لاءِ بہ ........ ۽ اڄ محبت جي عدالت ۾ بہ مان ڏوهي آهيان.... |

# ٻه اکر

مرحوم عزيز ينگوار جو نالو سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ ڪم ڪندڙ پراڻن ڪارڪنن لاءِ نئون ڪونهي، مرحوم 1967ع کان پوءِ هلايل شاگردن جي قومي تحريڪ ۾ هڪ ڪارڪن جي حيثيت سان پنهنجي وت آهر ڪم ڪيو، ۽ ان سموري عمل ۾ هن جيڪي ڪجهه ڏٺو ۽ محسوس ڪيو. اهو هن ڪتاب جي شڪلڙ ۾ اسان کي ڏيئي ڇڏيو. حقيقت ۾ سنڌي ٻوليءَ اندر جديد سائنسي نقطه نگاهه کان "سياسي آتم ڪهاڻين" لکڻ جو نه رواج آهي، نه وري ڪڏهن سياسي شخصيتن جي "بايو گرافي" لکڻ جي زحمت ئي گوارا ڪئي وئي آهي، ان ڪري انيڪ سياسي تحريڪن ۽ انهن تحريڪن ۾ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن بابت اسان کي هڪ اکر به ڳولهيو نٿو هٿ اچي.

ان صورتحال ۾ مرحوم عزيز ينگوار پنهنجي بيماري ۽ معذوريءَ واري حالت ۾ هي ڪتاب "مان ڏوهي هان!" اسان کي ڏيئي ويو. جيڪو سندس جيئري ته نه شايع ٿي سگهيو، البته سندس مرتئي کانپوءِ دوستن شايع ڪرائڻ جو ساراهه جوڳو ڪم ڪيو آهي. جيتوڻيڪ ٺيڪ ته ائين گهربو هو ته مرحوم جي هن ڪتاب جو مسودو ڇپجڻ کان اڳ ۾ سندس ڪن دوستن کي ڏيکاريو وڃي ها ته ڪيترين ڳالهيون بهتر نموني ۾ واضح ٿي وڃن ها. بهرحال وري به هن ڪتاب ڇپرائڻ تي مدر لينڊ پبلشرز کيرون لهي. عزيز منهنجو ذاتي دوست هو، بنيادي طرح ڪيس سياست ۾ آڻيندڙ منهنجو عزيز دوست سيد شاهه محمد شاهه هو. عزيز سان سياسي سڃاڻپ منهنجي سيد شاهه محمد شاهه جي وسيلي انوقت ٿي، جڏهن اسان حيدرآباد ۾ 1969ع ۾ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن قومپرست گروپ جو بنياد وڌو پئي. بعد ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهڻ دوران ساڻس دوستي وڌي. ڪنووڪيشن ڪيس ۾ اسين جڏهن خارج ٿياسين، ته عزيز حيدرآباد

جيل ۾ بند هو. اتان جيڪي هن مون کي چٺيون لکيون اهي اڄان تائين مون وٽ محفوظ آهن. منهنجو گهر حيدرآباد ۾ ڄڻ عزيز جو ٻيو گهر هوندو هو. سندس باهمت اهليه ان وقت عزيز جو جيڪو ساٿ نڀايو، اهو هڪ ڏکھو داستان آهي. شال حورن جي هنج ۾ هجي، سندس ڳالهيون ڪتاب جي صورت ۾ سدائين زنده رهنديون.

مدد علي سنڌي
سنڌ نيوز آفيس
گاڏي کاتو حيدرآباد
4- مارچ 1988ع

ظاهر آهي تہ اهڙن دوستن جو مفاد مون مان نڪري ويو هو ۽ منهنجا مفاد، مون سان گڏ جيئري دفن ٿي ويا، تڏهن سڌ پئي تہ:

”بيٺل جو هرڪو آهي پر ڪرئي جو ڪير ئي نہ-!“ ڪافي پيارا پيارا ڏٺل وائٺل دوست ڇڏي ويا. هنن مون کي وساري ڇڏيو آهي. پر مون کين اڃان نہ وساريو آهي. دعا آهي تہ ”رنائي رهن پر هجن شل حياتي“ هن معذوريءَ واريءَ حالت ۾ جن دوستن ۽ پيارن مون کي جيئڻ جو جوش ۽ اتساهہ ڏياريو ۽ هن حالت ۾ بہ پنهنجو ناتو ڳنڍيو ٿا اچن تن ۾ سائين امداد محمد شاهہ، محترم قاضي فيض محمد صاحب، جناب نياز همايوني صاحب، جناب خان محمد پنهور، تاج جويو، اڪبر رند، محمد خان چاريڪو، ۽ محترم سائين راشد مورائي سرفهرست آهن، جن مون سان معذوريءَ واري حالت ۾ بہ مهربانيون ڪيون. آءٌ سندن ٿورائتو آهيان، مون پنهنجي ڪردار سان گڏ ٻين دوستن کي بہ ظاهر ڪيو آهي. ذاتي دشمنيءَ سبب سندن ڪردار ڪشي ڪانہ ڪئي اٿم. حقيقت ۾ اڄ تائين اهي منهنجا پيارا دوست آهن. اميد تہ سچ لکڻ جي ڪري کين خوشي ٿيندي، پر دل آزاري نہ!!

آءٌ بنيادي طور ڪو ليکڪ يا اديب ناهيان، ان ڪري ظاهر آهي تہ ڪي اوڻايون ضرور هونديون، اميد تہ پڙهندڙ منهنجي غلطين جي نشاندهي ڪندا. هن کان اڳ مون هڪ ڪهاڻي ”جواب ڏي“ جي عنوان سان سنڌي پبليڪيشن ۾ سائين غلام مصطفيٰ شاهہ جي خاص نمبر ۾ شايع ڪرائي هئي. حقيقت ۾ اها ڪهاڻي مون دوست مير حسن شر کان لکرائي، پنهنجي نالي شايع ڪرائي هئي. هن لکڻ جو اهو مطلب آهي تہ آءٌ بالڪل ڪورو نڪورو نئون ليکڪ (لکندڙ) آهيان. مون کي ڪنهن بہ ادبي ٻوليءَ جي ڪابہ ڄاڻ نہ آهي. جيئن آيو آهي تيئن لکيو اٿم. معذوريءَ ۾ وقت کان فائدو وٺندي يادداشت جي بنياد ۽ اخباري ڪٽنگن جي سهاري تي رنڊا روڙيا اٿم. اميد تہ پڙهندڙ ان کي ضرور پسند ڪندا ان سان گڏوگڏ آءٌ هن ڪتاب معرفت انهن ماڻهن، دوستن ۽ پيارن کان ٻانهون ٻڌي معافي ٿو وٺان، جن سان مون نڀڳي- ڏوڪو ڪيو ۽ سندن (وڏن جي) عزت نہ ڪيم!! اميد آهي تہ منهنجي معذوريءَ کي مدنظر رکي مون کي معاف ڪندا.

هتي آءٌ هڪ وضاحت ڪرڻ گهران ٿو تہ منهنجي چنيءَ جو نال ”آچر“ آهي ۽ پيار جو نالو عزيز. هن وقت آءٌ سمجهان ٿو تہ عزيز پنگوار تمام گهڻيون غلطيون ڪيون هيون، تنهن ڪري آءٌ اڳتي جي لاءِ سيني کي گذارش ڪندس تہ مهرباني ڪري مون کي آئيندي (آچر سنڌي) جي نالي سان ياد ڪيو وڃي تہ مهرباني ٿيندي.

آخر ۾ آءٌ انهن دوستن جو شڪرگذار آهيان، جن ڪتاب لکائڻ ۾ منهنجي مددڪئي، انهن ۾ محترم قربان پنگوار ۽ محمد حنيف پنگوار شامل آهن ۽ انهن سان گڏوگڏ پنهنجي دوست ”منظور ميراڻيءَ“ جو شڪرگذار آهيان جنهن منهنجي هن ڪتاب کي فيئر ڪري سهڻو بنايو؛ ۽ رات ڏينهن اوجاڳا ڪري ڪتاب کي سينگاري ترتيب ڏنائين. ان کان علاوه پنهنجي والدين، پائرن، هرهڪ مختيار ۽ ممتاز ۽ پنهجي پاڻيجي خادم حسين، پائٽيي حامد پنگوار ۽ پڻ پنهنجي شريڪ حيات جو بہ شڪرگذار آهيان جن منهنجي خدمت ڪئي ۽ معذوريءَ هوندي بہ، مون کي معذوريءَ جو احساس نہ ڏياريو.

پنهنجي خوشي خيرات انهن لئہ،<br>
ڪڏهن نہ سي غمناڪ هجن،<br>
شاد رهن شل سدا گلاب جان،<br>
هيري جان حسناڪ هجن.

نوابشاهہ<br>
9-11- 1981ع

– عزيز پنگوار

(۱)

# هاءِ اسڪول ڪان ڪاليج تائين

سانگھڙ ضلعي جي ننڍڙي شهر "ڪنڊڙي" جي هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ڪرڻ بعد آءٌ ۱۹٦٨ع ڌاري "گورنمينٽ ڪاليج نواب شاھ" ۾ فرسٽ آرٽس ۾ داخلا وٺڻ لاءِ سنبريس.

ڪاليج جي وڏي نالي ۽ اتان جي ماحول جو تصور ڪندي، عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويئي، يعني خوف گاڏڙ خوشي. ڀلا ڪيئن نہ ٿيندي، هيل تائين پڙهيو هوس هاءِ اسڪول ۾، ڪاليج تہ خيرن سان ڏٺوئي ڪونہ هيم.

داخلا جي اڳئين ڏينهن تي، ڪيڏيون نہ سٽون ٿي ڪاڙيون دل! اصل مون کي ڄڻ نئين زندگي ملڻ واري هئي. پاڻ کي ڪاليج جي ماحول ۾ ضم ڪرڻ لاءِ ذهني طور تيار پئي ڪيم. ڪاليج ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ، نوان نوان خيال ذهن جي پردي تي ڊوڙائي رهيو هوس.

هاءِ اسڪول جي اُستادن جي رعب ۽ دٻدٻي جو تصور ايندي، اهو سوچي رهيو هوس تہ "ليڪچرار تہ الائي ڇا هوندو" سندس پرپٺ دهشت منهنجي لاءِ غير معمولي هئي. سوچيم "آهي بہ تہ آخر ڪاليج جو ليڪچرار" سڄي رات دل جي قرهيءَ تي اهي سوچون سانڍيم. خيرن سان صبح ٿيو. امڙ ڪان پيرن تي تي هٿ رکي موڪلائي راهي ٿيس، ڄڻ ڪنهن وڏي مسئلي جي حل لاءِ وڃي رهيو هجان، يا ڪو سرحدي تڪرار نبيرڻو هجيم.

پنهنجي سئوٽ "محترم سڪندر پنگوار" کي ساڻ ڪري ڪاليج ڏانهن رخ رکيم. (ڇو.جو سڪندر ان ئي ڪاليج جو شاگرد هو ۽ هن جي مدد جي اشد ضرورت هئي) دروازي تي شاگردن جي ڪافي

ڳپا ڳيھہ لڳي پئي هئي. اڻ ڏٺل ڇوڪرا، نوان نوان چهرا، منهنجي سامهون هئا. مون جهڙي جهنگ جي ڇوڪر لاءِ اهي سڀ شيون نيون ۽ عجب ۾ وجهندڙ هيون.

ڪاليج ائين لڳي رهيو هو ڄڻ رنگبرنگي گلن جو گلدستو، ائين هُجي بہ ڇو نہ- جو اڄ داخلا جو پهريون ڏهاڙو هو. ۽ هر ڪو نون نون ڪپڙن ۾ ملبوس هو. پائوڊرن ۽ سينٽ جي خوشبوءِ تہ ويتر سون تي سهاڳو هئي. بوٽ جي ڪڙيءَ جو ڪڙڪو ۽ ڪپڙن جي سرسراهٽ بهترين موسيقي پيدا ڪري رهي هئي. پارڪ ڇوڪرن جي ٽولن سان ڀريل هو. انهن مان ڪيترا داخلا جي فارمن حاصل ڪرڻ لاءِ پڇ ڳڇ ڪري رهيا هئا.

ڪاليج ۾ (ڪو ايجوڪيشن) گڏيل تعليم هئڻ ڪري ڇوڪريون بہ نظر اچي رهيون هيون. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي پاڻ ۾ بي تڪلف گفتگو ۽ انهن جو ميلاپ، مون کي ڪجهہ قدر ناگوار بہ لڳي رهيو هو، ڇو جو اهو ماحول مون لاءِ بنهہ نئون هو.

سڪندر پنگوار، داخلا فارم وٺي آيو. چانهہ پيئڻ لاءِ ڪاليج ڪينٽين (هوٽل) تي ويٺاسين. چانهہ جي چسڪين سان گڏ فارم پرڻ ۾ محو ٿي وياسين. لکڻ جو ڪم سڪندر ڪري رهيو هو. آءٌ وري ڪينٽين ۽ اتي ويٺلن جو جائزو وٺڻ لڳس ۽ هر شيءِ کي ائين گهوري پئي ڏٺم، جيئن ڊرائيور بس ۾ سوار ٿيڻ کان اڳ ان جي تيل- ٽانڪي ۽ ويلن جو جائزو وٺندو آهي. ويٺل شاگردن جي ٽولين ۽ انهن جي ڪچهرين، ٿڪن ۾ مون پاڻ کي ٻڏندو محسوس ڪيو. منهنجو سمورو ڌيان فارم تان هٽي، منڙيون منڙيون ڳالهيون ڪندڙ جوڙن ڏانهن ڇڪجي ويو. منهنجي دل جا اڌما جاڳي پيا ۽ تصور ۾ مستقبل جا خواب ڏسڻ لڳس. ان وقت آءٌ هر ڳالهہ کان بي خبر، بي نياز ۽ پنهنجي ڌن ۾ مگن هوس. سڪندر جي اوچتي سڏ تي سوچن جي مالها ٽٽي. هن تي مون کي جڪ اچڻ لڳا. اف.....ڪيڏي نہ حسين دنيا هئي خيالن جا ڪيڏا نہ سپنا سونهن وارا هيا، ان وقت سئوٽ چانهہ پيئڻ لاءِ چيو. آءٌ ظاهري پريشانيءَ کي لڪائيندي. پاڻ کي خيالن جي دنيا مان واپس آڻيندي هن ڏانهن متوجہ ٿيس.

پڙهائيءَ ڏانهن ڏيان. جي نہ پڙهندا تہ اڳتي هلي ڪهڙا قاڙها ماريندا.....!؟

ياد اٿم تہ اسان جا محترم استاد صاحبان هاءِ اسڪول ۾ ٻڌائيندا هئا تہ ”بابا، اوهين هاڻي سنت ئي ڪاليج وڃڻ وارا آهيو. اتي توهان جون جوابداريون وڌنديون، اوهان پنهنجي غريب والدين جو خيال ڪندي، پنهنجي مستقبل لاءِ سوچيندي سٺي محنت ڪجو تہ جيئن اوهين آئينده جا سٺا انسان بنجي سگهو ۽ پڻ قومي خدمت ڪري سگهو.“

شايد اسان جا لائق استاد پنهنجو شاندار ماضي ياد ڪندي ائين چوندا هئا. چو تہ اڳ ۾ ڪاليج جو ماحول، هن وقت ڪان بهترين هو. تڏهن تہ ائين چوندا هئا تہ ”ڪاليج ۾ اسڪول ڪان وڌيڪ سخت محنت ڪرڻي پوندي آهي؟“

تڏهن اهو ٻڌندي سڪندر، مرڪي مون کي جواب ڏنو تہ ”اسان جي ذهن تي بہ ڪاليجي زندگيءَ ۾ داخل ٿيندي، اهي سوال ايريا هئا“ اڃان آءٌ ڪجھ ڪڇان، ئي ڪڇان، تنهن ڪان اڳ ۾ هن هڪ ٺهڪ ڏيندي چيو تہ ”بهتر ائين ٿيندو تہ هن ماحول ۾ منجهڻ ڪان بغير پاڻ کي ان ۾ ضم ڪري ڇڏجي، ٿورن ڏينهن بعد توکي هيءُ ماحول پهرين ڪان بهتر نظر ايندو.“ اهو ٻڌي منهنجا ڊڪر لڳي ويا.

ڪاليج پهچڻ بعد ساڳيو ڇهڇٽو، ساڳيو ماحول، ڪينٽين جي دريءَ ڪان ويندي ڪلاس تائين، هر شيءِ ائين هئي جيئن ڪالهہ ڏٺي هيم. ڪلاس شروع ٿيڻ جو پڇيم وراڻيءَ ۾ سڪندر چيو ”ڪلاس هلڻ ۾ اڃا ڪجھ ڏينهن لڳندا.“ ايتري ۾ منهنجا ڪالهوڪا دوست بہ هڪ ٽولي جي صورت ۾ اچي نازل ٿيا. (جيڪي مون ڪان سينيئر هئا پر پڙهيا هڪ ئي اسڪول (ڪڏڙي) ۾ هئاسين) چانهہ جو آرڊر ڏنم. سڪندر بيري کي بسڪوٽ بہ آڻڻ لاءِ چيو. هاڻي سيني ڪوڙ ڪٽيا. آءٌ هنن جي ڪچهري هڪ ڪنو تي ٻڌي رهيو هوس. خيالن جي ساگر ۾ قدرت جي ڪاريگريءَ تي سوچي رهيو هوس تہ ايتري ۾ چانهہ بہ اچي ويئي، سڪندر بيري کي پئسا ڏيئي ڇڏيا. گهڙيءَ کن ڪان پوءِ بقايا پئسا بيرو کڻي آيو تہ انهن منجها:
ڪيس خرچيءَ طور واپس ڏيئي ڇڏيائين.

اسان سيني جا وات کٽلي تي ويا. مڙني دوستن کي عجب ٿيڻ لڳو ۽ سڪندر کي يڪ آواز تي چوڻ لڳاسين ته "ڪڏهن کان وٺي اهڙو سخي ٿيو آهين." هن به نهه پهه چئي ڏنو ته "يار اسين به ڪي گهٽ ته ڪين آهيون." سيني کلي ڏنو، هڪ ٽهڪڙو مچي ويو. وينل مير حسن شر، مون ڏي نهاري سڪندر سان مخاطب ٿيندي چيائين ته "ها يار تون واقعي گهٽ نه آهين، تون زور آهين تمام گهڻو زور."

ڪاليج جو ٽائيم پورو ٿيو ته اسان سڀ ڪينٽين تان اٿي شهر گهمڻ وياسين. مير حسن وارا، گهمي ڦري آخر ۾ موڪلائي ويا ۽ مون پنهنجي خالي کيسي تي هٿ رکي حسرت ڀرين نگاهن سان سڪندر ڏانهن ڏسي رهيو. هوس ته صبح ڪا پئسا اجهو ٿو واپس ڏئي. پر هو به هو مون وانگر ڪنگال ڪاٿو- سو واپس ڏيڻ جي هن به ڪونه واري. دل ئي دل ۾ چئي رهيو هوس ته "ڏيڻ جي ڏينهن ته هيءُ مڙس ڇائو ئي ڪونهي."

ائين تاريخ ترڪٽي مهينو گم سم وانگر ڏينهن گذرندا رهيا ڏهاڙا هڪ هڪ تي گم ٿيندا ويا. اسان جي به ساڳي اٿ ويهه، ميل ميلاپ ڪل پوڳ. هڪ ڏينهن (شايد ڇنڇر ڏينهن) ڪاليج ۾ چڪر ڏيئي رهيا هئاسين ته سامهون مير حسن کي ايندو ڏٺوسين. پري کان ئي رڙ ڪري چيائين ته "ڪلاس اٽينڊ نه ٿا ڪريو" سڪندر به انهيءَ ساڳي انداز سان جواب ڏنس ته "پيارا- پڙهائي اجا ڪانه ٿي هلي." پڙهائي هلي نه هلي، ڪلاس ۾ ته موڪلينس. پاڻ نه ٿو پڙهين ته هن ابوجهه (مون ڏانهن اشارو ڪندي) کي به رلائيندو ٿو وتين- مير حسن تلقين واري انداز سان ڪيس چيو." بس، سومر کان ڪلاس اٽينڊ ڪرائيندو مانس." (مير حسن جي ڳالهه کي ڪٽيندي) سڪندر چيو.

آچر جي موڪل ڪائي- سومر ڏينهن اسان ٻئي ڪاليج آياسين. سڪندر هڪ به نه ٻڌي. زوريءَ ڪينٽين تي وٺي آيو. چانهه جو آرڊر مس ڏنوسين ته مير حسن به اچي نڪاءُ ڪيو. اچڻ سان مون کي چيائين ته "اجان ڪلاس ۾ ڪونه ٿا وڃو؟" مون هڪدم وراڻيو "آئون ته تيار آهيان." مير حسن کي سڪندر ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. ويتر ڪيس چانهه جي صلاح ڪيائين. مير حسن مون کي ٻانهن کان وٺي

اٿاريو ۽ هلڻ جو چيائين. سڪندر چيو اڙي! مون کي تہ چانهن پيئڻ ڏيو تہ مير حسن چيو” چانهيون پانهيون پاڻ پيءُ ۽ پيسا بہ پاڻ ڏي اسان وڃون پيا.“

هن مون کي (فرسٽ فلور تي) هڪ ڪلاس وٽ اچي ڇڏيو ۽ اندر وڃڻ لاءِ چيائين. مون ڪلاس جي در وٽ بيهندي خشڪ نڙيءَ مان آواز ڪڍيو تہ ”مي آئي ڪم ان سر“ مسٽر خالد، ليڪچرار، منهنجو حال ڏسي چيو: ”آئيي آئيي جناب تشريف لائيي“ مان ڏڪي ويس جو مون کي هاءِ اسڪول وارو ماحول ياد اچڻ لڳو. ليڪچرار وري چيو ”آپ ڪهان سي تشريف لائي هين“ اجان آءٌ جواب ڏيان ئي ڏيان تہ پريان اهو (ساڳيو ڪار وارو) ڇوڪرو يعنيٰ سڪندر ڏهراج (جيڪو فرسٽ ايئر جو شاگرد هو) اٿيو ۽ رڙ ڪري چيائين ”اڙي ڀهراڙيءَ جا ٻڪرا آيو آهين-؟ سڄي ڪلاس ۾ ٽهڪڙو مچي ويو منهنجي جسم تي ڄڻ ڪتڙيون چڙهي ويون.

ليڪچرار ويهڻ جو اشارو ڪيو. آءٌ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي ڊيسڪن پرسان تيز ڪائيندو وڃي هڪ بينچ تي ويهڻ جي ڪري رهيو هوس تہ اوچتو پويان قميص کي سٽ آئي، پوئتي ڏٺم تہ هڪ خوش پوش نوجوان کلي رهيو هو جنهن جي منهن تي مرڪ هئي تنهن پنهنجي پرسان ويهڻ جو چيو، آءٌ هن سان ويهي رهيس. مون کان تمام آهستي پنهنجو نالو پڇيائين، مون ڊڄندي ڪيس ٻڌايو (جو تہ مون کي ليڪچرار جي نظر پوڻ جو ڊپ هو) هن پنهنجو نالو ٻڌائيندي چيو تہ ادل منهنجو نالو فيض محمد ۽ ذات جو هيسباڻي آهيان.

خيرن سان ليڪچر پورو ٿيو، هاڻي ڇوڪرا ٻاهر نڪرڻ لڳا، اسين بہ نوان دوست اچي پارڪ ۾ ويٺاسين. فيض محمد، مون کان منهنجي ڪن مائٽن بابت پڇڻ لڳو جيڪي نهايت رعب ۽ دٻدٻي واري زندگي گذاري رهيا هئا. تن مان راجو پنگوار، محمد يوسف پنگوار ۽ دولت خان جيڪي منهنجا ويجها عزيز بہ هئا، پارڪ مان اٿي اسين وڃي هوٽل تي ويٺاسين، فيض محمد چانهہ جو آرڊر ڏنو تہ مٿان سڪندر پنگوار، خير محمد، غضنفر علي، سڄڻ ۽ مير حسن وارن بہ اچي سلام ورايو. ڪافي وقت ڪچهري ڪندا رهياسين. مٿان ڪاليج بند ٿيڻ جو اچي ٽائيم ٿيو سو فيض محمد ۽ ٻن دوستن کان

بيل وڳو ۽ رسيس بند ٿي آءٌ فيض محمد جون ڳالهيون ٻڌي (مون تي نفسياتي اثر ٿي ويو) دل ئي دل ۾ ڊڄي ويس خوف اچي ورايم ته هيءُ هاڻ مون سان ضرور وڙهندو! ڇوڪرا پاڻ ۾ سس پس ڪري رهيا هئا ته "سڪندر جا دوست عزيز لاءِ انتظار ڪري رهيا آهن. اڳئي مون تي هيسباڻيءَ وارو نفيساتي اثر، ويتر اُهي ڳالهيون ٻڌي، منهنجو سڄو وجود لرزي ويو موڪل ملڻ بعد سڪندر مون ڏي ڪاوڙ مان نهاريندو جلدي جلدي ٻاهر نڪري ويو.

آءٌ ۽ فيض محمد به ڪجهه دير بعد ڪلاس کان ٻاهر نڪتاسين پريان بي. اي ٿو جي ڪلاس مان منهنجو سئوٽ سڪندر، خير محمد ۽ ڪافي ٻيا دوست ٻاهر نڪرندي ڏٺم سو آءٌ به ساڻن وڃي گڏيس مون هنن کي سڄي حقيقت کان واقف ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي ٽانگي ۾ (ڪيئن منٿون ڪري) ويهاريم. جڏهن ٽانگو ڪينٽين وٽان لانگهائو ٿيو ته سڪندر مون ڏانهن نهاريندو رهجي ويو. ليڪن ڪري ڪجهه نه سگهيو. ڇاڪاڻ ته آءٌ به اڪيلو ڪونه هوس. منهنجو به پنهنجو جوڙ هو. هاڻي آءٌ دوستن کي پنهنجو باڊي گارڊ تصور ڪرڻ لڳس تنهن ڪري مون خوف کي غرور ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن آءٌ سوير ئي اچي ڪلاس ۾ ويهي رهيس. آهستي آهستي ڇوڪرا ايندا ويا. جڏهن سڪندر ڪلاس ۾ داخل ٿيو تنهن جي نظر سڀ کان پهريان مون تي پئي. ڏٺم ته هو حقارت سان گهوريندي پنهنجي مخصوص جاءِ (جيڪا دريءَ جي پرسان هئي) تي وڃي ويٺو، ڇو ته سياري جي موسم هئي. تنهن ڪري تڙڪي لاءِ وڃي اتي ويهندو هو.

ليڪچر هلندي هن شرارت ڪري. ننڍڙو شيشو جيڪو سنڌس فائيل ۾ لڳل هو اهو ڪڍي پهريائين پاڻ کي ڏسي پوءِ شيشي جو اولڙو منهنجي چهري تي هنيائين. اولڙي جي ڪري منهنجون اکيون بنهه جهڪي ويون. هن وري هڪ شاگرديائيءَ جي چهري تي اولڙو ڪيو، جڏهن اهي ڪرٽا اکين تي پيس ته چرڪ پري اولڙي ڪندڙ ڏانهن ڏٺائين ته سامهون سڪندر ڏهراج کي مرڪندي ڏٺائين، بعد ۾ منهن موڙي ليڪچر ٻڌڻ لڳي. ٿوريءَ دير کان پوءِ وري ڪرٽا سنڌس چهري تي هيا ۽ ڪرٽن سان گڏ ٺهڪ به ٻڌڻ ۾ آيس. ڇوڪريءَ

شر، احمد خان شر، سچڻ ڏاهري، خير محمد مري، غضنفر علي، فيض محمد هيسباڻي، سڪندر پنگوار، اڪبر پنگوار بہ بيٺا هئا. سڪندر ڏهراج پنهنجي دوستن ڏانهن ويو ۽ آءٌ پنهنجي دوستن ڏانهن آيس. مير حسن شر ڪلي چيو تہ: ”اڙي مري وئين!“ هوڏانهن سڪندر ڏهراج ڪي بہ دوست ڦريو بيٺا هئا ۽ ڪيترائي ٻيا شاگرد ڳالهين ٻڌڻ لاءِ ٻنهي پاسي چڪر ڪاٽي رهيا هئا تہ اوچتو اڪبر پنگوار وڏي واڪي چيو تہ ”خبردار- جي ڪنهن بہ عزيز جو نالو ورتو آهي تہ ان جو خير نہ آهي- بس افسوس تہ اهو آهي تہ عزيز هن جو مٿو نہ ڦاڙيو- جو هيءُ پيءُ وٽ رت ڳاڙيندو وڃي ها!!“

اهي لفظ ٻڌندي منهنجو حوصلو ويتر وڌي ويو. ايتري ۾ پرنسپال مون ۽ سڪندر ٻنهي کي ٻيهر گهرايو. اندر پهوڙ صاحب بہ ويٺو هو. اڪبر پنگوار بہ منهنجي پويان آيو، پرنسپال پهوڙ صاحب کي چيو تہ ”هنن ٻنهي کي TC ڏيون ٿا!“ تنهن تي مون چيو تہ ”سائين آءٌ (TC) ٽي سي چو وٺان، جنهن جو ڏوهہ هجي ان کي ڏيو.“ پرنسپال، پهوڙ صاحب کان پڇيو تہ ”ڏوهہ ڪنهن جو آهي؟“ پهوڙ صاحب ٻي ڏڙڪ ڇنئي ڏنو تہ ”سڪندر ڏهراج جو.“

اوچتو هڪ ٺاٺ باٺ وارو شخص جنهن جي هڪڙي هٿ ۾ ٽيڪ ڏيڻ وارو لڪڻ ۽ ٻئي هٿ ۾ سگريٽ هو، ڪمري ۾ داخل ٿيو. سڪندر هن کي ڏسي ٽپ ڏئي اٿي بيٺو. پرنسپال ۽ پهوڙ صاحب بہ اٿي بيٺا. آئون ۽ اڪبر پنگوار بہ اٿي بيناسين. پرنسپال هن کي نالو وٺي (نور الله ڏهراج) ڪرسيءَ تي ويهڻ جو چيو. نور الله ڏهراج، مون ڏي ڪاوڙ ۽ حقارت ڀريل نظرن سان گهوري نهاريو. پرنسپال هن سان مخاطب ٿي چيو تہ: ”افسوس جو مون اوهان کي فون ڪري تڪليف ڏني، حقيقت ۾ ڏوهہ توهان جي پٽ جو آهي، مون سڀ حقيقت معلوم ڪئي آهي. توهان جو پٽ نہ ليڪچرار جو ادب ڪري ٿو ۽ نہ وري ڇوڪرين جي عزت جو خيال اٿس. هن ڇوڪري سان بہ هرويرو (مون ڏانهن اشارو ڪري) جهيڙو ڪيو اٿائين.“

نور الله پرنسپال کان منهنجو ۽ منهنجي پيءُ جو نالو پڇيو. اڪبر ڏانهنس مرڪندي چيو تہ ”هيءُ منهنجو سوٽ آهي حاجي صيفل خان پنگوار جو پٽ آهي.“ نورالله ڏهراج مون کي دٻائيندي چيو تہ

”ڇوڪرا تنهنجو پيءُ ته منهنجو سٺو دوست آهي. هو ته شريف ماڻهو آهي تون ڪنهن تي وئين؟“ پرنسپال صاحب ڳالهه ڪي ڪٽيندي مون کي ۽ سڪندر کي ٽڏيون ٽانيون وڏيون مطلب ته پرچاءُ ڪرائڻ لاءِ ڏگهو نصيحت ڀريو ليڪچر ڏيڻ شروع ڪيو. آخر ۾ سڪندر ڌهراج نه چاهيندي به مون سان ياڪر پاتو. بعد ۾ ٻنهي کي هدايت ڪئي ته ”اڄ کان پوءِ جيئن هو ڪابه شڪايت نه ٻڌي.“ ان کان پوءِ هو شايد سڪندر کي گهر وٺي ويو. جو موڪل ملڻ بعد ڏسڻ ۾ نه آيو. هن جا دوست ٻاهر بيٺل هئا. جيڪي مون ڏانهن صرف نهاريندا ئي رهجي ويا.

اڄ به معمول مطابق آءٌ ٻين دوستن سميت ٽانگي ۾ سوار ٿي ڪاليج آيس. ڪينٽين وٽ مير حسن شر ۽ ٻيا دوست مليا، جن سان وڃي هوٽل تي چانهه جون چُڪيون ۽ ڪوڙ ڪٿڻ لڳاسين. اتي هڪڙا ٽي ڄڻا نوجوان آيا جن جيئي سنڌ جيئي سنڌ چئي هٿ ملايو. انهن مان هڪ کي گيڙو ڪپڙا پيل هئا، وار ڪريل، اکين تي ڪارو چشمو پاتل، قد جو بندرو ۽ سهڻو جوان هو سو منهنجي ير ۾ اچي وينو.

اڄ پهريون ڀيرو مون جيئي سنڌ، جيئي سنڌ جو لفظ ٻڌو هو. تعارف ٿيڻ کانپوءِ معلوم ٿيو ته سندس نالو شاهه محمد شاهه هو ويهڻ کان پوءِ هن مون سان سڪندر ڌهراج واري جهيڙي جي ڳالهه ڇيڙي چيائين ته ”يار تو ته حد ڪري ڇڏي سڪندر ڌهراج جي اصل لئه ئي پجي ڇڏيئي!“ ان گهڙيءَ سڪندر ڌهراج جي ڪار زوراٽ ڪندي اچي ڪينٽين وٽ بيٺي. سڪندر مون ڏانهن ڪاوڙ منجهان گهوريو. پر اسان جو ٽولو وڏو ڏسي ماٺ ڪري ڪاليج ۾ اندر هليو ويو.

سڪندر پنگوار، شاهه محمد شاهه جي وڏيڪ واقفيت ڪرائيندي ٻڌايو ته هيءُ سنڌ جي قومي اڳواڻ محترم سائين جي. ايم سيد جو ويجهو مائٽ آهي (ياد رهي ته ان وقت شاهه محمد شاهه شاگرد جماعت ايس. اين. ايس. ايف سان تعلق رکندو هو. هيءُ سال ١٩٦٨ع جو زمانو هو) اسان سيئي ڪلاس ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ اٿان اٿياسين. ٻيا دوست پنهنجن پنهنجن ڪلاسن ۾ ويا ۽ آءٌ وري پنهنجي ڪلاس ۾ ويس. اڄا فيض محمد هيسباڻي ڪونه آيو هو. لاڳيتو ليڪچر هلندو رهيو ان وچ ۾ هينسباڻي به اچي نڪتو. اڄ رسيس ۾ به ليڪچرار ليڪچر ختم نه ڪيو رسيس پوري ٿيڻ بعد وري ليڪچرار آيو اڄ

سڄي ڏينهن ۾ ڪوبہ پيرڊ خالي ڪونہ هو. موڪل بعد آءٌ ٻاهر نڪتس تہ منهنجي اوچتو نظر سڪندر ڏهراج جي چيلهہ سان ٻڌل ريوالور تي پئي. هو پنهنجي دوستن سان گڏ بيٺو هو. مون فيض محمد کي اشارن ۾ ٻڌايو. (مون کي پريشان ڏسي) هو بہ مشڪل لڳو. پويان سڪندر ڏهراج جو ڊرائيور ڪار بيهاري بيٺو هو. سڪندر ڏهراج کي سندس پيءُ ڊرائيوري ڪرڻ کان روڪيو هو) هو بہ ڪار ۾ چڙهي هليا ويا ۽ آءٌ بہ سگهوئي ٽانگي جي ذريعي ڳوٺ ڏانهن راهي ٿيس.

آءٌ شهر ۾ دڪان تي پهتس، جو بابا اتي بيٺو هو. ٻہ منٽ ئي مس گذريا هوندا تہ ساڳيو ڊرائيور ۽ نورالله ڏهراج ڪار ۾ آيا. بابو کين ڏسي اتي بيٺو هو. ٻئي دڪان ۾ اندر آيا. والد صاحب کين ويهڻ جو چيو پر ڊرائيور ڪونہ وينو. ڏهراج صاحب اڃا حال احوال ئي ڪونہ ڏنا هئا تہ سڪندر پنگوار جو وڏو ڀاءُ "دولت خان" سائيڪل تي آيو ۽ اچي دڪان وٽ بيٺو. هو ڊرائيور سان ڀاڪر پائي مليو، ۽ ڪل يوڳ ڪرڻ لڳو. ڊرائيور ۽ دولت خان ٻئي مٿي دڪان تي اندر چڙهي آيا. نورالله ڏهراج، دولت خان کي سڃاڻندو هو، سو ڪلي ساڻس هٿ ملايائين. بعد ۾ بابي کي ڳالهين واسطي ٻاهر وٺي ويو ٿوريءَ دير بعد هو ٻئي موٽي آيا.

دولت خان، نورالله ڏهراج کي چيو تہ "توهان جو ڊرائيور عبدالرحمان مڪراني منهنجي دوست ٽينگو مڪراني (جيڪو شهر جو هڪ وڏو بدمعاش هو) جو ڀاءُ آهي. هن ٽينگوءَ کي ٻڌايو تہ "سڪندر پنهنجي دوستن سان گڏ عزيز سان وڙهڻ جو منصوبو ٺاهيو آهي، تنهن ڪري آءٌ عزيز کي ڏسڻ آيس. اڄ ڪانپوءِ عزيز سان گڏ منهنجا ماڻهو هوندا، جي اٽس وڙهيو تہ موڪل آهيس، مان توهان جي نوڪر کي ٻڌائي آيو آهيان تہ پلي هو سڪندر کي جاڻ ڪري ڇڏي."

دولت خان، اسان جي ڳوٺ جو غريب پر بهادر ماڻهو هو. هن جو پيءُ "شيردل" نالي هو. جهڙو نالو هيس. تهڙو ئي بهادر هو. شير دل جي بہ نورالله کي خبر هئي. پر بابا، دولت خان کي چپيندي چيو تہ "ميان! چاچي سان ائين نہ ڳالهاءِ. ڪجهہ خيال ڪر." دولت خان ڪٽي ماٺ ڪئي. والد صاحب، مون کي هلڻ جو چيو. آءٌ ماٺ ڪري ٻاهر نڪتس بابا، مون کي زوريءَ ڪار ۾ ويهاريو ۽ پاڻ بہ وينو. ڪار

ٿورن ڏينهن کان پوءِ شاهہ محمد شاهہ وارا سڪندر پنگوار، مير حسن شر، احمد خان شر، خير محمد مري ۽ ٻين دوستن کي احمد خان جماليءَ جي ڪمري ۾ اچڻ لاءِ (جيڪو سڪرنڊ روڊ- عيدگاهہ لڳ واقع هو) چٺي هليا ويا. سيني دوستن مون کي بہ هلڻ لاءِ چيو. اسان جاءِ ۾ اندر داخل ٿياسين تہ شاهہ محمد شاهہ وارا اڳيئي موجود هئا. هنن اسان سان ڪلي هٿ ملايو. ڳالهيون هليون تہ ڪلهہ فلاڻي شهر ۾ جلوس نڪتو اڄ فلاڻي شهر ۾ نڪرڻو آهي (هيءُ دور ايوبي آمريت جو هو جنهن ۾ جلوس ڪڍڻ تہ ٺهيو پر سوچڻ بہ ڏچو هو) شاهہ محمد شاهہ، اسان کي مخاطب ٿيندي چيو تہ "دوستو! پنهنجي شهر نوابشاهہ ۾ ڪوبہ جلوس ڪونہ نڪتو آهي. اسان کي بہ ڪجهہ ڪرڻ کپي. هيءُ دور ويهي ڳالهين ڪرڻ جو ناهي، پاڻ کي ون يونٽ جو ٺهري ڪوٽ ڪيرائڻو آهي. تنهن ڪري اسان سيني کي انهيءَ عظيم مقصد خاطر پنهنجي جان قربان ڪرڻ گهرجي. اسان جو پيارو ساٿي ڄام ساقي بہ نوابشاهہ اچڻو آهي. تاريخ جي خبر پئجي ويندي، توهان شاگردن کي تيار ڪريو."

انهن ڏينهن ۾ منهنجي سؤٽ اڪبر پنگوار کي هاءِ اسڪول ۾ ماستري ملي چڪي هئي. نيٺ ڄام ساقيءَ جي اچڻ جي تاريخ شاهہ محمد شاهہ ٻڌائي. ان ڏينهن اسان کي ڄام ساقيءَ جي هدايت موجب جلوس ڪڍڻو هو. ڪنهن ڇوڪر اها ڳالهہ وڃي پرنسپال صاحب کي پهچائي! تہ صبحاڻي ڇوڪرا جلوس ڪڍڻجي ڪوشش ۾ رڌل آهن. پرنسپال ڪارواني سخت ۾ سخت ايڊمنسٽريٽو هو. تنهن شاگردن مان انهن ڇوڪرن کي گهرايو. جن مان هن کي جلوس ڪڍڻ جو ڊپ هو. مونکي، سڪندر پنگوار، شاهہ محمد شاهہ، خير محمد مري، سڪندر ڏهراڄ کي بہ گهرايو. اسان (اتي الي وياسين) چيو تہ اسان جو ڪوبہ اهڙو ارادو ڪونہ آهي.

ٻئي ڏينهن اهو ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو تہ جن شاگردن کي اسان پاڻ سان گڏ جلوس ڪڍڻ لاءِ تيار ڪيو هو تن مان ڪافي ڇوڪرا غير حاضر هئا. اسان پنهنجي پروگرام موجب ٻئي پيرڊ ۾ ڪئي ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪرڻ شروع ڪيو. ڪارواني گوڙ تي ٻاهر نڪتو ۽ اسان کي دٻائڻ لڳو پر ان وقت سندس دال نہ ڳري ۽ هن جي ڌمڪين

جي پرواهه نه ڪندي اسان ٻاهر نڪتاسين. اتي اسان جي حمايت ۾ سنڌي ڀينرن شاهين ميمڻ، رضيه شيخ، قمر ميمڻ، ۽ ٻين به نعرا هنيا. ڪاليج جي پرسان ڊي سي هاءِ اسڪول جي عمارت هئي. اتي اسان جيئي سنڌ، ون يونٽ ٽوڙيو جا نعرا هنيا. مير حسن ڊوڙي وڃي گھنڊ وڄايو ته اڪثر سنڌي شاگرد ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري نڪري آيا. هن وقت اسان جي جلوس ۾ ڪافي شاگرد گڏ ٿي ويا هئا. ان بعد اسان ڊي- سي هاءِ اسڪول جي وڏي برانچ پهتاسين. پر ان وقت هيڊ ماستر سائين محترم ايڇ. ايم. خواجه صاحب هو. جنهن تي اڄ به اسان کي ناز آهي هو وڏو بردبار هو ۽ خود وڏو ايڊمنسٽريٽر هو ۽ ڪارواني صاحب ڪان به سخت هو پر ڇوڪرا ڪوبه خوف محسوس نه ڪندي ٻاهر نڪري آيا. ياد اٿم ته ان ڏينهن خواجه صاحب پاڻ اتي موجود ڪونه هو. شاگردن جي گڏ ٿيڻ بعد شاه محمد شاه اتي تقرير ڪئي. جنهن ويتر ڇوڪرن کي جوش ڏياريو جڻ ته باه تي پيٽرول پئجي ويو.

اتان پوءِ اسان ميونسپل هاءِ اسڪول، لياقت مارڪيٽ پهتاسين، جتي سڪندر پنگوار جو وڏو ڀاءُ اڪبر پنگوار ماستر هو. تنهن اسان لاءِ مصيبت ڪري ڇڏي. هڪ استاد نالي غلام محمد ته اسان کي گهٽ وڌ ڳالهايو پر اندر شاگرد ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري چڪا هئا. خبر ناهي ڪنهن شاگرد. ان گاريون ڏيندڙ استاد غلام محمد کي مٿي تي پڳل ڪرسي وهائي ڪڍي. استاد غلام محمد کي ڦٽيل ڏسي اڪبر پنگوار به ڪئي مات ڪئي. اهڙو ڪجهه جهڙو ڀت- مهاجر استاد به خاموشي اختيار ڪري ويهي رهيا. اتان ڦري اسان گورنمينٽ ڪاليج پهتاسين. جتي ڪارونيءَ جا چاڙتا ڇوڪرا اڃان ڪلاسن ۾ هئا. هوڏانهن پولس اسان جي پويان هئي جنهن اچا تائين ڪابه ڪاروائي ڪانه ڪئي هئي. ڪاليج ۾ اڳتي وڌياسين نه امجد لوڏي، لالي، دودي ۽ ٻين گيٽ بند ڪري ڇڏيو اسان ٻاهرين ڀت (ڪمپائونڊ وال ٽپي ڪاليج ۾ پهتاسين. اسان گهنڊ وڄايو ته سڀ سنڌي شاگرد وري به ٻاهر نڪري آيا ۽ ڇوڪريون به نعرا هڻنديون ٻاهر نڪري آيون. اهڙيءَ طرح جلوس بائيڪاٽ بعد پڄاڻيءَ تي پهتو ۽ پوءِ هرڪو ڇڙوڇڙ ٿي ويو. اسان ڪجهه ڇوڪرا احمد خان جماليءَ جي ڪمري ني پهتاسين پوءِ آءٌ ڳوٺ راهي ٿيس. خيرن سان جڏهن ڳوٺ پهتس ته

اڳيئي پوليس منهنجي مهمان لڳي ويني هئي. بابا سائين ٻنيءَ تي ويل هو. (اها ٻني اسان جي ڳوٺ کان ٥-٦ ميلن جي فاصلي تي گجرا واه جي پرڻين پر واقع آهي.) آءٌ اتان ڪنهن نموني ٽڙڪي ويس.

ٻئي ڏينهن آءٌ ڪاليج جي ڪينٽين تي وينو هوس ته هڪ اڻ واقف اچي چيو ته ”اوهان کي ڪجھ ماڻهو سڏين پيا. ٻاهر نڪتس ته پوليس مون کي ڪٽي سوگهو ڪيو. پوليس ٽرڪ ۾ جڏهن آٽي ويهاريائون ته اتي اڳيئي شاه محمد ۽ احمد خان جمالي ۽ ٻيا هئا. گهڙيءَ کن ۾ اسان لاڪپ ۾ پهچي چڪا هئاسين. شاگردن کي جڏهن اها خبر پئي ته هنن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو. اسان کي ڪارونيءَ گرفتار ڪرايو هو. صبح تي اخبار ۾ بائيڪاٽ ۽ گرفتارين جي خبر آئي.

اڪبر پنگوار، مون سان لاڪپ تي ملڻ آيو. هن چيو ته ”جي منهنجو چوڻ مڃين ته آءٌ ڪاروانيءَ کي چئي تنهنجو ضامن ڪرايان.” اڪبر پنگوار پنهنجي دؤر ۾ اسپورٽس انچارج هو. تنهن ڪري ۽ پڻ ٻين سببن جي ڪري ڪارواني صاحب جو گهٽگهرو هو.) مون انڪار ڪيو. ان رات مهاجر شاگردن اسان جي خلاف پٽين تي نعرا لکيا جي دوستن ۽ سنڌي شاگردن ڊاهي ڇڏيا. پٽين تي ۽ ڪٿي ۽ گڏه تي ڪارواني هاءِ هاءِ لکي ڇڏيائون. نيٺ سنڌي شاگردن جي لڳاتار بائيڪاٽ جي ڪري اسان کي آزاد ڪيو ويو. ڪيترا هفتا اسان ايوبي آمريت جي ڦهري ڪوٽ کي ڪيرائڻ لاءِ شاگردن جي اپيلن تي جلسا ۽ جلوس ڪيندا رهياسين.

هڪ ڏينهن ڪينٽين وٽ پهتس ته شاهه محمد شاه منهن جو تعارف هڪ نئين دوست سان ڪرايو (حبيب الله ناريجي سان گڏ هڪ منگي چوڪرو هو جنهن جو نالو وسري ويو اٿم. هي ڇهن ٻين چوڪرن سان گڏ ڪاليج گهمڻ آيا هئا.) مون کي چيائين ته هي لاڙڪاڻي جو دوست حبيب الله ناريجو آهي. مون هن سان گهٻراهٽ ۾ هٿ ملايو. شاه محمد شاه کي حبيب الله ناريجو چيو ته ”اسان اخبارن ۾ توهان جي شهر ۾ شاگردن جي تحريڪ جو ٻڌندا ۽ پڙهندا رهيا آهيون. انهيءَ ڪري اڄ توهان سان ملڻ آيا آهيون.“ هنن دوستن چيو ته ”اسين اوهان جو ڪاليج گهمڻ گهرون ٿا.“ گهڙي کن ڪچهري

ڪرڻ ڪان پوءِ ڪاليج گهمڻ لاءِ تيار ٿياسين. اسان پارڪن جي ساوڪ مان لطف اندوز ٿيندا پئي وياسين ته مهاجر شاگردن اسان کي ڏسي قواليءَ واري نموني ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. مون کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. سو مون هنن کي للڪاريو. تنهن تي حبيب الله ناريجي مون کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ته ”ادا توهين شاگرد پاڻ ۾ وڙهو ٿا. پنهنجو ته هنن سان جهيڙو ئي ڪونهي.“ آخرڪار وڃي ڪاليج بلڊنگ ۾ پهتاسين ته پويان امجد لوڏي، لالي ۽ ٻيا گهڻائي مهاجر شاگرد اچي پهتا ۽ گاريون ڏيندي چوڻ لڳا ته ”ان ڪو ڪاليج سي نڪالو.“ مون به کين گار ڏيندي چيو ته ”توهان جي پيءُ جو ڪاليج آهي ڇا-“

ايتري ۾ هو سڀ اسان تي چڙهي ويا. مون کي خبر تڏهن پئي جڏهن هڪ ليڪچرار مختيار اچي ڇڏايو (جيڪو منهنجو سؤٽ احمد علي پنگوار سان گڏ پڙهندو هو. سو بعد ۾ ليڪچرار ٿي آيو. جنهن پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي مون کي ڇڏايو) مون کي هنن ايترو ته ماريو جو سڄو رتو ڇاڻ ٿيل هوس. سي بيهوشيءَ واري حالت ۾ ڇڏي ويا هئا. گهڻيءَ دير کان پوءِ مون هيڏي هوڏي نهاريو ته سنڌي ليڪچرار جو منهن ڪومايل هو. شاه محمد شاه، احمد خان جمالي ۽ ٻيا دوست نظر ئي نه ٿي آيا. پريان سنڌي ليڪچرارن جا چهرا مرجهايل هئا. جيڪي همدرديءَ واري نظر سان مون ڏانهن وڏي رهيا هئا. رسيس ختم ٿي چڪي هئي، سنڌي شاگردن ڪلاسن ۾ وينل نظر آيا. پرنسپال ڪارواني، پنهنجي وحشي هوس کي تسڪين ڏيارائي مرڪي رهيو هو. آءٌ سڌو ٿاڻي تي آيس. جتي مون وارا دوست، شاه جمالي ناريجو موجود هئا. ان وقت صوبيدار جان محمد ناريجو هو. جيڪو حبيب الله ناريجي جو مائٽ هو. ناريجي چيس ته ”ادا هيءُ شاگردن جو مسئلو آهي رپورٽ نه لکرايو ته صوبيدار مونکان رپورٽ ڪانه ورتي. ايتري ۾ سنڌي شاگرد به اچي گڏ ٿيا هئا. رپورٽ نه وٺڻ جي حالت ۾ (ان وقت) ڊي- سي جناب اخلاق حسين ڏانهن ويس- اتي ايس- پي عبدالرحيم رئيساڻي صاحب به وينل هو. اسان اڃان ويناسين ئي مس ته مهاجر ڇوڪرا به اچي پهتا. انهن اچڻ شرط ڊي- سي صاحب کي چيو ته ”ڏوهه هنن جو آهي“ اسان چيو ته ”هي ڪوڙ ٿا هڻن، ڏوهه سندن آهي.“ نيٺ گهڻي گپاگيهه بعد ڊي- سي ۽ ايس- پيءَ اسان ۽

مهاجرن جو ناهه ڪرايو، ڊي- سي صاحب فون ڪري ڊاڪٽر انور ميمڻ کي پنهنجي آفيس ۾ گهرايو ۽ منهنجي مرهم پٽي ڪرائي. ان ڪان پوءِ مون کي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. ڊاڪٽر صاحب منهنجو علاج سٺي نموني ڪيو ۽ آءٌ جلدي چاق ٿي ويس.

جلسن جلوسن جو سلسلو هلندو رهيو. نيٺ ايوبي آمريت ختم ٿي. هاڻي يحيٰ خان مارشل لا لڳائي. ان پيري پهريون دفعو سنڌ جي وڏن سياسي رهنمائن جو نواب شاهه ۾ اچڻ ٿيو. جيڪي سيد رشيد احمد وڪيل جي دعوت تي آيا هئا. اسان گاڏيءَ جي انتظار ۾ پليٽفارم تي بيٺا هئاسين. سڀني دوستن جي هٿن ۾ گلن جا هار هئا، ڏاڍي رش هئي. اسان جي پرسان هڪ اڻ ڃاتل چهرو اسان جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو. شاهه محمد شاهه هن کي سڃاڻي ورتو ۽ اسان کي اتان کسڪائي آيو ۽ پوءِ ٻڌائين ته اهو سي- آءِ- ڊيءَ جو هو.

انتظار جون گهڙيون پوريون ٿيون. گاڏي پليٽفارم تي پهچي چڪي هئي. هڪڙي بوگيءَ جي در وٽ به هٽ لهرڻ لڳا. اسان اوڏانهن ڊوڙياسين. هاڻي اسان جو محبوب رهنما ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي هيٺ لهي چڪو هو. اسان کيس گلن جا هار پارايا. ان کان پوءِ نعرا هڻندا هن عظيم انسان کي جلوس جي شڪل ۾ سيد وڪيل جي جاءِ تي وٺي آياسين. جلسي جو انتظار ڪيو ويو هو. ان جلسي ۾ ڪامريڊ غلام محمد لغاري، غلام نبي شيخ وڪيل به موجود هئا. جلسو زبردست ڪامياب ٿيو. هن جلسي ۾ شاگردن جي طرفان جناب ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ کي اجرڪ پارايو ويو. ياد اٿم ته هن ئي جلسي ۾ محترم حيدر بخش جتوئيءَ کي "باباءِ سنڌ" جو لقب ڏنو ويو. ٻئي ڏينهن اسان جو عظيم انسان ۽ رهنما پنهنجو سنديش پهچائڻ لاءِ ٻئي پاسي روانو ٿي ويو.

مارشل لا جي پيچڪڙيءَ جي ڏوهه ۾ اسان تي ڪيس مڙهيو ويو. جن ماڻهن کي ان سلسلي ۾ گرفتار ڪيو ويو تن ۾ سيد رشيد احمد وڪيل، شيخ غلام نبي وڪيل، شهمير پنگوار، مير محمد سهتو، قاضي عبدالخالق (جنهن جو تعلق نيشنل عوامي پارٽيءَ سان هو) شاگردن ۾ شاهه محمد شاهه، احمد خان جمالي ۽ آءٌ هيس.

اڳتي وڌياسين. اندرين جيل جيڏين پتين تي نظر پئي، دل کي ماحول وڻندڙ محسوس ٿيو. پريان کولين ۾ لوهي شيخن جي پرزيان قيد ٿيل سنڌي جوڌا، شهپريل ۽ چاپين ڏاڙهين وارن جوڌن سان نظرون اٽڪيون. هنن سپاهين کان اسان بابت پڇا ٿي ڪئي ته "پڪا آهن يا ڪچا؟" سپاهين کين چيو ته "پڪا آهن." مون کي ڪچي، پڪي جي ڪابه خبر ڪانه هئي. مون ان بابت سپاهين کان پڇيو. جن ٻڌايو ته "ڪچا معنيٰ جن کي سزا لڳل نه هجي ۽ پڪا معنيٰ جن کي سزا لڳل هجي."

اسان کي هڪ باريڪ ۾ وري بند ڪيو ويو. کوليءَ ۾ اڳئي هڪ ٻه پراڻا ۽ ڦاٽل ڪتا پيل هئا. سامهون ٻي باريڪ هئي، جنهن جي لوهي دروازي پويان هڪ اڌڙوٽ ويٺل هو.

سج لهي چڪو هو ۽ جيل ۾ بلبن جي روشني اهڙي ته تيز هئي جو ڄڻ سج مٿي چڙهي آيو هجي. ڊيوٽي ڏيندڙ سپاهي هاڻي اسان کي وڏيءَ باريڪ ۾ وٺي آيو. جتي قيدين جي تمام گهڻائي هئي، اندر گهڙياسين. گهڙي کن کان پوءِ سپاهي اسان کي ٣-٣ ڪمبل وڇائڻ ۽ مٿان وجهڻ لاءِ ڏني ويو. اسين ڪمبل پٿاري ويهي رهياسين. ايتري ۾ هڪ قداور اڌڙوٽ پر مضبوط جسم جو مالڪ مسڪرائيندي پر ۾ ويهي اسان سان واقفيت ڪرڻ لڳو. پاڻ بابت ٻڌائين ته هو خان محمد نيازي- ميانواليءَ جو آهي. ٨- سالن جي ڪيس سزا لڳل آهي.

جيل ۾ اسان جتي مضبوط جسم ۽ دل وارا، جوان ۽ جوڌا ڏٺا، اتي ڪي وري روئيندي ۽ ٻاڏائيندي به ڏٺاسين. اسان کي سواءِ احمد خان جماليءَ جي ٻه ٻه فائيل ڏنا ويا. اسان جي ليکي ته اسان جي سزا جي تفصيل وارا ڪاغذ هوندا. پر خبر تڏهن پيئي ته اردليءَ اسان جي هٿن ۾ اڇا اڇا ڪپڙا ڏنا. اسان جي پڇڻ تي ٻڌايائين ته هيءَ توهان جي جيل جي وردي آهي! هلي پنهنجا سول ڪپڙا گودام ۾ جمع ڪرايو. سپاهي اسان کي موٽائي هڪڙي باريڪ ۾ وٺي آيو ۽ دروازو کولي اندر وجهڻ لاءِ چيائين.

اسان پنهنجا اڳيان ڪپڙا لاهي قيدين وارا ڪپڙا پاتا. اڇي پتلون جهڙي شلوار ۽ مولوين واري اڇي فراڪ جهڙي قميص ۽ مٿي تي پائڻ لاءِ اڇي ٽوپي. هينئر هرڪو دوست هڪٻئي کي ڏسي کلڻ

لڳو. اسان لباس پهرڻ کان پوءِ حقيقت ۾ پاڻ کي به پورو ڪونه پيا سجاڻي سگهون ڇو جو اسان جو حليو ئي بدلجي چڪو هو. سوڙهي شلوار، گوڏن کان هيٺ ٿوري هيٺ قميص ڪنهن کي پوري ته ڪنهن کي اڌپوري، باقي ٽوپيون سيني کي پوريون هيون، پر منهنجو مٿو امڙ خيرن سان انهيءَ ٽوپيءَ پائڻ لاءِ ويهاريو ئي ڪونه هو، ۽ وري مزي جي ڳالهه ته مونکي ڪپڙا به وري اهڙي ڪنهن بندري قد واري جا مليا جو منهنجو قد بلڪل ان جي ابتڙ هو، يعني بيلنگهه- هاڻي آئون باجنسي مسخرو لڳي رهيو هوس.

اسان کي بڪ به ڏاڍي لڳي هئي. ٿوري دير ۾ پٽاٽا ۽ ڳپل مانيون آيون. اسان هاڻي کائڻ ۾ جنبي وياسين. هڪ همراهه سگريٽ جا ڪش هڻندو اسان وٽ آيو اچڻ سان پڇيائين ته ياٺرو ڪهڙي ڪيس ۾ آيا آهيو. اسان هن کي سچي حقيقت ٻڌائي. هن اهو ٻڌي چيو ته هتي فشري ڪيو ته چڻ ڪلهه مري ويئو. اسان سندس مبهم مطلب سمجهي نه سگهياسين. جڏهن هو اٿي ويو ته اسان نيازيءَ کان پڇيو ته ان جو مطلب ڇا آهي؟ تنهن هتان جي مخصوص لفظن کان واقف ڪيو. هن ٻڌايو ته هت ڪاڪوس کي ڪڙڪي، بلڊ کي بدمعاشي ۽ هڪ باريڪ واري کي هندي وال چوندا آهن. ان کان سواءِ پيا به ڪافي مخصوص لفظ ٻڌايائين. ايتري ۾ هڪ ڳرو آواز ڪنن سان ٽڪرايو "جوڙي جوڙي ٿي ويهو" اسان وائڙن وانگر نيازيءَ ڏانهن نهاريو ته نيازي اٿي بيهي رهيو ۽ چيائين ته هاڻي قيدين جي ڳڻپ ٿيندي. سو توهان به ٻه ٻه همراهه ٿي ويهو، ته ڳڻپ ڪرڻ وارن کي سولائي ٿئي. سپاهي آيو ۽ ڳڻپ ڪري هليو ويو. بعد ۾ هڪ ٻيو آواز ڪنن سان ٻيهر ٽڪرايو "٢٧- ٽوٽل جو خير" انهيءَ خير جو اسان، پراڻن قيدين کان مطلب پڇيو. هنن ٻڌايو ته هر باريڪ ۾ جيترا قيدي هوندا آهن. تن مان هڪڙي جي ڊيوٽي ٽن ڪلاڪن جي جاڳڻ جي هوندي آهي ۽ ڊيوٽيءَ مهل هو پنهنجي باريڪ جي قيدين جي ٽوٽل يعني تعداد جو آواز وڏي واڪي ٻڌائيندو آهي. ٻاهر جمعدار وينو هنن جا واڪا ٻڌندو رهندو آهي. ايتري ۾ ٻين باريڪن مان به اهڙا آواز اچڻ لڳا. جيڪي پنهنجي باريڪ ۾ رهندڙ قيدين جي ٽوٽل جو انگ

پاڻ ۾ تکو ڳالهائيندي ڏسي نيازيءَ چيو تہ ”ماڻهو چا سمجهندا تہ هي ڪي بنهہ بزدل آهن جو پهرئين ڏينهن تي بيزار ٿي پيا آهن.“

اٽڪل سادي چئين ڌاري ڳاڙهي ٽوپي پاتل هڪ ويڪري ڇاتيءَ واري اچي اسان کي ٻڌايو تہ ”توهان کي سائين وڏو سڏي ٿو.“ قاضيءَ هن کان سائين وڏي بابت پڇيو تہ هن ٻڌايو تہ ”اهو سومر نالي صوبيدار آهي.“ مير محمد سهتي هن کان سرائڪيءَ ۾ پڇيو تہ ”جوان تيڏي متي تي ڳاڙهي ٽوپي هي تي ڏوجهين ماڻهنين دي متي سائي ٽوپي. اتي اچي ٽوپي اي، آخر اهين دا کهڙا مطلب هي؟“ هن ٻڌايو تہ ”جنهين دي سزا دا وقت گهٽا ڪٽ ڳيا هوا اتي چال چلت چڱي هو ويس، تنهن کو مقدم ڪريندي هن. ولا تنهن کون ڳاڙهي ٽوپي ڏيندي هن.“ مير محمد وزي پڇيس تہ ”مقدم ڪنهين کون اکيندي هن؟“ اتي هن ڪنڌ متي ڪري آکڙ مان چيو.

”مقدم انهين کون آکيندي هن، جنهن تان ڪم معاف هوندا اي. تي ڏوجهين قيديان تي نظرداري ڪريندا هي.“ ائين ڳالهيون ڪندا اسين سائين وڏي جي آفيس پهتاسين. قاضي خالق ۽ شهمير پنگوار هن ڏانهن حيرت مان نهاريو. هيءُ اهو ساڳيو ڪالهوڪو صوبيدار هو. جنهن اسان کي بشني ڪوٺيو هو. هو ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيو. سگريٽ جا ڪش لڳائي رهيو هو. ڪيس قيدي زور ڏئي رهيا هئا. هن ڪنگهڪار ڪندي پڇيو تہ ”ڪٿان آيا آهيو؟“ اسان دل ٻڌي چيو تہ ”نواب شاهہ کان.“ صوبيدار يڪدم سڌو ٿي نواب شاهہ- نواب شاهہ چيو ۽ وري چيائين نواب شاهہ ڊانڊرس ۽ ڊاميج.“ (ڊينجرس، ڊينجرس، خطرناڪ) صوبيدار ڪجهہ دير جي خاموشيءَ بعد چيو تہ ”اوهان جو اوهي واهي آهي. ڪو يار دوست؟“ اسان هن کي ٻڌايو تہ:

”اسان کي اوچتو پوليس نواب شاهہ مان وٺي آئي آهي. اسان جا مائٽ بي خبر آهن. خبر پوندن تہ ايندا.“ ان کانپوءِ هن اسان کان نالا ۽ ذاتيون پڇيون. اسان کي سزا لڳل هئي سو صحيح صحيح ٻڌايوسين. سيني نالا ۽ ذاتيون ٻڌايون. جڏهن مون ۽ شهمير ڪيس ذات ٻڌائي تہ هن اکيون ڦاڙي اسان ڏي نهاري چيو تہ ”پنگوار-!! يلا دلمراد کي سڃاڻو؟ جيڪو ويجهڙائيءَ ۾ ڦاسيءَ تي چڙهيو هو. شهمير چيس تہ ”ها، اهو اسان جو مائٽ هو. اهو ٻڌي هن قيديءَ کي

ڪل پوڳ ۾ ملاقات جو وقت پورو ٿي ويو. ويندي ويندي قاضي خالق ۽ شهمير پنگوار، کين چيو تہ توهين باقر شاهہ، شمس الدين شاهہ ۽ نبي بخش خان کوسي سان ملو (جيڪي نعپ سان واسطو رکندڙ هئا) ۽ کين جيل جي تڪليفن بابت ٻڌايو تہ اسان کي ڏاڍي تڪليف آهي. اسان لاءِ هنن فروٽ (ميوات) سگريٽ، بسڪوٽن جا پاڪيٽ ۽ صابڻ وغيره آندا هئا. اهي ڏئي واپس موڪلائي هليا ويا. پنهنجي باريڪ ڏانهن ويندي ويندي رستي تي صوبيدار مليو. هن جي هڪ چمچي چيو تہ صاحب کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏئي راضي ڪيو نہ تہ ڏاڍو تنگ ڪندو. هن جي ليکي ملاقاتي کين پئسا وغيره ڏئي ويا آهن. شهمير خان چيس تہ "جي پئسا هجن ها تہ اڄ آزاد نہ هجون ها." ويندي مهل سگريٽ گهريائين. شهمير هن کي سگريٽن جو پاڪيٽ ڏنو.

ٻئي ڏينهن شمس الدين شاهہ، باقر علي شاهہ، نبي بخش کوسو ملڻ آيا. هنن اسان کي سپرنٽينڊنٽ وٽ گهرايو. اتي هنن اسانجي باري ۾ ڏاڍي ڪوشش ڪئي ۽ نيٺ ڪم جي گهٽي سختي معاف ٿي. ويندي مهل هنن اسان کي جلد آزاديءَ لاءِ دلداري ڏني. ٻئي ڏينهن مونکي، احمد خان جمالي ۽ شهمير پنگوار کي پڙهائڻ جو ڪم مليو. قاضي عبدالخالق ۽ مير محمد سهتي کي ڪپهہ اُٽڻ جي چرخي تي ڪم مليو.

اسان قيدين تي پنهنجي استاديءَ جو ڌاڪو جمائڻ لڳاسين. قيدين کي اسان سياسي تعليم بہ ڏيڻ لڳاسين. هڪ ڏينهن ساڳيو صوبيدار، چڪر ڏيندو اچي اسڪول وٽ بيٺو. اسان کي ڏاڍي لئي سان پڙهائيندو ڏسي پڇيائين تہ "توهان کي هن ڪم تي ڪنهن موڪليو آهي؟" ڳاڙهي ٽوپيءَ واري مقدم ٻڌايس تہ "سپرنٽينڊنٽ". هن اڪيون ڦوٽاڙيندي چيو تہ "چئبو توهان وڏا ماڻهو آهيو پر اسان جي هٿ ۾ بہ گهڻو ڪجهہ آهي" ٿورو نرم ٿيندي چيائين تہ "اسان جي بہ پارٽ اٿوَ، سپرنٽيننٽ تہ ٢٤ ڪلاڪ هتي جيل ۾ ڪونہ ويهندو آهي، پوءِ نہ تہ ڏسجو مزا!" ايترو چئي هو واپس هليو ويو.

هاڻي اسان هن حضور پيشي ۾ پاڻ کي ضم ڪرڻ لڳاسين. هتي هر قسم جي ماڻهوءَ سان اسان جو واسطو پيو. ٻڪريءَ جي چور

ڪان ويندي ڏاڙيل تائين. خونيءَ ڪان ويندي سياسي رهنمائن ۽ شاگردن تائين. اسان سندن نفسياتي مطالعو ڪيو. غلام نبي شيخ وڪيل، سنڌ جي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ڏانهن برگيڊيئر جي فيصلي خلاف رويو پٽيشن داخل ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ سزائون معاف ڪيون ويون ۽ ڪيس واپس ورتا ويا. شيخ صاحب اِنهيءَ فيصلي بابت نواب شاهه ۾ اچي اسان جي مائٽن سان اها ڳالهه ڪئي. وڏيڪ چيائين ته "ڪورٽ، ليٽر سکر سينٽر جيل ڏياري موڪليو آهي." ٻئي ڏينهن اسان جا مائٽ مٽ، دوست، باقر شاهه، شمس الدين شاهه، ٽبي بخش ڪوسو سميت اچي جيل پهتا. ڏٺل چهرن ڪان علاوه، اهڙا چهرا به موجود هئا جن جي هٿن ۾ گلن جا هار هئا. سي سڀ اسان کي مبارڪون ڏيڻ لڳا. ان ڏينهن افسوس جو ليٽر اجان ڪونه پهتو هو. تنهن ڪري هو واپس وريا ۽ ايترو چيائون ته جيئن ليٽر پهچندو ته توهين آزاد ٿيندؤ."

اسين هنن ڪان موڪلائي، خوشيءَ مان باريڪ ڏانهن ٽينگ ٽپا ڏيندا پئي وياسين واٽ تي اهو ساڳيو سومر صوبيدار سيٽيو وينو هو. هن جي اڄ ڪابه پرواهه نه ڪندي اڳيان اچي لنگهياسين ان تي سومر صوبيدار سڏ ڪري چيو ته "اڄ باندرن وانگر ٽينگ ٽپا ڏيندا پيا وڃو." قاضي خالق خوشيءَ مان اداڪاري ڪندي چيو ته "آزاد ٿيا آهيون!" اهو ٻڌي ڪاوڙ مان منهن ڪٽي ٻئي پاسي ڪيائين.

اڄ اسان ڪم تي ڪونه وياسين جو مقدم ٻڌايو ته ڪم معاف ٿيو اٿو." هيترن سارن ڏينهن ڪان پوءِ هڪٻئي ڏانهن پنهنجائپ ۾ ڏسڻ ۽ ڳالهائڻ لڳاسين ۽ گهڻي دير تائين ماضيءَ جي يادگيرين تي ويچاريندا رهياسين. پوءِ موضوع اچي بينو. سومر خان صوبيدار جي آڪڙ ۽ خان محمد نيازيءَ جي پنهنجائپ جو-!! ڪچهريءَ ۾ آزاد ٿيڻ جي آرڊر پهچڻ جي انتظار سبب سوچن جي ساگر ۾ غوطا کائڻ لڳاسين. شهمير اهو چئي خيالن کي منتشر ڪيو ته "گاڏيءَ جي اچڻ جو ٽائيم ٿيو آهي بس آرڊر اڌ ڪلاڪ ۾ پهچي ويندو." قاضي خالق چيو، "يار! منهنجي دل تي چوي ته آرڊر اچي ويو آهي ۽ سومر صوبيدار کي اچي مليو هوندو." ايتري ۾ نيازيءَ به اچي مبارڪ ڏني. اسان خوشيءَ مان اٿي بيهي رهياسين. نيازيءَ تڪڙ ۾ چيو "آرڊر

اجان ڪونہ آيو آهي، پر سومر صوبيدار ٻڌايو تہ آرڊر اچڻ کان پوءِ کين آزاد ڪيو ويندو. تنهن ڪري اوهان کي اڳواٽ مبارڪون ڏيڻ آيس.“ اهو ٻڌي اسان کان ٽڏو شوڪارو نڪري ويو!

ڪچهري ڪندي هڪ اڌڙوٽ اچي هوريان اسان کي مبارڪ ڏني. اسان سيني جون اکيون هن ڏانهن کڄي ويون. پر هو محبت مان مشڪي رهيو هو (هيءَ اهوئي نيڪ انسان هو جنهن کي شروع شروع ۾ قاضي خالق، چڙ مان چڙٻ ڏني هئي) قاضي خالق جو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو. اسان سيئي هن سان ياڪر پائي ملياسين هو بہ ساڳئي خلوص سان اسان سان مليو ۽ آزاد دنيا ۾ پيهر موٽي وڃڻ لاءِ مبارڪون ڏنائين. سندس سڪ جو اهڙو جذبو مون اڳ ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو هو.“ سدائين ياد رهندو. مون ڏي ڪيئي واقف ايندا رهيا ۽ مبارڪن جو سلسلو جاري رهيو.

قاضيءَ چيو ”يار- هاڻي پنهنجا ڪپڙا تہ گهرايون. هاڻ تہ هنن ڪپڙن ۾ آئون ڏجان ٿو.“ مون ڳالهہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. باريڪ جو دروازو ڪليل هو. آئون ٻاهر وڃڻ لڳس. پر مقدم در تي بيٺل هو (جيڪي قدين کان ڪولين ۾ گهڙڻ وقت تلاشي وٺندا آهن) مقدم کي چيم ”يار، اسانجا ڪپڙا تہ گهراءِ.“ تنهن تي وراڻي ڏنائين ”آرڊر اچي تہ توهان کي گودام تي وٺي هلندس. هينئر هلي ويهہ.“

شام جو اسان ان آسري ۾ ماني کانہ کاڌي تہ اڳو پوءِ وڃي سکر جي هوٽل تي ڍو ڪبا. سج لهي سومهڻي ٿي ويئي پر دل جي آس اڃا پوري ڪانہ ٿي. آزاديءَ جي خوشيءَ ۾ آءٌ تصوراتي دنيا ۾ گم سم هوس. لڇ لڇان لڳي پيئي هئي. هرڪو دوست هينئر پنهنجي منهن پاسا ورائيندي سوچن ۾ ٻڏو پيو هو. سيني کي آزاديءَ جي اُڻ تڻ لڳي پيئي هئي. الائي ڇو منهنجي دل تي ڊپ ڇانئجڻ لڳو ۽ وسوسا بلڪل ائين ڪرڪٽي اچي بيٺا، جيئن ڪٽڪ جا داڻا انگور ڪڍي بيهندا آهن. انديشو اهو ٿيو تہ متان آرڊر نہ ڪڍيو هجين. اُسر جو خبر ناهي ڪيئن اک اک سان مس لڳي تہ خواب لڌم. ڏسان ٿو تہ:

”نواب شاهہ ۾ دوستن سان ڪچهري ڪري رهيو آهيان.“

اجان انهيءَ ديدار ۾ هجان تہ اوچتو هڪ چرڪائيندڙ آواز ڪنن جي پردي تي زور زور سان ٺڪيون هنيون. خوابن جي دنيا مان موٽي

صبح تي باقر علي شاهه، سيد رشيد احمد وڪيل کي فون ڪري ٻڌايو ته ”همراهه آزاد تي نواب شاهه گاڏيءَ ۾ اچي رهيا آهن.“ نواب شاهه اسٽيشن تي وڏي تعداد ۾ شاگرد ۽ ڪافي دوست (جيڪي اڳ ۾ ئي سيد رشيد احمد وڪيل سان رابطو رکندا ٿي آيا. سي قرب جي ناتي ۽ باقي ٻين جو تعلق تحريڪ سان هو) سڪندر ڏهراج، فيض محمد هيسباڻي، سڪندر پنگوار، مير حسن شر وغيره وارا اچي اسٽيشن تي انتظار ڪرڻ لڳا.

اسين ٻه هاڻي اچي نواب شاهه پهتاسين. جتي دوستن نعرن سان سنئو استقبال ڪيو ۽ گلن جا هار پارايا. مون ائين محسوس ڪيو ته چڻ گلن جي باغ ۾ پهچي ويو آهيان. جتي چوڌاري رڱو گل ئي گل هجن. دوستن سان وڏيءَ حب ۽ اڪير سان ملياسين. پوءِ سڪندر ڏهراج جي ڪار ۾ چڙهي روانا ٿياسين. قاضي خالق ۽ احمد خان جمالي اڳين سيٽن تي ويٺا ۽ باقي ٻيا اسين پويان ويٺاسين. قاضي خالق هر ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏسي ٻانهن ٻاهر ڪڍي زوريءَ سلام ڪري رهيو هو. احمد خان جماليءَ کيس ٽوڪيندي چيو ته ”ٻانهن اندر ڪر- ماڻهو توکي سجاڻن ٿا. ٻابي جي شاديءَ تي آيو آهين ڇا؟“ اسان سيني ۾ ٽهڪڙو مچي ويو.

چانهه پاڻي پي سيد رشيد احمد جي جاءِ تي آياسين. جتي هن اسان جي دعوت جو بندوبست ڪري ڇڏيو هو. ڏادي ڪچهري تي دعوت کائي ٻاهر نڪتاسين ته اسان کي شاهه محمد شاهه جي آزاديءَ جي خبر پئي. خوشيءَ مان هڪٻئي کي ڀاڪر پائڻ لڳاسين. هينئر هتان سيڪو پنهنجي پنهنجي گهر روانو ٿي ويو.

ڳوٺ پهچي، سڀ کان اول امڙ ۽ بابا سان، پيرين پئي مليس. ڳوٺ وارا سڀ مٽ مائٽ ملڻ آيا هئا. ٻئي ڏينهن سڪندر پنگوار، سڪندر ڏهراج جي دعوت جي يادگيري ڏياري. آزاد ٿيڻ جي ٽئين ڏينهن تي ڪاليج پهتاسين. هرڪو سنڌي شاگرد چاهه سان ملڻ آيو. اهڙيءَ طرح هڪوار اسين ڪاليج جي ماحول ۾ رلجي ملجي وياسين.

(2)

# گورنمينٽ ڪاليج جون چونڊون

ٿورن هفتن بعد ڪاليج يونين جون چونڊون ٿيون. آءٌ جوائنٽ سيڪريٽريءَ لاءِ بيٺس. اسان جي گروپ جا دوست ورڪ شروع ڪرڻ ۾ لڳي ويا. اوچتو هڪ ڏينهن ڪارواني پرنسپال ٻڌايو ته پهريان ڪلاسن جي نمائيندن جون چونڊون ڪرائيندا سين. اسان خير محمد مريءَ کي صدارت لاءِ بيهاريو. سندس مقابلي ۾ آصف شاهه نشاط سئنيما وارو بيٺو. آخرڪار آصف شاهه کٽي ويو ڇاڪاڻ ته هو پئسي وارو هو، ٻيو سبب اهو هو ته آصف شاهه ڪارواني‌ءَ جو خاص ماڻهو هو ۽ ٽيون سبب اهو هو ته الاهي بخش ڏاهري جيڪو پڻ ڪاليج جو شاگرد هو. هي دوست هڪ وڏو زميندار هو ۽ هن سان گڏ ڪافي اثر رسوخ وارا ماڻهو هئا تنهن ڪري اسان جو همراهه هارائي ويو. هن کي پنهنجي ڪلاس مان صرف هڪ ووٽ مليو. ان ڪان پوءِ ڪاليج يونين جون عام چونڊون ١٩٦٨ع ۾ شروع ٿيون. اسان جي گروپ جا دوست رجب لنڊ، جاويد ميمڻ ۽ ٻيا اميدوار بيٺا هئا.

عام چونڊن ۾ سنڌي شاگرد هارائي ويٺا ۽ مهاجر شاگرد سڀ سيٽون کٽي ويا. ١٩٦٩ع ۾ ڪاليج جي عام چونڊن لاءِ بي- ڊي سسٽم جو پروگرام ظاهر ٿيو. اسان سخت مخالفت ڪئي پر اسان جي ڪنهن به نه ٻڌي، ڇو ته ڪارواني جهڙو سخت انتظام سنڀاليندڙ هو. تنهن جي اڳيان سيئي شاگرد هيسيل هئا. نيٺ اسان جي مرضيءَ جي خلاف بي- ڊي سسٽم تحت چونڊون ٿيون. ان ۾ اهو قانوني فقرو نافذ ڪيو ويو ته هر ڪلاس جو نمائندو ئي صدارت لاءِ ووٽ ڏئي سگهي ٿو.

بهرحال چونڊون ٿيون، جنهن ۾ اسان جو سڄو پينل ٿي اليڪشن ۾ هارائي ويٺو. (ان جو خاص هڪ هيءَ به سبب هو ته ڪاروانيءَ پاڻ مداخلت ۽ ورڪ ڪئي هئي) اسان احتجاجن سنڌي شاگردن گڏجي ڪاروانيءَ جي مداخلت خلاف نعرا هڻايا. نتيجو اهو نڪتو جو ٻئي ڏينهن جڏهن مان اڪيلو ڪاليج پهتس ته مهاجرن (ڪاروانيءَ جي حمايت ۾) مون کي ڏاڍا ڌڪ هنيا. جنهن ڪري ڏاڍو زخمي ٿي پيس ۽ رت ڳاڙيندو اسپتال پهتس.جتي ڪير به منهنجو واقف ڪونه هو. ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ رفيق چوڌري هو. رفيق چوڌريءَ ڊاڪٽر پيشي يعني خدمت خلق جو پورو پورو جذبو ڏيکاريو هو. سنڌين وانگر شفقت سان پيش آيو، ۽ مون کي ايمرجنسي وارڊ ۾ في الحال داخل ڪيو. ان کان پوءِ مون کي جنرل وارڊ ۾ سائيڊ روم کان جاءِ ملي بعد ۾ هڪ پرائيويٽ وارڊ ۾ آءٌ منتقل ٿيس.

هوڏانهن جڏهن سنڌي شاگردن کي اها خبر پئي ته انهن مون واري گهاٽي دوست اڪبر رند جي جاءِ تي ميٽنگ گهرائي، هڪ گڏيل فيصلو ڪري نڪتا شهر ۾ (اڪبر رند شراب جي اسٽور تي ان وقت مئنيجر هو) پوءِ جيڪو به مهاجر شاگرد هٿ لڳن، تنهن کي ويا موچڙا هڻندا. اهو حال ڏسي مهاجرن احتجاج طور شهر بند ڪري ڇڏيو.

آءٌ اسپتال ۾ چئن سپاهين جي پهري هيٺ هوس. جن ۾ هڪ سنڌي ۽ باقي ڏاريا هئا. ڪجهه وقت کانپوءِ ٻاهر وارڊ ۾ گوڙ ٻڌم. پوليس وارن کان پڇيم ته "ڇا آهي؟" تن ٻڌايو ته هي شاگرد آهن جن کي سنڌين ماريو آهي. اهو ٻڌي مونکي خوشيءَ گاڏڙ ڊپ به ٿيو دل ۾ چيم هاڻي ته مون کي هت اڪيلو ڏسي ماريندا-!!

ڪلاڪ ٻن کان پوءِ دروازو کڙڪيو. پوليس واري رائيفل سڌي ڪندي در کوليو. (مون کي تمام گهڻي پريشاني هئي. مون سمجهيو ته شايد مهاجر اچي ويا) پر دروازي کلندي ڏٺم ته مون وارو دوست اڪبر رند هيو. هن وٽ ٢٥- گولين سان ريوالور هو. گهڙيءَ کن کان پوءِ هن مون کي شراب پياريو. اسين ٻئي نشي ۾ مدهوش بڻجي ويهي رهياسين.

هن متئين جهيڙي ۾ رجب لنڊ، جاويد ميمڻ، ننگر رند ۽ نور الدين ڪوڪر وارا گرفتار ڪيا ويا، جن کي چالان ڪري سکر سينٽرل

جيل موڪلي ڇڏيائون. انهيءَ جهيڙي جو اهو اثر ٿيو جو ڪاليج ۾ سنڌي شاگردياڻيون، مهاجر شاگردياڻين سان وڙهيون.

سچل سرمست ڪاليج ۽ ڊي سي- هاءِ اسڪول ۾ به سنڌي شاگردن، مهاجرن کي ڪٽيو. ايتريقدر جو اخبارن ۾ آيو ته:

## نواب شاهه ۾ جهيڙو- شاگردن جا ٻه گروهه وڙهي پيا، ڇهه شاگرد زخمي- تعليمي ادارا بند.

نواب شاهه ١٢ (قمر- نمائندو مهراڻ)

اڄ هتي گورنمينٽ ڪاليج جي شاگردن جي ٻن گروهن درميان جهيڙو ٿي پيو. جنهن ۾ لٺين ۽ چاقن جو آزادانه استعمال ڪيو ويو. جهيڙي ۾ ارشد، منير، مشتاق، خالد، ننگر رند، اقبال ۽ جاويد زخمي ٿي پيا.

معلوم ٿيو آهي ته اهو جهيڙو ان وقت ٿيو. جڏهن سنڌي شاگردن ڪالهه هڪ شاگرد رهنما عزيز ڀنگوار تي ٿيل حملي خلاف احتجاج طور هڪ جلوس ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اهو جهيڙو ايترو ته وڌي ويو جو نواب شاهه ڊسٽرڪٽ جيل ۾ سنڌي قيدين، غير سنڌي قيدين کي ڏاڍا ڌڪ هڻيا.

* * *

ڪارواني، جهيڙي جي وڌندڙ صورتحال کي ڏسي اچي ڏنو سو پنهنجي آفيس جي ٻاهران پوليس بيهاري ڇڏيائين. آخرڪار اهو جهيڙو ڪاروانيءَ جي بدليءَ بعد ختم ٿيو ۽ پوءِ گرفتار ٿيل شاگرد به هڪ مهيني کان پوءِ آزاد ٿي آيا.

ڪاليج ۾ جهيڙن جي ڪري عام ماڻهن تي اسان جو ڏاڪو ڄمي ويو هو. هرڪو پيو ڪن هڻندو هو. شل نه ڪنهن تي ڪاوڙجون، بس پوءِ ان جي ڦٽي-!!

هڪ دفعي چوڌري ڊاڪٽر انور جي هڪ دڪان جي قبضي ڇڏائڻ لاءِ اسان کي ٥٠٠٠/- هزار روپيا ڏنا. جيڪي ڇئن حصن ۾ ورهاياسين. هزار راجو ڀنگوار، هڪ هزار مولو لاڪي ۽ هڪ هزار سندس ڀاءُ ۽ هزار ڪنيو امام بخش لاڪي.

دؤري تي آيو هو. فردوس هوٽل جي سامهون جلسو ٿيو. ڏاڍا سنڌي ڀهراڙيءَ ۽ شهر جا گڏ ٿيا هئا. جلسي ۾ سائين محترم جي. ايم سيد به آيل هو. نعرن سان ميدان گونجي رهيو هو. ”تمار نيتا، اُمار نيتا، شيخ مجيب، شيخ مجيب.“ ”تنهنجو رهبر منهنجو رهبر جي. ايم سيد، جي. ايم سيد.“

شيخ مجيب الرحمان کي ٻن ننڍڙن ٻارڙن گلدستا پيش ڪيا هئا (جيڪي چاچا جناب محمد يوسف ميمڻ جا فرزند هئا. هرهڪ طارق ميمڻ ۽ شعيب ميمڻ) اسان شاگردن شيخ صاحب کي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پيش ڪيو ٽوپي هن وڏي چاهه سان پاتي ۽ اجرڪ اوڍيو. فرمايائون ته ”هيءَ سوکڙي مون سان هميشه لاءِ گڏ رهندي.“

شيخ صاحب، پنهنجي تقرير ۾ اسان شاگردن جي دل ۾ نئون جذبو جاڳايو، تقرير ڪندي فرمايائين ته ”سنڌ ۾ صرف سنڌي ئي رهندا ۽ بنگال ۾ رهڻ جو حق صرف بنگالين کي ئي آهي.“

ڪاليج جي پڙهڻ دوران مائٽن جي شفقت ۽ محبت، ساديگيءَ مان ناجائز طرح فائدو وٺندو هيس. يعني مختلف بهانن کي سامهون رکي پئسا وٺندو هوس. مثال:

Direct (ڊائريڪٽ). indirect (ان ڊائريڪٽ) جي في. ايڪٽ وائيس (Activevoice) ۽ پئسيوائيس (Passovoice) جي في وغيره.

جيئن بابا سائين صرف چار درجا سنڌي پرائمري پڙهيل آهي. تنهن ڪري انگريزي لفظ استعمال ڪري، بابا کان پيو پئسا وٺندو هوس. وڌيڪ ناجائز خرچ لاءِ مائٽ پئسا ڪونه ڏيندا هئا ته پوءِ هڪ ترڪيب سوچڻ لڳس اسان جي دڪان تي شهر ۾ مسجد جي چندي لاءِ هڪ پيتي رکيل هوندي هئي. واپاري هر طرف کان ايندا رهندا هئا. سي ان ۾ چندو وجهندا ويندا هئا. موقعو ملندي ئي اهي پئسا ڪڍي وڃي دوستن سان فلمون ڏسندو هوس.

فرسٽ ايئر پاس ڪري هاڻي آءٌ انٽر ۾ پڙهندو هوس. فرسٽ ايئر جا ڪافي نوان دوست شاگرد ڪاليج ۾ داخلا وٺي چڪا هئا. اسان نظرياتي ڪم کي وڌيڪ تيز ڪرڻ لڳاسين. پارڪن ۽ هوٽلن تي بحث مباحثا لڳا پيا هوندا هئا. اسان سنڌين جي قومي ٻڌي قائم ڪرڻ لاءِ شاگردن ۾ سياسي شعور پکيڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳاسين ته گهٽ

ووٽن کي ٽي چار هفتا گذري ويا. اڳيون ماحول مٺجي رهيو هو، ملڪ اندر شيخ مجيبُ الرحمان جي ڇهن نڪتن تي ڇڪ ڇڪان هئي. سنڌ اندر شيخ صاحب جي ڇهن نڪتن جي حمايت ۾ جلوس نڪرڻ لڳا، اسان به جلوس ڪڍڻ جو پروگرام ٺاهيو. اسان جو مقصد يحيٰ گورنمينٽ کي پنهنجي راين کان آگاهه ڪرڻ هو. مقرر ڏينهن تي جلوس ڪڍيوسين.

جلوس جڏهن لياقت مارڪيٽ نواب شاهه ۾ پٺاڻن جي هوٽلن وٽ پهتو ته روڊ جي ٻنهي پاسن کان پٺاڻ لٺيون ٻاٺا ڪنيو تيار ويٺا هئا. اوچتو اسان تي لٺيون وسڻ لڳيون. ڪيترائي شاگرد ڦٽجي پيا. انهيءَ ردعمل ۾ ڇوڪرن موٽندي وينس واچ ڪمپنيءَ جي دڪان جو فرنيچر ڀڳو ۽ واچون ڪنيون. ايتري ۾ پوليس پهچي وئي. جنهن ڳوڙها گيس استعمال ڪري جلوس کي منتشر ڪيو.

جڏهن سڪرنڊ جي ساٿين کي اها خبر پئي ته هو پٺاڻن کان پلاند ونڻ لاءِ پهچي ويا. غريب آباد ۾ مخالف ڌر (غير سنڌين) اسان سنڌي شاگردن تي گهر مان گوليون هلايون، جنهن جي نتيجي ۾ مولا بخش لاکو ڦٽجي پيو. اصل ڏوهاري ڪونه پڪڙيا وري به اسان کي گرفتار ڪيو ويو.

ٻئي ڏينهن اخبارن ۾ هيٺين خبر ڇپي.

## نواب شاهه ۾ هٿياربندن جو حملو:

شهر ۾ هراس، شهر بند، پوليس جو گشت، ڇئن دڪانن کي سخت نقصان رسيو.

٢٧ (ن-ع) شرارت جي ٻن گروهن، جيڪي لٺين ۽ ڪهاڙين سان مسلح هئا. انهن نواب شاهه شهر ۾ اڄ شام جو ستين ٻجي دڪانن تي حملو شروع ڪري ڀيچ ڊاهه ڪئي. هنن ٽن چئن دڪانن جا شيشا ۽ فرنيچر تباهه ڪيو ۽ ڦرلٽ ڪئي.

**فسادين موڙي ڦري ورتي:** اطلاع ملڻ تي ايس- پي ۽ ايس- ڊي ايم پوليس سان موقعي تي پهتا ۽ ٻه فسادي گرفتار ڪيا ويا آهن. فسادين جي حملي ۾ هڪ هيڊ ڪانسٽيبل نالي امير احمد ۽ ڇهه ٻيا شخص ڦٽيا آهن. سڀ کان وڌيڪ زخمي فينسي ڪارنر جو مالڪ

محمد ابراهيم ٿيو آهي. سندن چوڻ آهي ته فسادين هن جي موڙي به ڦري ورتي آهي.

**شهربند:** شهر ۾ فساد جي خبر پڌڻ سان شهربند ٿي ويو ۽ شهرين ۾ زبردست خوف ۽ هراس پکڙجي ويو. ٻئي طرف کن شرپسندن چڪري بازار جي هڪ لائبريريءَ تي حملو ڪيو. جتي ايس. پي، ايس. ڊي ايم ۽ ٻيا آفيسر وينل هئا. شرپسندن ايس پيءَ خلاف نعرا هنيا ۽ پٿر بازي ڪئي. جڏهن هنن تي پٿر بازيءَ ۾ تيزي آئي ته پوليس به هنن تي لاٺي چارج ڪئي. هوڏانهن پوليس هاڻي انهن شرپسندن جي پنيان آهي. جن نواب شاهه ۾ اچي هنگاما ڪيا.

**صورتحال:** هن وقت صورتحال قابوءَ ۾ آهي. شهر ۾ خوف ۽ هراس پکڙيل آهي ۽ پوليس جو گشت جاري آهي.

اسان هفتو کن جيل ۾ (لاڪ اپ) پيا هئاسين. تنهن کان پوءِ آزاد ٿياسين. نواب شاهه ۾ ايتريقدر ته هنگاما وڌي ويا جو ڊي سيءَ قرآن، تي امن قائم ڪرڻ لاءِ ”شهري امن ڪاميٽيون“ ناهيون. ١٥- ٢٠ ڏينهن گذري ويا. تنهن کانپوءِ مس مس ٺاپر ٿي.

سنت ئي اسان جي انٽر جي امتحان جي رزلٽ ظاهر ٿي. اخبار وٺي نمبر جاچڻ لڳس. مون کي اميد پاس ٿيڻ جي ڪانه هئي ته ڪو پاس ٿيندس. پر پوءِ ڀاڳ هئا ڀلا سو پاس ٿيس. اخبار ۾ پنهنجو سيٽ نمبر ڏسي ڪلاڪ به ته اعتبار ئي ڪونه ٿي آيو.

انٽر پاس ڪرڻ ڪانپوءِ سڪندر پنگوار ۽ ٻين دوستن صلاح ڏني ته B. A آنرس ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺان. مون اچي والد صاحب سان احوال ڪيو ته بي- اي آنرس لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺندس.“ بابا پڇيو ته ”هتي بي- اي آنرس جي پڙهائي ڪانه آهي ڇا؟“ (مون سچ ڳالهائيندي چيو ته) ”سنڌ، يونيورسٽيءَ کان سواءِ ڪٿي به ٻئي هنڌ داخلا ڪانه ملندي آهي.“ بابا، موڪل ڏني، سرٽيفڪيٽ وغيره وٺي حيدرآباد وڃڻ جي تياريءَ ۾ لڳي ويس. مون کي سڪندر پنگوار ۽ ٻين دوستن يونيورسٽيءَ جي ماحول کان اڳيئي گهڻو ڪجهه ٻڌايو هو، سو منهنجي دل ۾ اهائي اُڻ تڻ هئي ته ”ڪڏهن تو گهر ڇڏيان.“

(٣)

# سنڌ يونيورسٽيءَ روانگي

آءٌ ۽ سڪندر پنگوار، بسترا ٻڌي يونيورسٽيءَ ڏانهن روانا ٿياسين. سڪرنڊ پهتاسين. اتان وري ٻيءَ بس ۾ سوار ٿي حيدرآباد پهتاسين. ماني وغيره کائي هوٽل جو بل ادا ڪري بس ۾ چڙهي ڄامشوري روانا ٿياسين. گهڙيءَ کن ۾ بس ڄامشوري پل وٽ پهتي ته منهنجي ذهن کي درياهه جي ڇولين جي موسيقيءَ موج ۾ آڻي ڇڏيو. مهراڻ پنهنجي مستيءَ ۾ هئي ۽ پنهي طرف پاڻي ئي پاڻي هو. اهو تمام پيارو ۽ حسين منظر هو. ملاح ٻيڙين ۾ درياهه شاهه جي سيني تي رانديون ڪري رهيا هئا؛ ڪيئي نوريون پنهنجي ورن (ڄامڻ) سان مڇيون ماري رهيون هيون. مٿان کان ايندڙ جوشيلو پاڻي دروازن سان زور آزمائي زوريءَ هيٺ لهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. پاڻيءَ سان گڏ مڇيون به ٻڏڙڪا ڏئي رهيون هيون. بس ڦاٽڪ اڪري پهاڙين تائين وڃي پهتي، جيڪي اولاهين پاسي کان ڪر ڪنيون بيٺيون هيون.

پهريون دفعو آءٌ اُيي ڳاٽ وڏيون وڏيون جايون ڏسي دل وندرائڻ لڳس. سڪندر پنگوار پنهنجي ڄاڻ جو ڏاڪو جمائڻ خاطر هر هر ٻڌائي رهيو هو ته هيءَ آرٽس فيڪلٽي آهي. آءٌ وائڙو بنجي ڏسندو رهيس.

سڪندر مون کي ديدار حسين شاهه وٽ وٺي هليو دوستن جي ڪوشش سان مون کي حسن علي آفندي هاسٽل جي بي بلاڪ ۾ ڪمرو رهائش لاءِ مليو. بي بلاڪ ۾ منهنجي پسند جي شيءِ هئي يعني ننڍڙا ننڍڙا پارڪ ۽ گلن جون ٻاريون وغيره. هر ڪمري جي در تي مختلف نالا لکيل هئا. مون کان اڳ منهنجا پراڻا ساٿي مير حسين

شر. احمد خان شر ۽ ٻيا گهٽائي دوست اتي پڙهندا هئا. تنهن ڪري مون کي ڪابہ ڏکيائي يا اوپرائي ڪانہ ٿي. منهنجي ڪمري جو نمبر ۹ هو. جنهن ۾ مون سان روم ميٽ مسٽر امان الله شيخ هو. منهنجا اڳيان دوست مون کان گهڻو اڳي ساڳي هاسٽل ۾ رهندا هئا. انهن جي معرفت ٻين نون دوستن سان واقفيت ٿي. راتيون ۽ ڏينهن کلندي خوش ٿيندي گذرندا رهيا. مون بي- اي آنرس پوليٽيڪل سائنس ۾ داخلا ورتي.

داخلا بعد روزانو مقرر ٽائيم تي ڪلاسن ڏانهن راهي ٿيندا هياسين. هڪ ڏينهن آءٌ دستور مطابق ڪلاس ۾ گهڙيس. ليڪچرار اجان ڪونہ آيو هو. اجان مان بہ مس وينس تہ ليڪچرار بہ اچي نڪاءُ ڪيو. ليڪچر شروع ٿيو، ڪلاس ۾ ڪافي سڃاڻو شاگرد دوست هئا. مون کي ڪنهن بہ قسم جي مونجهہ ڪانہ ٿي. ڪلاس اٽينڊ ڪري ٻاهر نڪتاسين، ماحول ڏاڍو وڻندڙ هو. اسين بلڪل شريفن وانگر رهڻ لڳاسين. ان جو وڏو ڪارڻ اسان جون قومي ڀينرون ادي شاهين ۽ رضيہ شيخ هيون. انهن ڀينرن جو اخلاقي اثر هو جيڪي پڻ اسان سان گڏ نواب شاهہ ۾ پڙهنديون هيون ۽ پڻ هڪ ئي شهر جو لاڳاپو هو. انهيءَ دور ۾ جيئي سنڌ جو نعرو اسان جي قومي ٻڌيءَ جو نشان هو. منهنجو-مطلب آهي تہ سيئي شاگرد، سلام بدران جيئي سنڌ، جيئي سنڌ چئي هڪٻئي کي ڪيڪاريندا هئاسين. ڀيڻ تنوير جوڻيجو، ڀيڻ نسيم قريشي، ڀيڻ نسيم نوراني (نوابشاهہ واري) ۽ ڀيڻ فضلان ٻرڙو، ادي شاهين ۽ رضيہ جون ساهيڙيون هيون. اسان ڪڏهن ڄامشوري ڦاٽڪ تي چڪر ڏيڻ بہ ويندا هئاسين، اتي ڇوڪرن جا ٽولا پنهنجي ڌن ۾ مگن ۽ ڪل پوڳ ۾ رڌل هوندا هئا..

تن ڏينهن ۾ شاهہ محمد شاهہ ۽ يوسف ٽالپر جي گڏيل ڪوشش سان ”جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن“ جو بنياد وڌو ويو. جنهن جو صدر اقبال ترين کي چونڊيو ويو، ۽ جنرل سيڪريٽري شاهہ محمد شاهہ ئي رهيو.

جلد ئي يونيورسٽيءَ جي طرفان شاگرد يونين جي چونڊن جو اعلان ڪيو ويو. جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان ايوب ڏامراهہ صدارت لاءِ اميدوار بيٺو (هيءَ اليڪشن منهنجي يونيورسٽيءَ ۾

داخلا وٺڻ واري سال، منهنجي لاءِ يونيورسٽي سطح تي پهرين اليڪشن هئي.) ۽ ان جي مقابلي ۾ ”رفيق ٽالپر“ عرف مير پپو صدارت لاءِ اميدوار هو. جنهن کي سنڌ آزاد مارونڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ ٻين مختلف تنظيمن جي حمايت حاصل هئي.

اسان جو اهو مطالبو هو ته پولنگ هر شعبي ۾ ڪرائي وڃي. نيٺ اهو مطالبو ان وقت جي وائيس چانسلر سائين غلام مصطفيٰ شاهه تسليم ڪيو. اسان اليڪشن واري ڏينهن دوستن جا گروپ تيار ڪيا. جن جي مختلف شعبن ۾ پولنگ اسٽيشنن تي ڊيوٽي لڳائي ويئي. پولنگ دوران هڪ ناخشگوار واقعو پيش آيو. ٿيو هينئن ته مهاجر ٻاهريون غير شاگرد به ووٽ ڏيڻ آيو. اسماعيل وساڻ، عبدالمجيد خان جمالي، غلام قادر ڏاهري دروازي تي بيٺا هئا ۽ هو هر ايندڙ ووٽر کان سنڌس ايڊنٽني ڪارڊ جي گهر ڪرڻ لڳا. هن همراهه وٽ ڪارڊ ڪونه هو. جنهن تان ڳالهه وڌي وڃي وڻ تي. آخر مهاجر ڇوڪري ريوالور جا فائر ڪري ڀڄي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي.

اسماعيل وساڻ کي ران ۾ ڇرا لڳا ۽ عبدالمجيد جمالي ۽ غلام قادر ڏاهريءَ کي تمام گهٽا زخم رسيا. اسان انهن ٻنهي کي اسپتال ۾ داخل ڪونه ڪرايوسين (ڇاڪاڻ ته هو به غير شاگرد هو. جيڪو صرف دروازي تي چيڪنگ وغيره ڪرائڻ ۾ اسان جي اخلاقي مدد ڪري رهيو هو. هن اڃان يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ڪانه ورتي هئي. پهرين سال پرائيوٽ امتحان ڏيڻ کان پوءِ ٻئي سال داخلا ورتي هيائين) پر ڪيس پرائيويٽ اسپتال ڪٽائي وياسين. هوڏانهن اسان جي ٻين دوستن انهيءَ مهاجر کي وڃي سوگهو ڪيو ۽ هن کي ڦيهه ڪيندا سڌو وي- سيءَ وٽ وٺي آيا.

اسان جي اليڪشن ۾ ڪاميابي يقيني هئي. تنهن ڪري پولنگ جاري رهي. مير پپوءَ وارن جو شڪست ڪائيندي ڏٺي سو ڇا ڪيائون جو ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ مان بيلٽ باڪس چورائي ڪٽي ويا. هنن ان مهل اهي بيلٽ باڪس وغيره سڪندر ڏهراج جي ڪار ۾ وڃي رکيا. پر اتفاق سان اسان کي به ڪڙڪ پئجي ويئي سو ڪار وڃي پڪڙيسين.

اسان ڪار وي- سيءَ وٽ پهچائي، ڪانئس ڪار ضبط ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. بعد ۾ مخالف ڌر وارن ڪي سائين غلام مصطفيٰ شاهه گهرايو ۽ ڪين ڪار ضبط ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني. آخرڪار منٿ ايلاز ڪري مس ڪار واپس ورتي ۽ مير پپو هر ڪنهن کي چوندو پئي وتيو ته "جيسين غلام مصطفيٰ شاهه کي يونيورسٽيءَ مان نه ڪڍرائيندس، تيسين ڏاڙهي نه لاهيندس." نتيجي طور سائينءَ غلام مصطفيٰ شاهه اليڪشن رد ڪري بنا ڪنڻ ۽ هارائڻ جي ٻنهي ڌرين کي ناڪام قرار ڏنو.

تن ڏينهن ۾ صوبائي ۽ قومي اسيمبليءَ جا ووٽ ٿي چڪا هئا شيخ مجيب الرحمان اوڀر بنگال ۾ ڪامياب ۽ جناب ڀٽو سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڪامياب ٿيو ۽ ولي خان سرحد ۽ بلوچستان ۾ ڪامياب ٿيو هو. ڀٽو صاحب، ملڪ جي دوري تي نڪتو هو. جڏهن هو حيدرآباد ۾ مير رسول بخش جي دعوت تي آيو ته اسان هرهڪ سڪندر پنگوار، انور ٻچاٽي، غلام مصطفيٰ جمالي ۽ آءٌ مير رسول بخش جي بنگلي تي پهتاسين. ٻاهر دروازي تي حسين شاهه بخاري مليو. اسان هن کي جناب ڀٽي سان ملاقات ڪرائڻ جو چيو. هن دير ئي ڪانه ڪئي. اسان کي پاڻ سان وٺي هليو. ان وقت ڀٽي صاحب سان مير رسول بخش ٽالپر ۽ مسٽر غلام مصطفيٰ جتوئي ويٺا هئا.

اسان ڀٽي صاحب کي اليڪشن ۾ ٿيل بدنظمي ۽ سنڌ جي مسئلن کان آگاهه ڪيو. اسان ڪيس مير پپوءَ جي سائين غلام مصطفيٰ شاهه کي يونيورسٽيءَ مان ڪڍرائڻ واري ڳالهه ٻڌائي. ڀٽي صاحب ان وقت ظاهري طور تي مير کي ڏاڍي دٻ ۽ اسان کي دم دلاسا ڏيئي روانو ڪيائين. انهن ئي ڏينهن ۾ شيخ مجيب جي پارٽيءَ عوامي ليگ تي بندش پئجي ويئي. ان وقت شيخ مجيب جو ڇهن نڪتن وارو پروگرام هو. جهڙوڪ:

١. هرهڪ صوبي کي خود مختياري.
٢. هر صوبي کي پنهنجي مليشا رکڻ جو حق.
٣. ڪنهن به صوبي جو ماڻهو بنا ڪنهن به صوبي ۾ داخل ٿي نٿي سگهيو.

۴. هر هڪ صوبي جي پنهنجي مقامي ٻوليءَ کي قومي زبان بنائڻ جو حق.
۵. ٽن کاتن (خارجه، دفاع ۽ ڪرنسي) کان سواءِ ٻيا سڀ کاتا صوبن جي حوالي ڪرڻ.
٦. عوام جي خوشحاليءَ لاءِ سوشلزم جو نفاذ.

اهي مٿيون ڳالهيون سنڌس منشور هيون.

اسان جي شاگرد جماعت، جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جيڪا خالص سياسي جماعت هئي. جنهن جي قول ۽ فعل ۾ سنڌ جي حقن جي ڳالهه هئي. سا ٻين تنظيمن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مقبول هئي. سنڌس مقبوليت جو ڪارڻ سنڌ سان سچائي هئي. اسان وٽ شاگرد يونيورسٽيءَ جي مسئلن جي حل لاءِ ايندا هئا. اسان سندن دل جان سان مدد ڪندا هئاسين. هڪ دفعي سينڊوز (دوائن واري ڪمپني) وارن سنڌي مزدورن کي نوڪرين مان ڪڍي ڇڏيو. اها خبر جڏهن اسان کي پئي ته اسان.شاگردن سان ٻه ٽي بسون ڀري سينڊوز جي آفيس پهتاسين. ان ڪمپنيءَ جو وڏو عملدار هڪ انگريز هو. اسان ڪيس سنڌي مزدورن جا مطالبا ٻڌايا ۽ حقيقت کان واقف ڪيو. پر هن جي ٻولي رڌ وانگر هئي سو اسان به جوش ۾ اچي وياسين. ڇو جو ملڪ به اسان جو، ڪمپني به اسان جي، وري مزدوري ڪن اچي ٻاهريان، ۽ هتان جا مقامي ماڻهو اهي ئي بيروزگار-!!

اسان ان انگريز جي ڦر ڪري اغوا ڪري "انٽرنيشنل هاسٽل" ڪٽي آياسين. انهيءَ وٽ وٺان ۾ اسان جا به ساٿي عبدالستار جمالي ۽ ٻئي جو نالو وسري ويو اٿم. ان ڪمپنيءَ ۾ رهجي ويا. جڏهن اها افسوسناڪ خبر اسان کي ڪنهن اچي ٻڌائي ته اسان جا تاڪ لڳي ويا. اسان کي انهن رهجي ويل دوستن جي ڏاڍي ڳڻتي ٿي. پر الله سائينءَ جو ڪرم نوازي ٿي ۽ ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ اسان وارا رهجي ويل دوست به ڪنهن نموني اسان وٽ پهچي ويا. تڏهن اسان وڃي سک جو ساهه کنيو.

اِن اغوا ڪيل انگريز کي اسان انٽرنيشنل هاسٽل جي ڪمري.نمبر ٣.۴ ۾ بند ڪيو. ياد رهي ته هيءُ ڪم اسان سينڊوز ۾ ان وقت.جي ملازم مامي الله بخش سومري جي مرضيءَ سان ڪيو هو.

نيٺ آخرڪار هيءُ فيصلو ٿيو ۱۰% سيڪڙو سنڌي ماڻهن کي ڏنو. تنهن بعد اسان انگريز کي آزاد ڪيو. اهڙيءَ طرح اسان شروع شروع ۾ قومي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ ههڙي نموني سان ڪوششون ڪندا هئاسون.

◎

# (۴)

# ٻيهر يونيورسٽيءَ جون چونڊون

ستت ئي محترم حسن علي عبدالرحمان وي- سي ٿي آيو، جنهن سنڌ يونيورسٽيءَ جي يونين جي چونڊن جو اعلان ڪيو. شاگردن ۾ هڪوار نئون جوش ۽ ولولو پيدا ٿيو. ڇاڪاڻ تہ اڳين اليڪشن بہ بنا ڪنهن نتيجي جي ختم ڪئي ويئي هئي. تنهن ڪري شاگردن ۾ ڏاڍي نراسائي ڇانيل هئي. هاڻي جو اليڪشن جو اعلان ٿيو تہ شاگردن ۾ خوشيءَ جي لهر ٻيهر ڊوڙي آهي.

اسان جي (جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن) طرفان هينئان اميدوار بيٺا:

| | | |
|---|---|---|
| صدارت لاءِ | قادر بخش راڄپر<br>مقابلي ۾ | سڪندر پانڌياڻي<br>(سپاف)<br>عبدالجبار عباسي<br>(آزاد)<br>رحيم بخش بلوچ<br>SNSF |
| نائب صدر | (وسري ويو اٿم) | (وسري ويو اٿم) |
| جنرل سيڪريٽري | مولا بخش لغاري | يوسف جکراڻي ۽<br>شفيق ڪوسو (آزاد) |
| جوائنٽ سيڪريٽري | عزيز پنگوار | مخدوم نعيم شاهہ |

اهڙيءَ طرح اليڪشن لڙڻ لاءِ گروپ تيار ٿيا، انهن پنهنجي لاءِ ورڪ شروع ڪئي. اليڪشن جي تاريخ ٦- اپريل مقرر هئي ان کان اڳ نامينيشن پيپر داخل ڪرايا ويا. هاڻي اليڪشن جي تاريخ بلڪل ويجهي اچي چڪي هئي. ٻئي ڏينهن اخبارن ۾ هيٺين خبر سرخيءَ سان آئي.

انتظام درست ڪرائڻ ۽ ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ الڳ ڪرائڻ جيئن ڪراچيءَ ۾ آهي، لاءِ مان ڪوشش ڪندو رهندس ڪيس سنڌ جي مسئلن حل ڪرائڻ جو عزم آهي.

**يوسف مرزا:** بي- ايڊ جو شاگرد آهي. مسلم ڪاليج حيدرآباد مان ڪورس لاءِ آيل آهي ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان وابسته آهي. سندس چوڻ آهي ته ۴- مارچ ۾ هن جو به حصو هو ۽ هن شاگردن جي انهن الزامن جي ترديد ڪئي ته ڪو هو مسرور ڪمشنر جو واسطيدار هو ۽ سازش تحت اليڪشن ۾ بيٺو هو. هن صاحب پڻ استادن جي مسئلن ڪي حل ڪرائڻ جو عهد ڪيو.

**مولا بخش لغاري:** جنرل سيڪريٽريءَ لاءِ اميدوار آهي. انگريزي ادب ۾ ايم- اي جو شاگرد آهي. هي ضلع دادوءَ جي هڪ غريب خاندان جو چشم و چراغ آهي. دادو ضلع ۾ گڏريل ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ دوران پان سعيدآباد ۾ پهرين "شهيد هوشوءَ" جي ورسي هن جي ڪوشش سان ٿي ۽ تحريڪ دوران جيل به وڃي چڪو آهي. هن چيو ته يونيورسٽيءَ ۾ هميشه سرمائيدار اچن ٿا. ليڪن هن ڀيري اها رسم آءٌ ختم ڪري غريب طبقي جي نمائندگي ڪندي بيٺو آهيان. جيئي سنڌ منهنجي لاءِ سياست .اقتصاديات، مطلب ته سڀ ڪجهه آهي. يونيورسٽيءَ ۾ سنڌ جي هر مفاد لاءِ سر ڌڙ جي ڪوشش ڪندس.

**عزيز پنگوار:** بي- اي سياسيات جو شاگرد آهي. هيءُ نواب شاهه ۾ مخالفن جي حملن جو ڪافي شڪار رهيو آهي. لٺ باٺي ۾ مڙس ماڻهو آهي. هو نظرياتي طور جيئي سنڌ جو پروانو شاگرد آهي. گڏريل ون يونٽ ٽوڙڻ واري تحريڪ ۾، سندس چوڻ مطابق ٽي مهينا جيل ۾ هو ۽ ٽي مهينا اسپيئر ۾. هن چيو ته سنڌ جي تهذيب، ثقافت، ٻوليءَ ۽ ادب جي حفاظت لاءِ جان جي بازي لڳائيندي. سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بنائڻ ۽ يونيورسٽيءَ کي مثالي يونيورسٽي بنائڻ لاءِ شاگردن ۾ جديد فڪر پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

**يوسف جکراڻي:** هيءُ سوشل ورڪ ۾ ايم- اي ڪري رهيو آهي گڏريل تحريڪ ۾ ڪافي دفعا جيل ويو آهي. هن ٻڌايو ته

شاگردن، سنڌ ۽ يونيورسٽيءَ جي حقن جي حفاظت لاءِ جدوجهد ڪندس ۽ يونين فنڊ صحيح نموني استعمال ڪندس.

**مولا بخش بلوچ:** نائب صدر لاءِ اميدوار آهي. بي- ايڊ جو شاگرد آهي جوهي هاءِ اسڪول ۾ هو. جتان ٽريننگ تي آيل آهي. هن ٻڌايو تہ يونيورسٽيءَ ۾ بسن جي کوٽ آهي. سا پوري ڪرائيندس. فيون گهٽائڻ لاءِ ڪوشش ڪندس. ٻين يونيورسٽين ۽ سنڌ جي مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد ڪندس.

**شفيق کوسو:** هيءُ سٺو ڊبيٽر آهي. هن ٻڌايو تہ تعليمي ماحول خراب ٿي ويو آهي. ان کي درست ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪندس. سنڌ يونيورسٽيءَ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندس ۽ يونيورسٽيءَ مان غنڊا گردي ختم ڪندس.

**رسول بخش بلوچ:** هيءُ صدارت لاءِ اميدوار آهي. سٺو نظرياتي آهي. سندس چوڻ آهي تہ شاگردن جي اتحاد لاءِ ڪوششون ڪندس تہ جيئن اسين گڏجي سنڌ جي مسئلن کي حل ڪري سگهون ۽ سامراج جي چاڙتن جي عزائم کي ناڪام بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪندس.

**الهہ بچايو انڙ:** هيءُ بہ صدارت لاءِ اميدوار آهي. سٺو ڊبيٽر آهي. هيءُ بہ سنڌ جي مسئلن کي حل ڪرڻ جو عزم رکي ٿو. سندس چوڻ آهي تہ سنڌ کي ١٩٤٠ع جي قرارداد موجب پاڻيءَ جو حق ملڻ گهرجي. بهاري نہ کپن، ڪوڙا ڊوميسائيل رد ڪرائيندس، ۽ سنڌي ماڻهن کي نوڪريون ڏيارڻ لاءِ آواز اٿاريندس. سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪندس. استادن، شاگردن ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي مڪيہ مسئلن جي حل لاءِ سر ٽوڙ ڪوشش ڪندس.

**رحيم بخش بلوچ:** سندس تعلق SNSF سان آهي. نظرياتي شاگرد آهي. سنڌ جي مسئلن حل ڪرڻ، بهاري نہ آڻڻ. سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بنائڻ لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪرڻ، جو عزم رکي ٿو.

**سڪندر پانڌياڻي:** صدارت لاءِ اميدوار آهي. سٺو نظرياتي آهي. سندس چوڻ آهي تہ يونيورسٽيءَ جو ماحول افراتفريءَ جو شڪار آهي ان کي صاف ۽ پاڪ بنائڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندو.

شاگرد برادريءَ جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهندو. سنڌ جي حقن جي حفاظت ڪندو.

* * *

اسان به پنهنجي اليڪشني ورڪ زور شور سان جاري رکي. اسان پنهنجا دوست مختلف شعبن (ڊپارٽمينٽن) ۾ ووٽن وٺڻ لاءِ بيهاري ڇڏيا هئا ۽ اسان جو اهڙئي مقصد هو ته اليڪشن هڪ هنڌ نه پر جدا جدا هنڌن تي ٿيڻ گهرجي ته جيئن شاگرد آسانيءَ سان ووٽ ڏئي سگهن. پر بي ڊر جو چوڻ هو ته اليڪشن جدا جدا شعبن ۾ نه ٿئي. اسان جي دوستن اها صلاح ڪئي ته ڪنهن به طرح سان مخالفن جا ارادا خاڪ ۾ ملائڻ گهرجن، يعني ڪانءَ ڪا سياست ڪرڻ گهرجي. تنهن ڪري اسان پهريان وي- سيءَ وٽ وفد جي صورت ۾ وياسين ته ”اليڪشن هر ڊپارٽمينٽ ۾ ٿيڻ گهرجي ۽ ڇوڪرين جي اليڪشن مارئي هاسٽل بدران ٻئي هنڌ يعني ”آرٽس بلاڪ“ ۾ ٿيڻ گهرجي. ڇو ته اُتي مارئي هاسٽل ۾ غنڊاگردي آهي.“

اتان اچي اسان ادي شاهين ميمڻ، ڀيڻ تنوير جوڻيجو، نسيم قريشي ۽ ڀيڻ ممتاز کهاوڙ جن کي سمجهايو ته اسين رات جو اچي فائرنگ ڪنداسين. اوهان سڀ سنڌي ڀينرون هراسان نه ٿجو ۽ اوهان هاسٽل مان نڪري شهر هليون وڃجو. ڇو جو اسان کي اهو ظاهر ڪرڻو آهي ته هتي حقيقي غنڊا گردي آهي پوءِ جي صورتحال هنن اخبارن جي ڪٽنگن مان واضح آهي.

## شاگرد وڙهي پيا، مارئي هاسٽل کي پولنگ اسٽيشن بڻائڻ تان هنگامو. وائيس چانسلر تي هڪ پارٽيءَ جي حمايت جو الزام.

ڄامشورو د- (سنڌ نيوز) رات يونيورسٽي ڪيمپس ڄامشوري شاگرد انتخابي انتظام تان وڙهي پيا.

هي اختلاف ڇوڪرين جي پولنگ اسٽيشن تان ٿيو. جيڪا مارئي هاسٽل ۾ قائم ڪئي ويئي هئي. چيو وڃي ٿو ته هن سلسلي ۾ ڪالهه وائيس چانسلر وٽ شاگردن جي هڪ ميٽنگ ٿي جنهن ۾ اڪثر شاگردن ڇوڪرين جي الڳ پولنگ اسٽيشن جي مخالفت ڪئي ۽ ٿورن حمايت ڪئي. شام جو يونيورسٽيءَ انتظاميه ڇوڪرين جي

چيو تہ هي فيصلو ڪرڻ وارا ڪير آهن. ڇو تہ هو چونڊيل اميدوار نہ بلڪ نمائندگيءَ جا اميدوار آهن ۽ ھنن شاگردن ۽ وي- سيءَ کي اهڙو يڪطرفو فيصلو ڪرڻ جو اختيار ناهي. ڇو تہ هاڻي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ سندن حق آهي. اتي نعرا هنيا ويا تہ ”نااهل ۽ نالائق اميدوارن کي اليڪشن ۾ ويهڻ جو ڪوبہ حق ڪونهي. صبح تائين جي هنن اسان کان معافي نہ ورتي تہ سندن خلاف پرامن جلوس ڪڍيو ويندو.“ آخر اهو فيصلو ٿيو تہ جنرل باڊيءَ جي هڪ هنگامي گڏجاڻي ڪوٺائي وڃي. جيڪا ان باري ۾ فيصلو ڏئي. اهو فيصلو قبول هوندو (اها گڏجاڻي اڄ رات جو ١١ بجي ٿيڻ واري هئي.)

## ”هينڊ آئوٽ“

چونڊن نہ ٿيڻ جي باري ۾ يونيورسٽي انتظاميہ هي هينڊ آئوٽ جاري ڪيو. ”سنڌ يونيورسٽي اسٽوڊنٽس يونين جي چونڊ ۾ حصو وٺندڙ سڀني اميدوارن ۽ سندن ڪارڪنن اڄ فيصلو ڪيو آهي تہ شاگرد برادريءَ جي اتحاد خاطر يونين جون چونڊون نہ ڪرايون وڃن.“

اهو هڪ تاريخي فيصلو اڄ صبح جو ساڍي ڏهين بجي وائيس چانسلر جي قيام گاهہ تي سنڌ يونيورسٽي اسٽوڊنٽس يونين ۾ حصو وٺندڙ اميدوارن ڪيو تہ سڀ شاگرد پنهنجي پياري يونيورسٽيءَ کي عروج تي پهچائڻ لاءِ پڙهائيءَ ۾ مشغول ٿي وڃن. ”اڄوڪي فيصلي جي خوشيءَ ۾ سڀاڻي ٦- اپريل تي موڪل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ۽ ٥- اپريل کي هميشہ جي لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگرد اتحاد جو ڏينهن قرار ڏنو.“

(ٽين خبر)

## اميدوارن شاگردن کان معافي ورتي. اسان شرمسار آهيون، اسان سان دوکو ڪيو ويو آهي. اڄ رات جو جنرل باڊيءَ جي اجلاس ۾ اميدوارن جون تقريرون.

ڄامشورو ٦ (سنڌ نيوز سروس)

سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن رات انهن اميدوارن جو گهيراءُ ڪيو، جن يونين جي چونڊن کي ختم ڪرڻ لاءِ لکي ڏنو. اميدوارن جنرل باڊيءَ کان معافي ورتي.

جنرل باڊيءَ جو اجلاس رات ١٢- وڳي ابن خلدون هاسٽل ۾ ٿيو. يونيورسٽي جي شاگردن، اسٽوڊنٽس يونين ٻن سالن لاءِ ختم ڪرائڻ واري فيصلي تي احتجاج ڪيو ۽ چيو تہ وائيس چانسلر کي سنڌ جي اتحاد جي نالي يونين ختم ڪرڻ نہ ڏينداءِ اميدوارن شاگردن اڳيان ٻانهون ٻڌي معافي ورتي.

باڊيءَ جي شروع ۾ علم سياست جي شاگرد شاهہ محمد شاهہ تقرير ڪندي يونين ختم ڪرائڻ تي شاگردن ۽ وائيس چانسلر تي ساز باز جو الزام لڳايو. ان فيصلي کي شاگردن جي مفاد خلاف سازش قرار ڏنو. هن چيو تہ فيصلي وقت وي- سيءَ جو گورنر سان رابطو قائم هو. گذريل رات ۴- بجي وائيس چانسلر انٽرنيشنل هاسٽل تي ان ساز باز جي لاءِ آيو هو.

**شرمسار آهيان:** جوائنٽ سيڪريٽريءَ لاءِ بيٺل اميدوار عزيز ينگوار پهرين ٻانهون ٻڌي شاگردن کان معافي ورتي. ان کان پوءِ چيو تہ مون کي ڪن دوستن سنڌين جي اتفاق جي نالي ڦاسايو پر آءٌ ان فيصلي تي شرمسار آهيان. هن چيو تہ ان ڪري اسان لائق نہ آهيون، ۽ آءٌ چونڊ ۾ نہ بيهندس، ليڪن اسان غداري نہ ڪئي آهي.

**اليڪشن ۾ بيهڻ کان بس:** صدارتي اميدوار عبدالجبار عباسي پڻ معافي ورتي. ان کان پوءِ چيو تہ برابر اسان فيصلي ڪرڻ کان اڳ اوهان سان رابطو نہ ڪيو. بعد ۾ هن چيو تہ مون اليڪشن ۾ بيهڻ کان بس ڪئي. هن وي- سيءَ وٽ ڪيل فيصلي جو پس منظر بيان ڪيو ۽ چيو تہ اسان کان اهو فيصلو دوکي سان ڪرايو ويو آهي. پر هاڻي هڪ تہ اسان اهو فيصلو مڃيو آهي، زبان ڪئي آهي. ان ڪري فيصلي تان ڦرڻ نہ گهرجي. سنڌ جي نالي ۾ جو اتحاد ٿيو آهي ان کي آزمائجي ۽ ڏسجي تہ ان مان فائدو حاصل ٿئي ٿو يا نہ. تنهن تي شاگردن سندس برخلاف نعرا هنيا تہ:

چمچاگيري نہ هلندي. ڪجھ سڌر. ڪجھ سڌر.

جنرل باڊيءَ جي اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ اليڪشن ٿيڻ گھرجي ورنہ ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو ويندو.

۱۵ ڏينهن کان پوءِ سنت ٿي امتحان شروع ٿيا تہ اسان شاگردن جو وفد وٺي ان وقت جي وائيس چانسلر حسن علي عبدالرحمان کي امتحان ملتوي ڪرڻ جي گذارش ڪئي. چاڪاڻ تہ انهن ڏينهن ۾ اليڪشن مهمل ڪرڻ سبب بہ رنجشون هيون وري شاگرد گوڙ گھمسان جي ڪري پڙهي ڪونہ سگھيا هئا. ويتر سائين بخش لغاريءَ وارن جو گروپ اخلاق جي حدن کي اورانگھي غنڊه گردي ڪندو هئو. ڪوبہ شاگرد هنن مان خوش ڪونہ هو. مطلب تہ انتشار لڳو پيو هو.

پر وي- سيءَ اسان جي هڪ بہ نہ ٻڌي. چيائين تہ امتحان ملتوي نہ ٿيندا- اسان کي شاگردن ڪري ڇڏيو هو باهہ، ويتر وي- سيءَ امتحان پوئتي نہ هٽايا. مڙني رنجشن کي سامهون رکي اسان فيصلو ڪيو تہ "وي- سيءَ جي آفيس تي قبضو ڪيو وڃي."

ٻئي ڏينهن اسان آفيس تي قبضو ڪيو ۽ وي- سيءَ کي آفيس مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيوسين، رڳو مون (عزيز پنگوار) کي قائم مقام وي- سي مقرر ڪيو ويو، ۽ پنهنجن دوستن ڪلاسن ۾ وڃي پروفيسرن جي جاءِ والاري. رڳو چند شاگرد ناراض ٿيا. باقي ٻيا سمورا شاگرد انهي قدم کڻڻ مان راضي هئا. آفيس مان جناب نواز پٺي ڏانهن (جيڪو AC-2 جو انچارج هو) فون ڪئي تہ اي سي-۲ جون چاٻيون اسان جي حوالي ڪيون وڃن. اسان وي- سيءَ کي آفيس مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي ان تي اسان جو قبضو آهي."

هن ويچاري چاٻيون اسان جي حوالي ڪيون. آخرڪار ڪجھ ڪلاڪن تائين اسان جو قبضو رهيو ۽ امتحان مهمل ڪرڻ جو اعلان ڪيوسين. انهيءَ کان پوءِ حڪومت حسن علي عبدالرحمان کي هٽائي ان جي جاءِ تي وري ٻيهر سائين غلام مصطفيٰ شاهہ کي وائيس چانسلر مقرر ڪيو. جڏهن اهو اعلان ٿيو تہ سائينءَ کي يونيورسٽيءَ جي چارج ڏني ويئي آهي تہ شاگردن جا جٿا بس ۾ چڙهي ٽول پلازه وٽ استقبال لاءِ ڳڏ ٿيا ۽ سائينءَ کي جلوس جي شڪل ۾ آندو ويو.

مهيني سوا ڪان پوءِ امتحان شروع ٿيا ۽ ماحول پُر امن رهيو. هتي هڪ ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته شاهه صاحب ۾ اها قابليت هوندي هئي جو هر ڏکئي مسئلي کي جلدي حل ڪري ڇڏيندو هو. هيءُ هڪ پر خلوص نيڪ انسان هو. سائين غلام مصطفيٰ شاهه اسان سنڌي شاگردن جا مسئلا ٻڌا ۽ تنهن ڪان پوءِ اسان سان هر قسم جو اخلاقي تعاون ڪرڻ جو واعدو ڪيو. يونيورسٽيءَ ۾ پر امن ماحول هو. اهو ماحول ڏسي سپاف وارا (جن ۾ مهاجر به شامل هئا) شاگرد سائين غلام مصطفيٰ شاهه جي خلاف ۽ اسان جي جماعت جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي شاگردن جي برخلاف ڳجهه ڳوهه ۾ سٽون سٽيندا رهيا، ۽ ان ڪان سواءِ پي پي حڪومت جي ڪري به هنن جي اسان جي خلاف مخالفت وڌندي رهي.

امتحان شروع ٿيا ته امتحان ڏيڻ لاءِ سڀني تياريون ڪيون هيون. امتحانن ڪان پوءِ انتظار ڪنهن به ڳالهه جو ڪونه رهيو. سڀ ڇوڪرا آزاد گهمندا ڦرندا، مطلب ته رڳو چڪر هڻندا وتندا هئا.

بهرحال ڇهچٽو لڳو پيو هوندو هو. هاڻي اسان به ائين واندا، نه ڪم نه ڪار، رڳو ڪائي پي سمهڻ وغيره. اهي اسان جون مشغوليون رهيون. وقت پاس ڪرڻ لاءِ پوڳ چرچا به ڪندا هئاسون، ته وري ڪڏهن هينئن به ٿيندو هو. مثال:

اسان هاسٽل ۾ اها ڳالهه هلائي ڇڏي، ته ”مير حسن شر کي ڪڏهن ڪڏهن مرگهي ٿيندي آهي ۽ جنوني حالت ۾ اهڙيون ته غلط حرڪتون ڪري ويهندو آهي جو ڪڏهن ڪڏهن انساني جانين جي لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو.“

شاگردن کي يقين ڏيارڻ خاطر هو مذاق طور اهڙيون حرڪتون به ڪندو هو ۽ ان نموني هو شاگردن ۾ هراس وجهندو هو. جنن ڪري سيئي شاگرد اعتبار ڪندا هئا ته برابر هن کي مرگهي آهي. اوڏي مهل اسان شاگردن کي چوندا هئاسون ته هيءُ نيڪ تڏهن ٿيندو آهي جڏهن هن جو راٺيپور وري پير ڪان ڦيٿو چنبو ڪرائيندا آهيون-!!

اسان جا به جڏهن پئسا ڪٽندا هئا ته مير حسن کي به مرگهي وٺندي هئي ۽ هو اداڪاري ڪري ڪڏهن ڪڏهن پٽين کي ٺڪر هڻندو هو ته وري ڪڏهن چاقو ڪڍي شاگردن جي پويان پوندو هو.

هوڏانهن شاگرد ويچارا پنهنجا ڪمرا ڇڏي ڀڄي ويندا هئا. پوءِ اسان ان موقعي مان فائدو وٺندي شاگردن ڪان چندو وٺي، ڦيٽي جي بهاني ڳوٺ ويندا هئاسون، ۽ پوءِ انهن پئسن مان ٽي پٽيون ڪري ڪٽندا هئاسون. هڪ حصو مير حسن پيو آءٌ ۽ ٽيون حصو ڪٽندو هو غلام رسول بروهي. ڇو ته اسان مير حسن جا چيلا هئاسون. اها خبر اسان جي واردن سائين شمس الدين ميمڻ (حميد سنڌيءَ جو پيءُ) ۽ ابراهيم شاهه بخاري، ان وقت شعبي انٽرنيشنل رليشن جا هيڊ هئا ۽ اعوان صاحب شايد زولاجيءَ جو ليڪچرار هو. (جيڪي ساڳس گڏ رهندا هئا) کي پئي تنهن اسان کي گهرائي حقيقت پڇي. سائينءَ کي اسان چيو ته "جن ڀن جي ڪابه ڳالهه ڪانه آهي. هيءَ مذاق آهي جيڪا ڪڏهن شاگردن جي ذهني سڪون لاءِ ڪندا آهيون، ۽ اسان کي به پاڙي پتي لاءِ پئسا ملي ويندا آهن." پوءِ ميمڻ صاحب کلي چيو ته "يلا اهو ڪرتب ڪڏهن اسان کي به ته ڏيکاريو اسان چيو ته "ها" ڪو اهڙو فنڪشن ٿئي يا ڪا اهڙي ٽي چانهه پارٽي ٿئي ته اوهان کي انهيءَ فن جو مظاهرو ڏيکاريو ويندو."

هڪڙي ڏينهن الوداعي پارٽيءَ جو ميڙ هو اسان ميمڻ صاحب کي چيو ته "سائين هو ۽ مير حسن شر اڄ پنهنجو ڪرتب ڏيکاريندو. اها خبر صرف چند ماڻهن کي هئي. اهو ميڙ اڄ به ياد اٿم ته بي بلاڪ جي پارڪ ۾ ڪيو ويو هو. پارڪ ۾ ڪرسيون چڱي نموني رکيون ويون. سڀئي بلاڪ جا شاگرد اچي ڪرسين تي ويٺا. چوڌاري ڇهڇٽو ۽ مزو لڳو پيو هو. سڀئي منتظرين انهيءَ انتظار ۾ هئا ته جلد پروگرام شروع ٿئي انهيءَ مهل هڪ ڊرامون پيش ڪرڻ لاءِ اسٽيج سينگاري ويئي هئي. مقرر وقت تي ڊرامو شروع ٿيو. ڪردارن پنهنجي اداڪاري ڏيکارڻ لاءِ پنهنجو پاڻ سنو موڪيو. انهيءَ دوران هڪ آئيٽم مسخريءَ جو رکيل هو. ان ۾ ڪنهن ڪتي جي ڀونڪ ته ڪنهن گڏهه جي هينگ ته ڪنهن ڪڪڙ جي بانگ ڏئي حاضرين کي خوش ڪيو. اڃان ڪافي آئٽم رهيل هئا ته اوچتو اسان واري سيڪاريل يار مير حسن جون اکيون به ڳاڙهيون ٿينديون ويون. شاگردن جا ٽهڪ شروع ٿي ويا. هن پنهنجو پاڻ تي ضابطو رکيو ۽ اداڪاري ڏيکاريندو رهيو.

شمس الدين ميمڻ صاحب کي انهيءَ جي سڌ هئي تنهن کانئس جاٽي واٽي سوال پڇڻ شروع ڪيا. مير حسن گم شم جواب ڏيڻ بجاءِ ويو سانڊي وانگر سيٽبو ۽ اوچتو هن مونکي چماٽ وهائي ڪڍي. جيئن مون کي چماٽ لڳي ته ”اداڪاري ڪندي اچي ڦهڪو ڪيم. جڻ مون کي سچي پچي ڪو اهڙو زوراڻتو ڌڪ لڳو آهي. مون وٺي دانهون ۽ رڙيون ڪيون ته گهوڙا ڙي مري ويس. بچايو ”اڙي الاءِ مير کي جن اچي ويو آهي. فقير مون کي معاف ڪر- پيلي ڏٽيءَ جي نالي مون کي سر دان ڏي-!!“

مُنهنجي رڙين تي هيڪاري شاگردن ۾ هراس پکڙجي ويو. ميمڻ صاحب کان علاوه ٻيا جيڪي به استاد هئا سي وٺي ڀڳا. ڀڄندي ڀڄندي هڪ شيشي جي ٽيبل جيڪا سندن اڳيان پيل هئي سا ڀڃي رکيائون. اسان اڳيئي پٽيوالي کي سمجهائي ڇڏيو هو ته ٻاهريون گيٽ بند ڪري ڇڏي، ڪيس چيل هو ته متان ٻين بلاڪن جا ڇوڪرا نه اچن.

هاڻي دروازو به ٻاهريون بند هو. تنهن ڪري ڇوڪرا ٻاهر نه نه ٿي نڪري سگهيا. پئي هاسٽل ۾ ڊوڙيا. ڪافي وقت گذري ويو. سائين ميمڻ صاحب کل ۾ ويڙهيو پيو هو. بس اصل رومال وات تي ڏئي ٽهڪن ۾ ٻڏو پيو هو. گهڙي کن کان پوءِ ماٺهو موڪليائون ته هاڻي بس ڪيو، متان ڇوڪرن جا هانو نه ڦاٽي پون. تنهن کان پوءِ اسان (غلام رسول بروهي ۽ مون) مير حسن کي ڪٺي هڪڙي ڪمري ۾ بند ڪيو. ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ اسان مير حسن جي علاج جي بهاني (ته ڪيس راڻيپور تا وٺي وڃون) چندو وٺڻ شروع ڪيو- اهڙي نموني اسان ڇوڪرن کي تنگ ڪندا هئاسون هڪ دفعي اسان هينئن به ڪيو.

## ”حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ورسي“

## اسٽيج تي قبضو

شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ساليانه ورسيءَ جي موقعي تي اسان سنڌ يونيورسٽيءَ جا تمام گهڻا شاگرد لطيف سائينءَ جو ميلو ڏسڻ لاءِ بس ڀري اچي ڀٽ شاهه پهتاسين. ميلو گهمي پوءِ ثقافتي ۽ ادبي ڪانفرنس ڏسڻ وياسين ته راڳ روپ جي محفل موسيقي شروع هئي. موسيقيءَ جي محفل ۾

ان وقت جو وزير تعليم درمحمد اوستو هو، سو بہ محفل ۾ وينو هو. اسان بہ وڃي محفل ۾ شرڪت ڪئي. اتي امان الله شيخ ڪي سوال لکي پنو مون کي اچي هٿ ۾ ڏنو ۽ چيائين تہ ”جيڪڏهن مڙس آهين تہ هي سوال وڃي در محمد اوستي کان پڇ.“ مون بہ بغير ڪنهن سوچڻ جي نہ ڪا ڪير هر نکي تہ. ائين الله توهار ڪندي اسٽيج تي پهتس ۽ وڃڻ سان مائيڪ ۾ هٿ وجهي اوستي سان مخاطب ٿيندي، سوالن جي لاٺ شروع ڪري ڏنم. ڪجهہ سوال ياد اٿم جيڪي هن طرح هئا:

١. تنهنجي تعليمي قابليت ڪيتري آهي؟ جو تون تعليم جو وزير ٿيو آهين؟
٢. ادب جي باري ۾ توکي ڪهڙي ڄاڻ آهي؟
٣. علم ڇا کي چئجي ٿو؟

جيئن تہ انهن سوالن جا جواب مون کي بہ ڪونہ ٿي آيا. پر اُرهہ زورائيءَ موجب مون پڇڻ شروع ڪيا. اتي وينل شاگرد اٿي ڪڙا ٿيا ۽ اچي اسٽيج تي قبضو ڪيائون. اوستي خلاف نعري بازي شروع ٿي ويئي. اٽڪل ٢٠ منٽ کن اها نعري بازي هلي. اهو حال ڏسي ممتاز مرزا مون کي شرمائيندي چيو تہ ”هيءُ فنڪشن تہ لطيف سائين جو آهي، جيڪو سنڌ جو سرتاج آهي. توهان پاڻ کي سنڌي بہ ٿا سڏيو ۽ فنڪشن پاڻ ئي ٿا خراب ڪيو. مهرباني ڪري توهان سيني شاگردن کي اپيل ڪريو تہ اسٽيج خالي ڪن تہ جيئن محفل جاري رهي.“ پوءِ شرمسار ٿيندي ائين ڪيوسين. راڳ جي محفل جاري رهي. رات جي پوئين پهر اسين واپس يونيورسٽي موٽي آياسين.

اڄ اسان کي ڳوٺ نواب شاهہ وڃڻو هو، کيسا خالي هئا. مير حسن کي مرگهي اچي ويئي کن گهڙين کان پوءِ اسان جا کيسا پئسن سان سهڪي رهيا هئا ۽ پوءِ سٽت ئي ڳوٺ ڏانهن راهي ٿياسين. تصور ۾ سوچيان ٿو تہ ”پنيان ڇوڪرا پيا چون تہ چڱو ٿيو ويا. اڄ ملڪ ئي ٺري پيو آهي. اهي ٺريا ئي چڱا آهن. ان ڪانسواءِ منهنجيون پيون لڇايون هن طرح آهن:

(١) نواب شاهہ ۾ چند ڏينهن ٿي ويا هئا. هڪڙي ڏينهن پنهنجي ياءُ کي موڪليم تہ **بابو نالي دڪاندار** کان ٽوپيون وٺي آ، هن

ڏل چاهي ٿي تہ ڪيس پنهنجي سر هلي وڃي پهچايان پر افسوس آهي جو معذور آهيان پر اها امانت دوست ڪنهن بہ وقت حاصل ڪري سگهي ٿو.

(ب) هاسٽل ۾ رهندي مون پنهنجي دوست بشير احمد چنڙ جو بوٽ چورايو.

(ٻ) ٻيون چوريون تہ پنهنجي جاءِ تي پر مون هڪ دفعي قومي امانت يعني يونين جي فنڊ مان ٢٥ روپيا ڪوٽ جي ڪپڙي وٺڻ لاءِ ذاتي طور خرچ ڪيا. جڏهن اها قومي چوريءَ جي ڳالهہ دل تي هري ايندي آهي تہ ضمير ملامت ڪندو اٿم تہ ٻيون چوريون تہ مون ڪيون پر قومي چوري! افسوس- اڙي عزيز حيف هجئي پنين ها پر اهڙو ڪڏو ڪم نہ ڪرين ها.

(ڪ) هڪ دفعي مهاجر عثمان ڪينڊيءَ کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ وٺي آيا. هنن ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ ۾ تقرير جو پروگرام ٺاهيو. سنڌي شاگردن کي جڏهن اها خبر پئي تہ جمال ٻجاراڻي ۽ پير منور وارا هن کي اغوا ڪري سر سيد هاسٽل ڪٺي آيا آهن. مون کي بہ جڏهن اها خبر پئي تہ آءٌ بہ سر سيد هاسٽل پهچي ويس. ٻين چوڪرن کي چڙوچڙ ڪري آئون مير حسن شر، پير منور، سائين علي مردان شاهہ، ڪينڊيءَ جون اکيون ٻڌي مختلف هاسٽلن مان چڪر ڏيارائي اچي ڪيس هڪ ڪمري ۾ بند ڪيو. اها خبر جلدي پري پري تائين پکڙجي وئي. مهاجرن سڄي حيدرآباد ۾ هڙتال ڪري ڇڏي. سيني دڪان بند ڪري ڇڏيا ۽ جلوس ڪڍيا. ان وقت جي انتظاميہ ايس- پي (دادو) مسٽر عبدالرحيم ۽ هوم سيڪريٽري ڪئپٽن عثمان علي عيساڻي ۽ ڊي- سي پنهور صاحب يونيورسٽي پهچي ويا، ۽ اچي اسان سان ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪيائون. گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ اسان عثمان ڪينڊيءَ کي رات جو ٩- وڳي ڇڏيو. هن کي ڪار ۾ ويهاري يونيورسٽيءَ جي حدن کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيوسين. نتيجاً اسان تي ڪيس هليو. آخرڪار قانوني پوئواري ڪري بنا گرفتاريءَ جي ڪيس واپس ورتو ويو.

هوڏانهن وري ڪينڊيءَ جي حمايت ۾ مهاجرن حيدرآباد شهر ۾ لنگهندڙ يونيورسٽي بسن تي حملو ڪيو. جنهن ۾ ڪيترائي شاگرد زخمي ٿي پيا. جڏهن اها خبر اسان کي پئي ته اسان وري يونيورسٽيءَ ۾ موجود مهاجر شاگردن کي ڌڪ هنيا. ايتري قدر جو اهي يونيورسٽي ڇڏي ڀڄي ويا.

◎

(5)

# سال 1973ع ـ ٽين اليڪشن سنڌ يونيورسٽي

ٻن سالن کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سرڪاري طور اليڪشن جو اعلان سائين غلام مصطفيٰ شاهه، وائيس چانسلر طرفان ڪيو ويو. اڳ ۾ ٿي ٻه اليڪشنون درهم برهم ٿي ويون هيون. تنهن ڪري سڀني سوچيو ته سنجيده ٿي اليڪشن لڙي وڃي. ڇو ته ٻئي اليڪشنون پاڻ ۾ وڙهڻ جي ڪري ڊانوا ڊول ٿي ويون. تنهن ڪري هاڻ هن اليڪشن کي ڪامياب ڪجي، شاگردن جا مسئلا، استادن ۽ ٻين يونيورسٽيءَ جي مسئلن کي منهن ڏئي سگهجي.

جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان صدارت لاءِ يوسف جکراڻي ۽ مولا بخش لغاري بيٺا ۽ جنرل سيڪريٽريءَ لاءِ هن ڪتاب جو ليکڪ، جوائنٽ سيڪريٽري لاءِ نظرمحمد جوڻيجو اميدوار بيٺو. فيڊريشن طرفان مولا بخش لغاريءَ ۽ يوسف جکراڻيءَ ٻنهي مان ڪنهن ٻه هڪ کي صدارت لاءِ ٽڪيٽ ڏيڻي هئي. جيئي سنڌ- ا- ف جي صدر اقبال ترين ۽ جنرل سيڪريٽري شاهه محمد شاهه ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ سڏائي، جنهن ۾ اڪثريت يوسف جکراڻيءَ جي حمايت ۾ هئي. ان تان مولا بخش لغاري ڪاوڙجي پيو.

هوڏانهن يوسف جکراڻيءَ جي مقابلي ۾ پير مڪرم، منهنجي مقابلي ۾ شفيق صديقي ۽ نظر محمد جوڻيجي جي مقابلي ۾ (ياد ناهي) هڪ اميدوار بيٺو. اڳين اليڪشن ۾ ٻيون شاگرد تنظيمون جدا جدا بيٺيون هيون. پر هن اليڪشن ۾ اهي گڏجي جيئي سنڌ جي طاقت جو مقابلو ڪرڻ لڳيون.

يوسف جکراڻي، پير مڪرم جي گلا ڪرڻ لڳو ۽ پير مڪرم وري يوسف جکراڻيءَ جي گلا ڪرڻ لڳو (ته جيئن ته آءٌ هن جي

جيئن ته مون کي مهاجر ووٽرن جي هڪ به ووٽ ملڻ جي اميد ڪانه هئي. تنهن ڪري اسان صلاح ڪئي ته هنن کي ڪهڙي نموني روڪجي. سو مون ۽ منهنجي دوست اڪبر رند مهاجر شاگرداڻين جي بس تي هوائي فائر ڪري ڪين هراس ۾ وجهي ڇڏيو. اليڪشن واري ڏينهن مهاجر ووٽرن کي روڪڻ لاءِ اسان هڪ گروپ تيار ڪيو، جنهن ۾ اسماعيل وساڻ، اڪبر رند، مير حسن شر، روشن جوڻيجو، مشتاق جوڻيجو، نورل جوڻيجو، ضمير سومرو، الطاف پيو، غلام مصطفيٰ جمالي، رفيق ميمڻ ۽ ٻيا ڪيترائي ورڪر ريوالور ۽ رائيفلن سان يونيورسٽيءَ جي رستن تي بيهي رهيا. پر ان هوندي به يوسف جکراڻي ۽ پير مڪرم وارا پنهنجين پنهنجين سوارين ۾ هيڪڙ ٻيڪڙ مهاجرن ووٽرن کي آڻڻ ۾ ڪامياب رهيا. ناڪابنديءَ جي خبر جڏهن سائين غلام مصطفيٰ شاهه کي پئي ته هو پاڻ پنهنجي سر ناڪابندي ختم ڪرائڻ لاءِ نڪتو. سائينءَ جي اچڻ ڪري انهيءَ مهل هو همراهه رستي کان هيٺ لڙي تي ويا پر سنڌن وڃڻ کانپوءِ وري اچي تي بيٺا. اهو سلسلو ڪافي وقت تائين جاري هو. هوڏانهن پولنگ شروع هئي. اتي جن به دوستن کي اسان مختلف ڊيوٽين تي ڇڏيو هيو سي به ايمانداريءَ سان ڊيوٽي ڏئي رهيا هئا. جيئن جيئن پولنگ ختم ٿيڻ جو وقت ويجهو ٿيندو پئي ويو. تيئن تيئن اسان کي خشڪيون وننديون ٿي ويون. اميد ۽ نااميديءَ جي گڏيل ڪيفيت ۾ بيٺا هئاسون. ڪڏهن ڪنهن ڊپارٽمينٽ ۾ ته ڪڏهن ڪنهن ٻئي ڊپارٽمينٽ ۾ پڇندو رهيس ته اها ڳالهه معلوم ٿئي ته پوزيشن ڇا آهي؟ آخرڪار پولنگ جو ٽائم پورو ٿي ويو. ان بعد ڳڻپ شروع ٿي. هاڻي سڀني اميدوارن جي دلين جا ڌڙڪا تيز ٿي ويا. خبرن سان رزلٽ ظاهر ٿيڻ جو وقت اچي ويو ۽ نتيجو هن طرح ظاهر ٿيو.

## يونيورسٽيءَ جون چونڊون

## جکراڻي صدر ۽ پنگوار جنرل سيڪريٽري چونڊيا

اڄ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شاگرد يونين جون چونڊون خير خوبيءَ سان ٿي گذريون. هي چونڊون ٻن سالن بعد هڪ پرامن ۽

خوشگوار ماحول ۾ ٿيون آهن. چونڊن مطابق محمد يوسف جکراڻيءَ کي صدر ۽ عزيز پنگوار کي جنرل سيڪريٽري ۽ نظر محمد جوڻيجي کي جوائنٽ سيڪريٽريءَ لاءِ چونڊيو ويو.

محمد صفر مري نائب صدر ۽ انيس ميمڻ کي شاگردياڻين جي نمائينده منتخب ڪيو ويو. منظور احمد ميمڻ (نمائندو ايم- ڪام، ايم- ايس، سي فائينل) خير محمد جوڻو نمائندو (ايم- اي، ايم- ايس سي ايم ڪام، ايم ايڊ پريوس).

مرزا قزلباش نمائندو بنا مقابلي (بي- اي، اي- ايس- سي آنرس پارٽ ٿرڊ)، الهڏنو ڪيريو نمائندو بي- اي، بي- ايس- سي آنرس پارٽ ٽو) اعجاز حسين شاهه چاموٽ (بي- اي- بي- ايس- سي آنرس پارٽ ون).

هنن چونڊن ۾ شاگردن ڪافي تعداد ۾ حصو ورتو. ڪوبه ناخشگوار واقعو پيش نه آيو.

* * *

منهنجي مخالفت ۾ بيٺل دوست شفيق صديقيءَ کي 162 ووٽن تان شڪست آئي. تنهن ڏاڍي سٺي اخلاق جو مظاهرو ڪيو، ايتري قدر جو مون کي ڀاڪر پائي چميون ڏئي هار پارايائين. صحيح معنيٰ ۾ سندس اخلاقي فتح رهي. هونءَ جيئي سنڌ 1- ف ڪامياب رهي. فتح جي خوشي ۾ اسان سيني يارن دوستن، ورڪرن سان گڏ هڪ وڏي جلوس جي صورت ۾ مسلم ڪاليج پهتاسون. انهيءَ سفر دوران پنج ڇهه سئو رائونڊن جا فائر ڪياسين.

اسين هوائي فائر ڪندا، نعرا هڻندا بس ۾ چڙهي جڏهن ڪاليج پهتاسون ته اتي يوسف جکراڻيءَ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. سندن تقرير پوري ٿيڻ کانپوءِ اتان موٽي يونيورسٽي آياسين. سيئي شاگرد مبارڪون ڏيندا رهيا. جن ووٽ ڏنا تن به مبارڪون ڏنيون ۽ جن ووٽ نه ڏنا هيا سي به مبارڪون ڏيڻ لڳا ياد اٿم انهيءَ رات گهڻيءَ دير تائين ڪچهري ڪندا رهياسين.

چونڊ کان اڳ سنڌ جي وزارت ٽٽي چڪي هئي. ممتاز علي ڀٽو وزيراعليٰ مقرر ڪيو ويو، مسعود نورانيءَ کي ممتاز صاحب.

تہ "جي رئيس امروهي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ اچي سگهي ٿو تہ پوءِ سنڌ جو سائين ۽ عظيم اڳواڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڇو نہ ٿو اچي سگهي! نيٺ اهو فيصلو ٿيو تہ فنڪشن جي صدارت سائين جي- ايم سيد کي ڏني وڃي."

مقرر ڏينهن تي محترم سائين جي. ايم سيد مهرباني فرمائي فنڪشن جي پروقار تقريب کي رونق بخشڻ آيو. سائينءَ جو استقبال نعرن، تاڙين ۽ گلن جي ورڪا سان ڪيو ويو. ڪارروائي شروع ٿي تہ گورنمينٽ جي چاڙتن، مختيار سهرياڻي حڪومت جي چوڻ تي فنڪشن کي ناڪام بنائڻ لاءِ پنڊال ڪان ٻاهر فائرنگ ڪئي. شاگردن ۾ ٿوري گهڻي بيچيني پيدا ٿي. پوءِ سنڌ جي سپوتن ان تخريبڪار جو پيڇو ڪيو ليڪن هو موٽر سائيڪل تي فرار ٿي ويو. هوڏانهن فنڪشن جي ڪارروائي دستور موجب هلندي رهي. آخر ۾ سائينءَ خطاب ڪيو جنهن ڪان ڪانپوءِ محفل موسيقيءَ جو پروگرام شروع ٿيو. جنهن ۾ علڻ فقير محفل کي چارچنڊ لڳائي ڇڏيا. هن حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي وائي پنهنجي پياري آواز ۽ نرالي انداز سان ٻڌائي. جنهن تي حاضرين مجلس انهيءَ کي ڏاڍو داد ڏنو. ان ڪان پوءِ زرينہ بلوچ پنهنجي آواز جي جادوءَ سان محفل ۾ ماٺار ڇانئي ڇڏي، جڏهن هن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جو هيءُ گيت ڳائڻ شروع ڪيو.

"جيئي سنڌ، جيئي سنڌ
جام محبت پيئي سنڌ."

تہ سڄي محفل جهومي رهي هئي. نعرن جي گونجار ۾ يونيورسٽي ڀڪي اٿي. ويٺلن جي دلين ۾ جذبو سنڌوءَ جي ڇلن وانگر اٿلي پيو، هر هر فرمائش تي تہ "ونس مور" يعني ٻيهر ٻڌايو وڃي. ان ڪان پوءِ عاشق عاربانيءَ جو هيءَ نغمو ڳايو ويو:

تو وڇوڙيا سوين اي زمانا هائي زمانا، هاءِ زمانا
تو ليٽيا خوشيءَ جا خزانا هائي زمانا، هائي زمانا.

اڄ بہ عارباڻيءَ جو اهو گيت جڏهن ٻڌندو آهيان معذوريءَ واري حالت ۾ پاڻ کي ڏسي صرف ان ڳالهہ جو افسوس ٿيندو اٿم تہ

زماني منهنجي خوشيءَ جو خزانو ته ڪونه لٽيو آهي، پر دوستن يارن کي مون کان زماني وڇوڙو ڪرائي ڇڏيو آهي.

انهن ڏينهن ۾ قومي اسيمبليءَ 1973ع جي آئين جي منظوري ڏني ڇڏي. هن آئين ۾ صوبن کي ڪوبه حق ڪونه ڏنو ويو. يعني صوبا ڪوبه مطالبو مڃرائي ڪونه ٿي سگهيا. مثال:

قومي اسيمبليءَ جون ڪل سيٽون (200) ٻه سئو هيون. ان مان بلوچستان کي 19 سيٽون ۽ سرحد کي 29 سيٽون مليون ۽ سنڌ کي 36 سيٽون ڏنيون ويون هيون پر پنجاب کي 116 سيٽون مليل هيون. هاڻي فرض ڪيون ته ڪوبه صوبو (پنجاب کانسواءِ) اهو مطالبو ڪري ته "اسان جي صوبي ۾ اسان جي مقامي ٻوليءَ کي قومي زبان جو درجو ڏنو وڃي" ان جي حمايت ۾ ٻيا ٻه صوبا ان جي مقعول مطالبي جي حمايت ڪن. تڏهن به ان حالت ۾ هنن ٽن صوبن جي ٽوٽل ميمبرن جو تعداد وڃي ٿيندو 84 هوڏانهن پنجاب جا 16 ميمبر ووٽ به نه ڏين پر 100- ميمبر اهو چون ته اهو پيش ڪيل مطالبو يا صوبائيءَ اسيمبليءَ جي قرارداد غلط آهي ته آئين ۾ باقي ٽن صوبن سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد کي هڪ صوبي پنجاب جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي.

## سنڌ جي قومي اڳواڻ محترم سائين جي. ايم سيد جو نواب شاهه جو دورو

انهن ڏينهن ۾ شرپسندن، سنڌين جي مٿان قاتلانه حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا هئا. ان جي جواب ۾ سنڌين به پنهنجي بچاءَ ۾ قدم کنيو. سڄي سنڌ ۾ گوڙ هئا. ان سلسلي ۾ سائين جي. ايم سيد، نوابشاهه دوري تي آيل هو. نواب شاهه شهر ۾ پهتو ته هزارن جي تعداد ۾ سنڌي ماڻهن سيد جو استقبال ڪيو. استقبال لاءِ ايترا ته ماڻهو آيل هئا جو مون هن کان اڳ ڪنهن به وڏي ليڊر جو اهڙو استقبال ڪونه ڏٺو هو.

موني بازار نوابشاهه ۾ سائينءَ جي دعوت محترم چاچا محمد يوسف ميمڻ وٽ هئي. ان کان پوءِ شاهنواز قريشي (مرحوم)

جي سائين کي دعوت هئي. موني بازار کان قريشي صاحب جي جاءِ تائين صرف پنجن منٽن جو فاصلو آهي پر سائينءَ کي ايندي ايندي ٻه اڍائي ڪلاڪ لڳي ويا. سائين سنڌين کي خطاب ڪندي ايندڙ خطرن کان آگاهه ڪيو. مون ڏٺو ته ماڻهن ۾ ايڏو ته جوش ۽ جذبو هو جو سر ڏيڻ لاءِ به آتا نظر ٿي آيا.

اسان جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي شاگردن طرفان سائين کي ”فردوس هوٽل“ نواب شاهه ۾ چانهه پارٽي ڏني. سائينءَ پنهنجي مصروفيتن مان پنهنجو قيمتي ٽائيم ڪڍي اسان شاگردن کي خدمت ڪرڻ جو اعزاز بخشيو. ان کان پوءِ مون سائينءَ کي عرض ڪيو ته ”قبلا منهنجي غريباڻي آستاني تي قرب جا قدم مبارڪ گهمايو.“

سائين جن تڪليف فرمائي منهنجي ڳوٺ ”فيض محمد پنگوار“ ۾ آيا ( جيڪو شهر جي ڏکڻ ۾ لڳو لڳ آهي وچ ۾ صرف ٻن نمبرن جي وڇوٽي آهي) ۽ مون کي خدمت ڪرڻ جو شرف بخشيائون، سائين اتي ڏاڍي شاندار ڪچهري ڪئي ۽ حالتن کان وڏيڪ واقف ڪري، سياسي صورتحال کان آگاهه ڪيو.

هوڏانهن حڪومت جي، يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي مرضي هلي نه سگهي. سو وائيس چانسلر سيد غلام مصطفيٰ شاهه تي دٻاءُ وڌو ويو ته ”ڪانووڪيشن ڪرايو ته وڃي.“ جيئن ممتاز علي ڀٽو، عبدالحفيظ پيرزادو، گورنر سنڌ بيگم رعنا لياقت علي خان کي يونيورسٽيءَ ۾ اچڻ جو موقعو ملي.

سائين غلام مصطفيٰ شاهه جي طرفان اعلان ڪيو ويو ته ”عبدالحفيظ پيرزادي قانون جي وزير کي سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان ڪانووڪيشن ۾ ڊاڪٽر آف لا جي ڊگري ڏني ويندي، اسان جيئي سنڌ وارن حفيظ پيرزادي جي مخالفت ڪئي ته هن سنڌ تي ڌاڙو هڻڻ وارن جي مدد ڪئي آهي. تنهن ڪري اهڙي وطن جي غدار کي سنڌ يونيورسٽي جهڙي عظيم درسگاهه ۾ اچڻ نه ڏينداسين! ۽ هن کي لا جي ڊگري وٺڻ جو ڪو به حق نه آهي، تنهن ڪري ڪيس ڊگري نه ڏني وڃي!!

جيئن ته اهو پروگرام ان وقت جي وزيراعليٰ ممتاز علي ڀٽي جي ڪوشش سان ٿيو هو. ڪانووڪيشن جي صدارت لاءِ بيگم

نصرت پنهنجي پٽ جو نالو ورتو ويو. اسان جي طرفان مخالفت ڪرڻ جو پينو سبب اهو هو ته ”ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ڪن ڌارين شرپسندن، سنڌ جي سابق سنڌي گورنر مير سول بخش خان ٽالپور جي بيعزتي ڪئي هئي. تنهن ڪري اسان بيگم رعنا لياقت علي خان کي يونيورسٽيءَ ۾ ڏسڻ نٿي چاهيو. اڳ ۾ آئون مٿي ٻڌائي آيو آهيان ته يوسف جکراڻي اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ ممتاز علي ڀٽي جي حمايت ڪرڻ لڳو هو. ان کان پوءِ اسان سنڌس هرهڪ سرگرميءَ تي ڪڙي نظر رکڻ لڳاسين. اسان کي هيءُ شڪي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو. يوسف جکراڻي اسان جي هرهڪ صلاح جي مخالفت ڪرڻ لڳو. پر هن جي ڳالهه کي ڪنهن به وزن ڪونه ٿي ڏنو. سيئي شاگرد اسانجي خيال سان متفق هئا. يوسف جکراڻيءَ پنهنجي ڪجهه ذاتي دوستن جي معرفت اها ڳالهه ڦهلائي ڇڏي ته بيگم رعنا لياقت علي ڪانه ٿي اچي، باقي ٻيا وزير جيئن ته سنڌي آهن، تنهن ڪري انهن جي مخالفت نه ٿيڻ گهرجي. جڏهن اها خبر عام شاگردن ٻڌي ته هو سڀ ان ڳالهه تي متفق ٿي ويا. اهڙيءَ طرح جکراڻي پنهنجي مقصد ۾ يعني عام راءِ پنهنجي طرف ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

اسان ڪانووڪيشن واري رات پنهنجي نظرياتي (جيئي سنڌ جي) دوستن جي هڪ ميٽنگ گهرائي. جنهن ۾ يوسف جکراڻي به اچي ويهي رهيو.

حقيقت ۾ هيءُ جاسوسي ڪرڻ آيو هو ته جي اهڙي ڪا ڳالهه هجي ته حڪومت کي اڳواٽ اطلاع ڏئي سگهي. رات جو اڌائي وڳي تائين هو اسان وٽ ويٺو رهيو. پر ان ساري عرصي ۾ اسين هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳاسين چو ته اصل مقصد واري ڳالهه هن جي روبرو ڪرڻ نه ٿي سگهياسين. نيٺ ٽي وڳين هن جي اٿي وڃڻ کان پوءِ پنهنجي گڏجاڻي شروع ڪئي سين. آخر ان نتيجي تي پهتاسين ته ”ڪانووڪيشن واري وقت ڪاريون جهنڊيون ڦڙڪائي احتجاج ڪيو ويندو.“ انهيءَ فيصلي تي عمل ڪرڻ لاءِ سيني دوستن قسم کنيو. بعد ۾ ميٽنگ جي پڄاڻي ٿي. ڪارين جهنڊين جو صبح تي بندوبست ڪيو ويو. جيڪي اسان ورن ۾ لڪائي پنڊال ۾ پهتاسين. اڃان سرڪاري مهمان ڪونه آيا هئا. گهڙي کن ڪانپوءِ ڪارن

جو قافلو پهچي ويو. اسان فيصلي جي موجب ڪاريون جهنڊيون ڦڙڪائي احتجاج ڪيو ته ايتري ۾ پوليس جي حفاظت ۾ سڀ کان پهريائين بيگم نصرت ڀٽو ڪار مان لٿي. ان ڪانپوءِ ممتاز علي ڀٽو لٿو. ٻي ڪار مان بيگم لياقت علي لٿي. جڏهن اسان جي مٿس نظر پئي ته اسان اهي ڪاريون جهنڊيون ڦٽيون ڪري گوڙ ڪندا ڏانهس وڌياسين. هاڻي پيرزادو به ڪار مان ٻاهر نڪري چڪو هو.

شاگردن جڏهن يوسف جکراڻيءَ وارن جي ڦهلايل افواهه ڪني ڪوڙو ڏٺو، تڏهن هنن به سنڌن خلاف نعرا هڻڻ شروع ڪيا. ايتري وقت ۾ شاگرد رعنا لياقت علي کي بلڪل ويجهو اچي چڪا هئا. وچڻ سان ئي ڪن شاگردن وارن کان وٺي ڇڪ ڏنس. سنڌن مٿي تي وگ پيل هئي سا، شاگردن جي هٿن ۾ اچي ويئي. ڪنهن چوڪري سٽ ڏئي سنڌس اکين تي پيل چشمي کي لاتو. هاڻي شاگردن جا هٿ سنڌس ڪپڙن ۾ هجن انهيءَ ڇڪ ڇڪان ۾ سنڌس ڪپڙا وغيره ڇيهاڙيون ٿي ويا. ايتري ۾ سائين غلام مصطفيٰ شاهه وڏي آيو ۽ شاگردن کي پاسي ڪري رعنا لياقت علي کي ياڪر وجهي ڪيمسٽري فيڪلٽي (جيڪا ڀرسان هئي) ۾ ڪٺي ويو. اسين هاڻي مچريل هئاسين. سپاف جا شاگرد ۽ اڳواڻ روشن پنهور ۽ مسعود نوراني، جيئي سنڌ جي شاگردن جو جوش ڏسي خاموش رهيا. پوليس اسان کي ورائي وٺي هئي. يوسف جکراڻي اسان سان ان سڄي ڪارروائيءَ ۾ شامل نه رهيو ۽ ماٺ ڪيو وينو هو.

شاهه محمد شاهه ۽ اسماعيل وسڻ ۽ ٻين دوستن مون تي زور ڀريو ته تون يونين جي عهدي تان استعيفا ڏي. هوڏانهن پنڊال ۾ ڪنٽرول ٿي چڪو هو. اسٽيج تي ممتاز ڀٽو، حفيظ پيرزادو ۽ نصرت ڀٽو ويهي چڪا هئا. ايتري ۾ رعنا لياقت علي به ٻيهر اچي ويئي ۽ ڪارروائي شروع ڪئي ويئي.

اول ممتاز علي ڀٽو تقرير لاءِ اٿيو. جنهن ۾ هن اسان کي سنڌيت جو جذبو ڏيارائي ماٺ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. مون سائين غلام مصطفيٰ شاهه ڏانهن نياپو موڪليو ته مون کي اسٽيج تي اچڻ جي اجازت ڏني وڃي. آءٌ جنرل سيڪريٽريءَ جي عهدي تان استيعفا

ڏيندس. سائين ويچاري اهو ٻڌي روئي ڏنو چيائين ته ”بابا، منهنجي ٽوپيءَ (عزت) جو خيال ڪر ۽ خدا جي واسطي استعيفيٰ نه ڏي-!! منهنجي عزت کي ڏس!“

مون کي وڏيڪ همت ڪانه ٿي ۽ نه وري ضمير ئي اجازت ڏني ته. آءٌ هن نيڪ صفت ۽ بزرگ انسان کي وڌيڪ مجبور ڪريان. مون دوستن کي استيعفيٰ نه ڏيڻ جو جواب ڏنو. تنهن تان منهنجي دوست اسماعيل وساڻ ۽ شاهه محمد شاهه جي وچ ۾ تيز ڪلامي شروع ٿي ويئي. وري به زور ڀريائون ته توکي استعيفا ڏيڻي پوندي. بعد ۾ آءٌ اتان ڪسڪي هاسٽل ڏانهن روانو ٿي ويس. آءٌ به اچي پنهنجي ڪمري ۾ پهتس ته اوچتو فائرنگ جا آواز ٻڌم، ڊوڙندو واپس ويس. واٽ تي مون کي شاهه محمد شاهه ۽ مولا بخش لغاريءَ وارا مليا جيڪي پنڊال کان هاسٽل ڏي ڊوڙندا اچي رهيا هئا. مون پڇيو ته ”ڏيو خبر ڇاهي؟“ دوستن ٻڌايو ته جڏهن تقريب پوري ٿي سپاف وارن نعرا هنيا ته ”آئين زنده باد“ اسان چيو ته ”آئين مرده باد“ هنن چيو ته ”جيئي ڀٽو“ ان جي موٽ ۾ اسان نعرن جي صورت ۾ جواب ڏنو ”تنهنجو رهبر، منهنجو رهبر جي. ايم سيد، جي. ايم سيد.“

هنن پاڪستان جا نعرا هنيا ۽ اسان نعرا هنيا ته ”تنهنجو ديش منهنجو ديش، سنڌو ديش سنڌو ديش.“ ايتري ۾ اسماعيل وساڻ، حفيظ پيرزادي کان پڇيو ته ”قانون جي ڊگري وٺڻ وارا .تو ڪهڙي قومي خدمت ڪئي آهي-؟ آئين اسان کي نه کپي!!، وغيره. تنهن تي پيرزادي اسماعيل وساڻ کي گار ڏئي چيو ته ”هيءُ آئين باقي تنهنجي ----- جو آهي.“ اسماعيل وساڻ برداشت نه ڪندي، پيرزادي کي مڪ وهائي ڪڍي، جنهن مهل هو ڪار ۾ ويهي رهيو هو. انهيءَ هل هنگامي ۾ پوليس فائرنگ ڪئي، جنهن ۾ هڪ سپاهيءَ کي گولي لڳي جيڪو زخمي ٿي پيو آهي ۽ پوءِ ته اسماعيل کي پوليس وڪوڙي وئي!!

ٻئي ڏينهن اخبار ۾ هن طرح خبر آئي:

ڏنو ته نالو انور اتم ذات جو سولنگي آهيان. وري پڇيائون ته هت ڪيئن آيو هئين؟ وراڻي ڏنم ته هت ريسٽ هائوس ۾ منهنجو سئوٽ چوڪيدار آهي، تنهن سان ملڻ آيو هوس. پوءِ چيائون ته ان جو نالو ڇا آهي؟ اتي منجهي پيس مڙوئي هڪڙو نالو ٻڌايم سو انهن کي اهو نالو دل سان نه لڳو. مون کي چيو ويو ته- هل جي تون واقعي انور سولنگي آهين ته پوءِ توکي ڇڏيو ويندو. اهڙيءَ طرح سان اڇي هتي نڪتس."

ٽاڻي تي اسان کان ٿوري گهڻي پڇا ڳاڇا ڪئي ويئي. اسان ڊي ايس پيءَ کي چيو ته سائين هيءُ اسان جو دوست آهي. ڳوٺان آيو آهي، هن جو هن جهيڙي سان ڪوبه واسطو ڪونهي. تنهن تي خادم حسين پناڻ سندس نالو پڇيو. اسان ڪيس ٻڌايو ته "قمر راڄپر" تنهن تي چيئين ته جيڪڏهن نالو ايف آءِ آر ۾ ناهي ته ڪيس آزاد ڪندس. پوءِ جانچ ڪيائين. خبر پئي ته سندس نالو ايف آءِ آر ۾ ڪونه هو. تنهن کان پوءِ ڪيس آزاد ڪري ڇڏيائين. هوڏانهن پوليس اسان جي گرفتاريءَ کان اڳ اسان جي مائٽن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ رواني تي چڪي هئي.

ڊي- ايس- پيءَ پوليس کي اسان سيني لاءِ سٽي لاڪ اپ ۾ بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اتان اسان کي سٽي ٽاڻي تي آندو ويو. پوليس لاڪ اپ جو در کولي اندر وجڻ جو حڪم ڏنو. اندر اسماعيل وساڻ پنهي اگهاڙي سان مٽ جيڏو پيٽ ڪڍيو سٽو پيو هو. (ڇو ته سندس قميص جهيڙي ۾ ڦاٽي پئي هئي) هن اسان کي ڏسي ٽهڪ ڏيندي چيو ته "يار آئون پاڻ اڪيلو ڏاڍو بور ٿيو هوس. شڪر ٿيو جو توهين اچي ويا!"

اسان چيس (يڪ آواز ٿي) ته يار سدائين تون اسان لاءِ ڏچو ڪندو آهين. چماڻون هٽين تون ۽ جيل ۾ پئون اسين (ٽهڪڙو) اسين ڀهرين ته ڏاڍو ملول ٿيڻ لڳاسين، پر پوءِ اسماعيل جي ٽهڪن اسان کي حوصلو ڏنو.

هڪ ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته اسان کي اتي نصير الدين قمبراڻيءَ جي فوت ٿيڻ جي خبر پئي. وڌيڪ تفصيل هن اخباري ڪٽنگ مان پئجي سگهي ٿو.

(هڪ خبر)

## زخمي سپاهي گذاري ويو، هن کي ڪلهه يونيورسٽي ڪنووڪيشن واري هنگامي ۾ گولي لڳي هئي، وڌيڪ ٽي ڄڻا گرفتار ڪيا ويا

حيدرآباد 29- (اسٽاف رپورٽر)

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ٿيل ڪلهوڪي واقعي جو زخمي پوليس جو سپاهي نصير الدين قمبراڻي، اڄ شام جو لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال حيدرآباد ۾ زخمن جا تاب نه سهي مري ويو. ڊاڪٽرن هن جي زندگي بچائڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي. هن جو ڪالهه آپريشن ڪيو ويو هو. گولي هن جي پيٽ ۾ لڳي هئي جا آرپار هلي ويئي هئي. نصير الدين دادوءَ جو ويٺل چيو وڃي ٿو. رات جو هن جو لاش سنڌس مائٽن جي حوالي ڪيو ويو.

نصير الدين جي فوت ٿي وڃڻ کان پوءِ پوليس ان نامعلوم شخص خلاف قلم 32 تحت ڪيس داخل ڪيو آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هن طرفان هلايل ريوالور جي گولي لڳڻ سان سپاهي نصير الدين زخمي ٿيو هو. چيو وڃي ٿو ته فوتي نصير، هڪ مهينو اڳ شادي ڪئي هئي. دادوءَ جي ڊپٽي ڪمشنر مسٽر علي ڏني پنهور ٻڌايو ته يونيورسٽيءَ ۾ حالتون پُر سڪون آهن. اطلاعن مطابق ان واقعي جي سلسلي ۾ وڌيڪ 3 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. وڌيڪ سنڌ پوليس جو ڊي آءِ جي جناب عبدالرحيم رئيساڻي ۽ ٻيا اعليٰ آفيسر تحقيقات ڪري رهيا آهن.

ٻئي ڏينهن حڪومت طرفان هي اعلان ڪيو ويو:

## "سنڌ يونيورسٽي بند"

ڪراچي 3- (ا پ پ)

سنڌ يونيورسٽي کي 2- مئي کان 15 ڏينهن لاءِ بند ڪيو ويو آهي. اهڙو اعلان وزير تعليم مسٽر درمحمد اوستي اڄ هتي هڪ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو.

هن چيو ته هيءُ فيصلو يونيورسٽيءَ ۾ وڌيڪ ناخشگوار واقعي کان بچائڻ لاءِ ڪيو ويو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن

تي پوري سنڌ ۾ ڪارو ڏينهن ملهائيندا. انهيءَ موقعي تي ڪاليجن، اسڪولن ۽ گهرن ۽ سوارين تي پڻ ڪارا جهنڊا چاڙهيا ويندا ۽ شاگرد ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌندا.

هنن سنڌ يونيورسٽيءَ مان وڏي تعداد ۾ شاگردن کي خارج ڪرڻ ۽ جي. ايم سيد جي گرفتاريءَ تي پڻ احتجاج ڪيو آهي.

انهن ساڳين ڏينهن ۾ حڪومت بهارين کي آڻڻ جو اعلان ڪيو. ويتر شاگردن ۾ وڌندڙ نفرت ۽ جوش وڌي ويو ان اعلان هيڪاري شاگردن کي منظر تي رهڻ جو سبق سيکاريو. شاگردن ۾ وڌيڪ بيچيني ۽ شاگردن جي ڪيل فيصلي يعني ڪارو ڏينهن ملهائڻ جي انديشي کي سامهون رکي حڪومت يونيورسٽيءَ جي حدن ۾ قلم 144- نافذ ڪري ڇڏيو.

هن تحرير جي صداقت ۾ اخبار ۾ آيل هيٺيون بيان تائيد ڪري ٿو.

(هڪ خبر)

## شاگرد اڳواڻن جي هنگامي گڏجاڻي

حيدرآباد 11 (ن- ع)

يوسف جکراڻي. صدر شاگرد سنگت سنڌ يونيورسٽي، شاهه محمد شاهه، حبيب الله ناريجو صدر سنڌي سوسائٽي، سيد عالم شاهه بخاري صدر شاگرد سنگت مسلم ڪاليج، ناز پنو، سيد روشن علي شاهه، سيد سليم شاهه، غلام شبير لاکو، رسول بخش راڄڙ ۽ ٻين شاگرد اڳواڻن پنهنجي هڪ گڏيل بيان ۾ ڄاڻايو آهي ته اهڙي وقت جڏهن شاگرد 12- مئي يوم سياهه ملهائڻ جون تياريون مڪمل ڪري چڪا هئا، قلم 144- جي نفاذ کي آزادي فڪر، تقرير ۽ جائز جمهوري طريقي احتجاج جي منافي قرار ڏيندي ان جي مذمت ڪئي آهي.

هنن پنهنجي بيان ۾ سنڌ ۾ بهارين جي آمد جي مخالفت ڪئي آهي ۽ وڌيڪ چيو آهي ته موجوده آئين ۾ صوبائي خود مختياريءَ کي بلڪل محدود بنايو ويو آهي ۽ هيءُ پهريون دفعو آهي جو سنڌي شاگرد ليڊرن کي گرفتار ڪري منجهائن ڪيترن کي يونيورسٽيءَ مان خارج ڪيو پيو وڃي. شاگردن چيو ته اسين پنهنجي

جائز مقصدن لاءِ جدوجهد جاري رکندا سين. هن گڏجاڻيءَ ۾ هيٺان، مطالبا ورجايا ويا آهن.

(1) بهارين کي سنڌ ۾ نہ اچڻ ڏنو وڃي. (2) جي. ايم سيد کي آزاد ڪيو وڃي. (3) سنڌي شاگردن مٿان سختيون بند ڪيون وڃن ۽ گرفتار ٿيل شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي ۽ ٻين تان وارنٽ واپس ورتا وڃن(4) سنڌي شاگردن کي يونيورسٽيءَ مان خارج ڪرڻ جو سلسلو فورن بند ڪيو وڃي. (5) سنڌ يونيورسٽيءَ جي ليڪچرارن کي ڌمڪائڻ بند ڪيو وڃي. (6) محمد اسماعيل وساڻ واري ڪيس ۾ ڊاڪٽرن کي غلط سرٽيفڪيٽ ڏيڻ لاءِ مجبور نہ ڪيو وڃي.(7) سنڌي ٻوليءَ کي قومي زبان جو درجو ڏنو وڃي.

(ٻي خبر)

## ڪراچيءَ ۾ سنڌي شاگردن ڪارو ڏينهن ملهايو، حڪومت جي اڏنگين پاليسين جي سخت مذمت

ڪراچي 13 (پ- ر)

جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان هارون ڪاليج ۾ سنڌي شاگردن جي حمايت ۾ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو. جنهن ۾ شاگردن حڪومت جي اڏنگين پاليسين کي سخت ننديو. مقررين چيو تہ حڪومت سنڌ مان پنهنجا پير ٽٽندا ڏسي گرفتارين تي سندرو ٻڌي آهي. پر سنڌ جا شاگرد هميشہ ظلم خلاف سينو سپر ڪندا آيا آهن. سي حڪومت جي ڪنهن بہ سختيءَ کان گهٻرائي نہ ٿا سگهن. اجلاس ۾ پ- پ جي انهن چاڙتن جي بہ مذمت ڪئي ويئي جيڪي هر اپرنڌڙ سج کي سلام ڪري، سنڌ سان ٿيل ناانصافين کي نظر انداز ڪري "جشن آئين" ملهائڻ ۾ مصروف آهن؛ پر سنڌ جو محب وطن طبقو ڪين ڏڪار جي نظر سان ڏسي رهيو آهي.

مسٽر حفيظ پيرزادي جي سخت رويي جي بہ سخت مذمت ڪئي ويئي. هن موقعي تي شاگردن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌيون ۽ ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن سان مڪمل تعاون ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

ان کان علاوه سنڌ مدرسي جي شاگردن بہ ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو. آخر ۾ يڪراءِ نهراءَ بحال ڪري حڪومت تي زور آندو ويو تہ هوءَ جي. ايم سيد کي آزاد ڪري ۽ گرفتار ٿيل شاگردن اسماعيل وساڻ، عزيز پنگوار، سڪندر پنگوار ۽ ٻين شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي. آخر ۾ حڪومت کي چتاءُ ڏنو ويو تہ پنهنجي اڏنگين پاليسين کان باز اچي نہ تہ نتيجن لاءِ تيار رهي.

* * *

اهڙيءَ طرح سنڌ جي هر ڪاليج ۽ يونيورسٽي، انجنيئرنگ يونيورسٽي، ٽنڊوڄام زرعي يونيورسٽيءَ وغيره ۾ ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو ۽ مطالبو ڪيو ويو تہ گرفتار ٿيل شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي. شاگردن جي اپيل تي سڄي سنڌ ۾ "ڪارو ڏينهن" ملهائڻ وارو پروگرام ڪامياب رهيو. ان کان پوءِ شاگردن طرفان 23-مئي تي "ظلم بند ڪيو ڏينهن ملهائڻ جي ڪوٺ ڏني ويئي."

(هڪ خبر)

## ظلم بند ڪريو 23 مئي، سنڌ جا شاگرد ملهائيندا، اسڪولن ۽ ڪاليجن تي جهنڊا چاڙهيا ويندا، ۽ جلسا جلوس ڪڍيا ويندا

حيدرآباد 2- مئي (اسٽاف رپورٽر)

جيئي سنڌ شاگرد متحده محاذ جي طرفان سيد روشن علي شاه، هڪ پريس بيان ۾ ٻڌايو آهي تہ 23 مئي تي سڄي سنڌ ۾ "ظلم بند ڪريو ڏينهن تمام جوش ۽ ولولي سان ملهايو ويندو. ان ڏينهن تي شاگردن جي. ايم سيد ۽ ٻين سياسي نظربندن جي آزاديءَ ۽ بهارين کي سنڌ ۾ نہ اچڻ بابت مظاهرا ۽ مطالبا ڪيا ويندا.

سيد روشن علي شاه، شاگردن کي اپيل ڪئي آهي تہ 23-مئي تي اسڪولن ۽ ڪاليجن تي ڪارا جهنڊا چاڙهيا وڃن. جلسا ۽ جلوس منعقد ڪيا وڃن ۽ حڪومت کي سختيءَ سان ٻڌايو وڃي تہ سنڌي شاگرد پنهنجا حق وڙهي بہ وٺي سگهن ٿا. تنهن ڪري سنڌ کي يڪدم سياسي، ثقافتي ۽ اقتصادي طور تي آزاد ڪيو وڃي.

**خيرپور ميرس:** سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن ضلع خيرپور ميرس جي شاگرد اڳواڻ غلام حسين شر، سنڌ يونيورسٽيءَ

مان شاگردن جي خارج ٿيڻ ۽ ڊي پي آر تحت گرفتاريءَ جي مذمت ڪئي ۽ مطالبو ڪيو آهي تہ اهو فيصلو واپس ورتو وڃي. پيرزادي ۽ اوسٽي کي برطرف ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو تہ هاڻي حڪومت علمي طاقت تي ڀروسو ڪرڻ بجاءِ بندوق جي طاقت تي هلڻ گهري ٿي.

**دادو:** جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن، سيوهڻ جي صدر مسٽر فيض محمد، سنڌ ۾ شاگردن جي گرفتارين جي مذمت ڪئي آهي ۽ مطالبو ڪيو آهي تہ محترم جي. ايم سيد سميت سڀني شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي ۽ يونيورسٽيءَ واري واقعي جي عدالتي جانچ ڪرائي وڃي. جيڪڏهن جانچ ڪرائي ويئي تہ پوءِ معلوم ٿيندو تہ اهو هنگامو خود حڪومت جي ڇاڙتن طرفان ڪرايو ويو هو.

**هنگورجا:** راڻيپور- سيئارجا ۽ هنگورجا ۾ 12- مئي تي ڪارو ڏينهن ملهايو ويو. شاگردن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌيون ۽ ڪاليجن تي ڪارا جهنڊا چاڙهيا.

جهڏو: جهڏو جي سماجي ڪارڪن مجرم لغاري ۽ الجهڙيو شاد ۽ شاگرد اڳواڻ خليل ميمڻ سنڌ سرڪار کان گهر ڪئي آهي تہ بهاري جيڪي ڏڙا ڏڙ ڪراچيءَ ۾ اچي رهيا آهن. تن جي اچڻ تي بندش وڌي وڃي ۽ گرفتار ٿيل شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي. هاءِ اسڪول جي شاگردن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌيون ۽ اسڪول جي عمارت تي ڪارا جهنڊا چاڙهيا.

◎

(6)

# لاڪ اپ کان سينٽرل جيل تائين

هيڏانهن اسين لاڪ اپ ۾ هئاسين. هڪ ڏينهن اسماعيل وساڻ کي ٽارچر ڪرڻ لاءِ اسان وٽان وٺي ويا. لاڪ اپ ۾ اسان احتجاج طور انتظاميه کي بک هڙتال جي ڌمڪي ڏني. ٽئين چوٿين ڏينهن تي اسماعيل کي اسان وٽ واپس آندائون. هيءُ مڙس اڳئي هو ٿلهو ويتر سڄي ترهو ٿنجي ويو هو، ڏاڍي خراب حالت هيس ڇو جو ڪيس ڏاڍو ماريو هئائون. گهڙي ڪن لاءِ به اسان کي پاڻ ۾ ڳالهائڻ جو حڪومت موقعو ئي ڪونه ڏنو، بس اسماعيل کي ڇڏي وري مون کي وٺي ويا.

مون کي هڪ ڪمري ۾ هڪ پڳل ڪرسيءَ تي ويهاريو ويو ۽ مٿان 500 وولٽ جو بلب ٻاريو ويو. مون کي چيو ويو ته ”توکي آرام ناهي ڪرڻو“ مٿان سپاهي پهري تي بيهاريا ويا. جن کي حڪم مليل هو ته ”هن کي ڪنهن به حالت ۾ آرام ڪرڻ نه ڏيو.“

ان پهرينءَ رات جا ٽي پهر گذري چڪا هئا. ننڊ جا هلڪا هلڪا ڪيپ چڙهندا پئي ويا. پر خوف سبب ننڊ نه ٿي ڪيم. ڪڏهن ڪڏهن اک لڳي ٿي وئي، مٿان بيٺل سپاهي رائيفلن جي سنگينن سان چوڪون ڏئي سجاڳ ڪندا ٿي رهيا. آخرڪار صبح ٿي ويو. مون وهنجڻ تي گهريو پر پاڻي ڪونه ڏنو ويو. سڄو ڏينهن بک تي رهيس. ورندي ٻي ڏينهن ماني کاڌم. اتي هڪ ٺئي هنڌ ساڳي ڪرسيءَ تي ويهاري ڇڏيائون وري به گذريل رات واري ساڳي ڪار- هن ٻي هلندڙ

رات جا اٽڪل 11- ڪن ٿيا هوندا. مٿو سور ڪان صفا ڦاٽي رهيو هو. دل ۾ سوچيم ”هن عذاب ڪان موت ڀلو آهي.“ پوءِ هيانءِ جي سڄائيءَ تي بيٺل ڪي چيم ته ”منهنجو اوجاڳي سبب سور ڪان مٿو ٿو ڦاٽي، جيڪڏهن هاڻي مون کي ننڊ نه ڪرڻ ڏني ويئي ته پٽ ڪي ٽڪر هڻي خودڪشي ڪري خون ڳچيءَ ۾ وجهندو سانو“ ٻنهن تي چياٺون ته ”صرف هڪڙي شرط تي-“

جيڪڏهن جي. ايم سيد تي شاهدي ڏيندين، اهو ته هن اسان کي پڙڪايو هو ته پوءِ توکي ڇڏيو ويندو- مون صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيو ته اسان صرف پنهنجي ضمير جي آواز تي سنڌ ۽ سنڌين جي حقن لاءِ لڙي رهيا آهيون. باقي ان معاملي ۾ سائينءَ جو ڪو واسطو ڪونه آهي.“

بعد ۾ مونکي ڪجهه ڦوٽو آڻي ڏنا ويا پڇيائون ته ”هنن مان ڪنهن کي سڃاڻين؟ هڪ ۾ يوسف جکراڻي ۽ جمال ٻجاراڻي، سائين محترم جي. ايم سيد سان گڏ بيٺا هئا. سندن هٿن ۾ رائفلون هيون. هنن جا مون فوٽو سڃاتا ڇاڪاڻ ته يوسف جکراڻي يونيورسٽيءَ ۾ شاگرد يونين جو صدر هو ۽ جمال ٻجاراڻي به هنن ڪان ڳجهو ڪونه هو باقي ٻين نالي چيم ته ”هنن کي آءٌ ڪونه سڃاڻان.“

پهري تي بيٺل سپاهين مان هڪ چيو ته ”يار اتي ڪرسيءَ تي ويٺي گهڙي ڪن اک ڪوڙي ڪر جي ڪو آفيسر آيو ته پوءِ توکي خبردار ڪنداسون. اهڙي طريقي سان ان رات 1 بجي کان پوءِ وقفن وقفن دوران ننڊ ڪندو رهيس، صبح جو موٽائي لاڪ اپ ۾ آندائون.

اسماعيل وساڻ، سڪندر پنگوار کي اڳ ۾ ئي تشدد جو ٻڌائي ڇڏيو هو، سو هن جو منهن سڪل هو. وري ويتر منهنجي خراب حالت ڏسي ڏاڍو ششدر ٿيو. ٽئي ڏينهن سڪندر پنگوار جو وڏو ڀاءُ ڪمال اسان سان ملاقات ڪرڻ آيو تنهن ٻڌايو ته پوليس ڳوٺان سيني وڏڙن کي گرفتار ڪري وني هئي ۽ مال متاع به ڪاهي ويا هئا پوءِ جڏهن توهان جي گرفتاري جي خبر پين تڏهن مس وڃي همراهن مان هٿ ڪيائون، ۽ مال متاع به ڊڪ مان ڪڍائي ڏنائون.

اسان کيس چيو تہ پرواهہ ناهي، اهڙيون مهلون مڙسن تي اينديون آهن. ان ڪان بہ وڏيڪ قرباني جي ڏيٽي پئي تہ بہ ڏينداسون. چوتہ قربانين ڏيڻ سان ئي تہ منزل ملندي آهي. ويني شينهن بہ بک مرن، اتئي گدڙ بہ ڍؤ ڪيو وجن. اسان جي مهربان سنڌي اديبن، شاعرن بہ شاگردن جي برخلاف ٿيندڙ ڪارروائين جي مذمت ڪئي.

## ”شاگردن خلاف ڪارروائين جي مذمت، سنڌي زبان جي اديبن ۽ شاعرن جو مطالبو“

حيدرآباد 20 (اسٽاف رپورٽر)

سنڌي زبان جي 19- اديبن، شاعرن ۽ دانشورن هڪ پريس بيان جاري ڪري شاگردن جي يونيورسٽيءَ مان نيڪالي ۽ گرفتارين بعد جيل ۾ ڪين ڏنل ايذائن تي سخت ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو آهي.

هنن سنڌ جي قومي اڳواڻ محترم جي. ايم سيد جي گرفتاريءَ جي سخت مخالفت ڪندي مطالبو ڪيو آهي تہ کيس فوري طور آزاد ڪيو وڃي ۽ شاگردن تي تشدد ڪرڻ تي حڪومت جي انهيءَ رويي جي سخت مذمت ڪئي آهي.

* * *

هوڏانهن شاگردن جي اپيل تي 23- مئي تي ”ظلم بند ڪريو ڏينهن زبردست ڪامياب رهيو، پوري سنڌ ۾ احتجاج ڪيو ويو. انهيءَ شاگردن جي اتحاد حڪومت جون وايون بتال ڪري ڇڏيون ۽ ٻئي طرف شاگردن جو حوصلو بلند ٿيو، چو تہ سندن اپيل جي سلسلي ۾ جتان ڪتان ڪين سني موٽ ملي هئي. تنهن ڪري وري شاگردن سڄي سنڌ ۾ شاگرد برادريءَ کي ”16- جون احتجاج جو ڏينهن“ ملهائڻ جو سڏ ڏنو.

(هڪ خبر)

## شاگردن احتجاج جو ڏينهن ملهايو ”گرفتارين خلاف مظاهرا“

حيدرآباد 16- (اسٽاف رپورٽر)

اڄ هتي مسلم ڪاليج جي دروازي تي شاگردن احتجاجن ڪارو جهنڊو چاڙهيو ۽ گرفتارين خلاف احتجاجي ڏينهن ملهايو. نور محمد هاءِ اسڪول ۽ مسلم ڪاليج احاطي ۾ شاگرد جمع ٿيا ۽ اُتي شاگردن تقريرون ڪيون ته جي. ايم سيد ۽ ٻين گرفتار ٿيل شاگردن جي خارج ڪرڻ واري سلسلي کي روڪيو وڃي. خارج ڪيل شاگردن جا ڪيس واپس ورتا وڃن. هنن جي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌل هيون.

پوليٽيڪل ڪاليج ۽ ڄامشورو ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن ٻه ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌيون ۽ گرفتارين خلاف احتجاج ڪيو ۽ ريسٽيڪيٽ آرڊر واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو.

(بي خبر)

## گرفتار ڪيل شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي، واقعي جي عدالتي تحقيقات ڪرائي وڃي، يونيورسٽيءَ کي کوليو وڃي، واقعي جي مذمت بدستور جاري

ميرپورخاص 17 (نمائندو)

جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ميرپورخاص جي ممتاز ڪارڪنن عبدالڪريم سهتو، عبدالڪريم سنڌي، محمد مبارڪ مگريو ۽ ديدار عليءَ هڪ گڏيل بيان ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن تي پوليس جي مارڪُٽ ۽ تشدد جي مذمت ڪئي آهي. انهن چيو آهي ته سنڌ يونيورسٽيءَ جهڙي عظيم درسگاهه کي بند ڪرڻ جو ڪوبه جواز ناهي. هنن، حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته گرفتار شاگردن اسماعيل وساڻ، عزيز ينگوار، سڪندر ينگوار ۽ ٻين شاگردن کي يڪدم آزاد ڪيو وڃي ۽ ڪڍيل وارنٽ واپس ورتا وڃن.

**دادو:** جيئي سنڌ نوجوان محاذ دادوءَ جي ڪنوينر جناب شوڪت سنڌي، سنڌ يونيورسٽيءَ جهڙي علمي درسگاهه ۾ مسواڙي

غنڊن ذريعي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي رهنما اسماعيل وساڻ سان زيادتيءَ جي مذمت ڪئي آهي. هن چيو آهي ته حڪومت پنهنجن هٿ ٺوڪين شاگردن جي باوجود ڪٿان به ڪٿي نه سگهي آهي. تنهن ڪري هاڻي هوءَ لکين روپيه خرچ ڪري مخالف تنظيمن جي اڳواڻن کي گرفتار ڪرائي پنهنجي لاءِ ميدان صاف ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهي آهي. هن گرفتار ٿيل شاگردن جي آزاديءَ جو مطالبو ڪندي شاگردن کي اپيل ڪئي آهي ته هو متحد ٿي هر سازش جي مقابلي لاءِ تيار رهن.

**گهوٽڪي:** سنڌ آزاد ماروئڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن گهوٽڪيءَ جي صدر برڪت علي لغاري، عبداللطيف ميمڻ ۽ عبدالوهاب پنهنجي هڪ بيان ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪنووڪيشن ۾ س-پ-ا-ف ۽ حڪومت طرفان سنڌي شاگردن تي حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي.

**ٺاروشاهه:** هڪ شاگرد اڳواڻ عبدالغفار ڍهراج ۽ ٻين شاگردن سنڌ يونيورسٽيءَ جي ٿيل ڪنووڪيشن ۾ فائرنگ دوران مسواڙي غنڊن طرفان شاگردن تي حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. وڌيڪ بيان ۾ چيو ويو آهي ته گرفتار ٿيل شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي، ۽ جن شاگردن جي خلاف وارنٽ جاري ڪيا ويا آهن. سي هڪدم واپس ورتا وڃن، ۽ انهيءَ واقعي جي عدالتي جانچ ڪرائي وڃي ۽ گرفتار ٿيل شاگردن سان جيل ۾ سٺو سلوڪ ڪيو وڃي ۽ سندن عزيزن ۽ دوستن کي ملاقات ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي. شاگردن وڌيڪ گهر ڪئي ته يونيورسٽي هڪدم کولي وڃي ۽ گرفتار ٿيل شاگردن هرهڪ اسماعيل وساڻ، عزيز پنگوار، سڪندر پنگوار، لالا قادر ۽ ٻين شاگردن کي ترت آزاد ڪيو وڃي ٻيءَ حالت ۾ اسان جي طرفان ڪلاسن جو بائيڪاٽ جاري رهندو.

**نوابشاهه:** سنڌ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن نواب شاهه جي چيئرمين عبدالغني پيرزادي، سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ڪنوينر، مسٽر غلام رسول زرداريءَ، جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس

فيڊريشن جي صدر شعبان علي پٽي ۽ گورنمينٽ ڪاليج يونين جي صدر شعبان علي پٽي ۽ گورنمينٽ ڪاليج يونين جي صدر ننگر رنڊ، پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي هڪ گڏيل بيان ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪنووڪيشن ۾ پوليس جي فائرنگ ۽ پ.پ جي چاڙتن طرفان حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته "اسان سڀ ڪان پهرين انهن ماڻهن جي مذمت ٿا ڪيون جن سنڌي شاگردن کي پاڻ ۾ ويڙهايو آهي ۽ منجهن ويڇا وڌا آهن." انهن پنهنجي بيان ۾ حڪومت کان گهر ڪئي آهي ته گرفتار ٿيل شاگردن کي غير مشروط طور آزاد ڪيو وڃي. ان حالت ۾ اسان طرفان ڪلاسن جو بائيڪاٽ تيسين جاري رهندو، جيسين سمورن شاگردن کي آزاد نٿو ڪيو وڃي.

**خيرپور:** گورنمينٽ لا ڪاليج خيرپور جي شاگردن ۽ يونين جي عهديدارن جهڙوڪ جنرل سيڪريٽري علي احمد، ۽ جوائنٽ سيڪريٽري عبدالقادر مهيسر، هڪ گڏيل بيان ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن تي ٿيل ظلم ۽ انهن خلاف قتل جي الزام هيٺ ڪارروائيءَ جي مذمت ڪئي آهي. حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته مسٽر عزيز پنگوار ۽ ٻين گرفتار ٿيل شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي. وارنٽ واپس ورتا وڃن ۽ واقعي جي عدالتي تحقيقات ڪرائي وڃي.

**ڪنڊڪوٽ:** شاگرد سنگت سرڪاري ڪاليج ڪنڊڪوٽ جي هڪ هنگامي ميٽنگ ٿي. جنهن ۾ يڪراءُ فيصلو ڪيو ويو ته ڪلاسن جو بائيڪاٽ اوستائين جاري رهندو جيستائين سنڌي شاگرد آزاد نٿا ٿين ۽ جن شاگردن خلاف گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪتل آهن سي واپس نٿا ورتا وڃن ۽ سنڌ يونيورسٽي ڪنووڪيشن ۾ پيپلز پارٽيءَ جي مسواڙي غنڊن کي سزا نه ٿي ڏني وڃي.

**شاگرد سنگت:** جي صدر مظهر بلوچ جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ يڪراءِ فيصلو ڪيو ويو ته ڪلاسن جو بائيڪاٽ جاري رهندو. جيسين شاگردن کي آزاد نه ٿو ڪيو وڃي. اجلاس ۾

اڇي ضمانت وٺي آزاد ڪري ڇڏيو آهي.“ پارس ارشاد تي وارنٽ نڪتل هئا. آخر گهٽي پيچ ڏڪ ڪانپوءِ سندس ضمانت ٿي. جيتوڻيڪ احمد شر ۽ پارس ارشاد جو ڪوبہ هن هنگامي سان واسطو ڪونہ هو.

14- ڏينهن ريمانڊ تي رکڻ ڪانپوءِ اسان جو ڪورٽ ۾ چالان پيش ڪيو ويو. اتي اسان کي (ايف آءِ آر) جو نقل ڏنو ويو، جنهن کان پوءِ اسان کي حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ سي ڪلاس اسپيشل وارڊ ۾ رکيو ويو.

### ”ايف. آءِ آر جو نقل“

گناهہ نمبر: 62 ڏوهہ ٿيو 28-2-1973ع

73 وقت 11-15 بجہ صبح جو

فريادي: محمد الياس SIP- اسپيشل برانچ حيدرآباد

ڏوهہ: قلم 34، 149، 307، 353.

147, 148, 13-D Arms Aet

جاءِ ڏوهہ: فزڪس ڊپارٽمينٽ جي سامهون اوڀر طرف کليل ميدان تي P-S کان اولهہ ڏکڻ جي ڪنڊ، مفاصلو اٽڪل 3-1/2 ميل.

عبدالرزاق سومرو S.H.O

رپورٽ آهي تہ مان اسپيشل برانچ حيدرآباد ۾ S.I.P آهيان. اڄ وقت 7 بجہ صبح جو ٻئي اسٽاف سان گڏ يونيورسٽيءَ جي ڪنووڪيشن جي سلسلي ۾ سيڪيورٽيءَ ڊيوٽيءَ تي آيل هوس. وقت 11-15 بجي مهل جڏهن ڪنووڪيشن ختم ٿيو تہ VIP,s هر هڪ خاتون اول بيگم نصرت ڀٽو، وزير اعليٰ سنڌ جناب ممتاز علي ڀٽو، گورنر سنڌ بيگم رعنا لياقت علي خان مسٽر عبدالحفيظ پيرزادو، وزير قانون گورنمينٽ آف پاڪستان ۽ ٻيا معززين جڏهن ٻاهر آيا تہ اسان اسپيشل برانچ ۽ ٻي لوڪل پوليس ڪين گهيري ۾ آڻي ٻاهر ڪارن طرف وٺي آياسين. ايٽري ۾ 15-20 ڇوڪرن جو هجوم جيڪي تنهنجو ديش منهنجو ديش سنڌو ديش، تنهنجو ليڊر منهنجو ليڊر، جي ايم سيد- جي ايم سيد- ٻهاري نہ ڪپن، جيئي سنڌ سدا جيئي، جا نعرا

آهي. آءُ حيدرآباد اسپيشل برانچ ۾ 3 سالن کان ڪم ڪري رهيو آهيان. وقت بوقت يونيورسٽيءَ (ڄام شوري) ڊيوٽيءَ سان ايندا ويندا آهيون. تنهن ڪري مٿين جوابدارن کي چڱيءَ طرح سڃاڻان.

Sd/

Sup. Jamshoro

گناه نمبر 27/73 ڏوهه ٿيو 73/ 284 وقت 15-11 بجي

ڏوهه D- 13 Arms Act.

جاءِ ڏوهه: فزڪس ڊپارٽمينٽ جي سامهون اتر طرف ميدان تي P.S کان اولهه ڏکڻ ڪنڊ تي مفاصلو ساڍا 3 ميل

جناب اعليٰ: S.I.P محمد الياس، اسپيشل برانچ حيدرآباد حاضر تي.

گناهه نمبر 307، 149، 148، PC 147

73/26 13-D 34 PPC

جنهن ۾ گرفتار ٿيل جوابدار اسماعيل وساڻ ويٺل شاهپور چاڪر ضلع سانگهڙ هٿ ڪيل ريوالور نمبر 35.7 (10) مارڪ 37 بور بر منگهام "لنڊن" پنجن گولين سان جن مان 4- پريل هڪ هوائي فائر ٿيل پيش ڪيا ويا، ريوالور کي ڏٺو ويو جيڪو چالو حالت ۾ آهي. جوابدار کان ليسن بابت پڇا ڪئي ويئي. جنهن ٻڌايو ته وٽس ڪوبه ليسنن وغيره ڪونهي. مشير نامي موجب هٿ ڪيل ريوالور ۽ گوليون بنا ليسن رکڻ قلم آرمس ايڪٽ موجب 13-D جو ڏوهه آهي. تنهن ڪري سرڪار پاران فرياد داخل ڪجي ٿو. پيش ڪيل مشير نامون گناهه نمبر 26/73 جي F.I.R سان شامل عرض آهي.

عبدالرزاق ايس ايچ او
چامشورو

پوليس ڪارروائي: مٿيون فرياد 154، C.R.P.C جي بوڪ ۾ قلم C.R.P.C 157 داخل ڪجي ٿو.

اسان کي اسپيشل وارڊ ۾ شهيد عبدالرزاق سومرو جي تنهي قاتلن سان گڏ رکيو ويو. اسان کي پنهنجي قومي هيري جي

گنر واري پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ سوراخ ٺهيل هو. آءٌ اڪيلائي جي ذهني پيڙا کان بچڻ لاءِ پنهنجي (ٻئي ڪمري ۾ رهندڙ) دوستن سان انهيءَ سوراخ مان سمهي ڳالهيون ڪندو هوس. جو ته ٻيو ڪوبه ماڻهو ويجهو هوندو ئي ڪونه هو.ڪنهن به ماڻهو سان ڪچهري ڪرڻ لاءِ دل پئي سڏون ڏيندي هئي. سو اُباڻڪو رهڻ کان بچڻ لاءِ سوراخن مان ڳالهائڻ لاءِ ذهن ۾ ترڪيب سجهي آئي. اهڙيءَ طرح دل جي بار کي هلڪو ڪرڻ لاءِ فرش تي سمهي دوستن کي ڳالهائڻ لاءِ سڏيندو هوس. جتان وينلن جا صرف پير ڏسندو هوس. دوست به منهنجي سڏن تي پريان سمهي مون سان ڳالهائيندا هئا. ائين دل جي بار هلڪي ڪرڻ ۾ ڪجهه قدر ڪامياب رهيس. پر تڏهن به دوستن کان جدائيءَ مون کي بلڪل جهوري وڌو.

اهڙيءَ حالت ۾ رهندي ڪافي ڏينهن گذري ويا. هڪ ڏينهن سڪندر پنگوار .(سوٽ) ٻڌايو ته مون ڳوٺ خط لکيو آهي. خط منهنجي گهرواريءَ جي نالي لکيو هئائين، جنهن ۾ منهنجي تڪليفن جو ذڪر هو، ۽ ان سان گڏ دلداريءَ ڏيڻ لاءِ به لکيو هئائين، خط جو نقل هن طرح هو:

سينٽرل جيل حيدرآباد

پيڻ رشيده

19-3-1973ع.

عرض ته ادي، اوهان جو ڏکن ڀريو خط ان وقت مليو، جنهن وقت عزيز تي ڊي پي آر جو هڪ ڪيس داخل ڪري اسان کان الڳ ڪري هڪ ڪوٺيءَ ۾ ڪيس رهايو هئائون. پوءِ ته اٽڪل ڪري هن مون سان ناليءَ واري سوراخ مان ڳالهايو. ڇهرو ته ڏسي نه سگهيو مانس، پر سندس ڳالهائڻ مان محسوس ٿيو ته تمام گهٽو ڏکويل ۽ پريشان آهي. اوهان کي عزيز جي لاءِ ڪافي پريشاني آهي. تنهن کي محسوس ڪري سگهان ٿو. اوهان ڏانهن مون اڳ به هڪ خط لکيو آهي، جيڪو شايد ڪونه مليو اٿو، جنهن ۾ مون عرض ڪيو هو ته

پنهنجي عزيز جي واسطي جيڪو سَهڻو هجيو سهو. تڪليفون برداشت ڪريو. آخر نيٺ عزيز بہ ٻاهر ايندو. سڄي عمر جيل ۾ ڪونہ هوندو. هن وقت اسين ڇا ڪريون حڪومت هروڀرو ڪيس داخل ڪري رهي آهي. مجبور آهيون ڀلا ڪري بہ ڇا ٿا سگهون.؟

دل چاهي ٿي تہ جي عزيز جي ڪريءَ جي مونکي سزا ملي تہ بہ آءٌ ڪاٽڻ لاءِ تيار آهيان پر رڳو هو (عزيز) آزاد ٿئي. ان ڪان وڌيڪ منهنجي لاءِ ٻي ڪهڙي خوشي هوندي. ادي قسم سان چوان ٿو تہ مون کي عزيز تمام گهڻو پيارو آهي. اوهان جو بيحد خيال آهي. هاڻي تہ مان ڀاڻ ئي عزيز جي چهري ڏسڻ لاءِ بيتاب آهيان. هينئر جيل جو احساس ٿيڻ لڳو آهي.

مهرباني ڪري اڳتي عزيز ڏانهن اهڙا ڏکويل خط نہ لکجو. جنهن جي ڪري ڪيس هيڪاري صدمون پهچي. هاڻي تہ ڪيس ايتري بہ همت نہ رهي آهي جو ڪابہ تڪليف خالي ٻڌي سگهي. هاڻي تہ سندس ملاقات بہ بند ٿي ويئي آهي. خط وغيره بہ نہ ملندس. اگر ڪوبہ خط لکڻو هجيو تہ منهنجي ٿالي تي لکي موڪلجو. پوءِ آءٌ پاڻهي سوُراخن ڪان ڪيس پهچائيندس.

عزيز تي ڊي پي آر جي ڪيس هئڻ مان ثابت آهي. شايد خون جو وڌيڪ ڪيس واپس وٺن، ڊي پي آر جي ضمانت بہ سولي آهي. اوهان وڌيڪ ڪابہ ڳڻتي نہ ڪريو. دعا ڪريو تہ آزاد ٿي اچون. يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن جو تمام گهڻو دٻاءُ ۽ گوڙ آهي. يقين آهي تہ اسان جي آزاديءَ ڪان سواءِ ماحول جو ٻيهر سازگار هئڻ مشڪل آهي. اميد تہ چند ڏينهن ۾ ڪونہ ڪو فيصلو ضرور ٿيندو. ۽ جلد آزاد ٿي ايندا سون. شاگرد آيا هئا سي بہ چئي ويا آهن تہ جيستائين اوهان آزاد نہ ٿيندا، تيستائين سک سان نہ ويهنداسون.

وي سي بہ ٻئي صاحب سان ڪراچيءَ ملڻ ويو آهي چاڪاڻ تہ شاگردن ڪيس آخري وارننگ ڏني آهي. اميد تہ فتح ٿيندي ۽ جلد آزاد ٿينداسين. مون سؤٽ ڪريم بخش کي خط لکيو آهي ۽ اوهان جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو اٿم- اميد تہ هو انهيءَ مان سنو اثر قبول

ڏينهن ڪل خوشيءَ ۾ جلد گذري ويندو هو. پر هاڻي به سوراخن مان ڪچهري ڪندا آهيون. اوهان ڪوبه فڪر نه ڪريو. جيل ۾ به ٻئي پائر وندي ورچي ڪائيندا آهيون. بس عزيز ڪي صرف اوهان جو تمام گهڻو خيال آهي. چو ته پيڻ مون ڪي خبر آهي ته عزيز ڪان سواءِ هن دنيا ۾ تنهنجو ٻيو آهي به ڪير پر ڇا ڪجي تقدير جي لڪئي ڪي ڪير به مٽائي نه ٿو سگهي. اڄ عزيز جي ڊي پي آر واري ڪيس جي شنوائي آهي ۽ وري 1973-7-5ع تي ڪراچي ٽربيونل وٽ پيش ٿينداسين ۽ وڪيل جناب عزيز الله شيخ به ملندو. سڄي خبر پئجي ويندي. اميد ته جلد ظالمن ۽ دشمنن جو ڪارو منهن ٿيندو. خدا، انهن ڪي ذليل ڪندو. اوهان فقط دعائون ڪنديون رهو. سلام سيني ڪي چوندا، چڱو ادي هاڻي اجازت.

فقط اوهان جو ڀاءُ
سڪندر پنگوار

اڄ 1973-7-5ع جي تاريخ آهي. اسان ڪي صبح جو سوير اسپيشل ٽربيونل ڪراچيءَ آندو ويو. هيءَ ڪورٽ نيشنل اسٽيڊيم جي پر سان ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال ۾ آهي. هتي اسان جي قانوني پوئواري اسان جي وڪيل جناب عزيز الله شيخ صاحب ڪئي. اسان ڪي هٿڪڙيون لڳل هيون ۽ انهيءَ انداز ۾ ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو. اسپيشل ٽريبونل ڪورٽ جي چيئرمن جناب احمد خان بارڪزئي، هٿڪڙيون لڳل ڏسي حڪم ڪيو ته "هٿڪڙيون لاٿيون وڃن"! ڪيس جي ڪارروائي هلڻ ڪان پوءِ جناب عزيز الله شيخ صاحب جن اسان لاءِ بي ڪلاس ۾ رهڻ لاءِ درخواست ڏني، جيڪا ڪورٽ سڀوريءَ منظور ڪئي. منهنجي پاران به درخواستون شيخ صاحب ڏنيون. هڪ ۾ اهو عرض ڪيو هو ته منهنجي ماڻٽن جي مون سان ملاقات ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي، ۽ ٻيو عرض اهو ته ڪن جي تڪليف جي سبب اسپتال ۾ داخل ڪرايو وڃي (چو ته ڪن ۾ تڪليف دائمي رهندي ٿي آئي. اها انهيءَ ڪري جو جان محمد نارينجي صوبيدار مون ڪي نواب شاهه ۾ جهيڙي جي ڪري گرفتاريءَ دوران لپاٽ هنئي هئي) ڪورٽ سڀوريءَ ٻئي درخواستون منظور ڪيون. ٻئي ڏينهن اخبار ۾ هن طرح خبر آئي.

ڪيس ٻه ساڳين ساٿين سان گڏ رهايو ويو. هڪڙي دفعي ڳالهين ڪندي انور نظاماڻيءَ چيو ته ”اسماعيل وساڻ سان تنهنجي دوستي ڪيئن ٿي؟“ مون ٿڌو شوڪارو ڀري ٻڌايو ته:

هن ڏچي سان دوستيءَ جي شروعات ڪنڊڙيءَ جي هاءِ اسڪول ۾ ٿي. اسماعيل جيئن ته شاهپور چاڪر ۾ پڙهندو هو اتفاق سان اسان جي ٻه شاهپور چاڪر ۾ ٺي واپار جي پيدي هئي. ڀهريان ته نواب شاهه ۾ پيو اجايو سجايو رلندو هوس. پوءِ بابا مون کي پاڻ سان گڏ شاهپور ۾ رهايو ۽ اهڙيءَ طرح مان ٻه پڙهڻ لڳس ائين درجي جو امتحان پاس ڪري ڪنڊڙي هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتم. اسماعيل ٻه اتي داخلا ورتي. آءٌ روزانو سائيڪل تي اسڪول ايندو ويندو هوس. اتي استاد جان محمد ڏاهري ۽ دينيات جو استاد هڪٻئي تي پيا چوهه چنبيندا هئا. اسان کي ان معاملي جي ٻه خبر ڪانه هوندي هئي. هڪڙي ڏينهن استاد جانِ محمد ڏاهريءَ مون کي چيو ته دينيات واري استاد کان پڇ ته:

(1) جڏهن ڪو مرد نيڪ هجي ته مرڻ کان پوءِ بهشت ۾ کيس 72- حورون ملنديون ۽ 12- غلمان. پر جيڪڏهن ڪا عورت نيڪ هجي ته پوءِ کهڙو اجورو ملندو.؟

(2) مور پکي ٻچڻن ته حرام آهي، پر تنهن هوندي ٻه سندس پر قرآن شريف جي ورقن ۾ وڌا وڃن ٿا. پر ڪڪڙ جيڪو سڄو ڏينهن غلاضت ۾ پيو هوندو آهي. پوءِ ڪڪڙ جو حلال ٿيڻ ۽ مور جو حرام ٿيڻ. سو ڇو؟

مون ٻه بنا هٻڪ جي اهي ٻئي سوال استاد کان پڇيا. سوال جي ٻڌڻ کان پوءِ سندس پارو چڙهڻ شروع ٿي ويو. ”رول عرف آرام شام“ ڪٽي اڇي ورتائين. ڏاڍي مار ڏنائين. ايتري ۾ پيرڊ ختم ٿي ويو. استاد ٻاهر هليو ويو. پر رول وساري هليو ويو. مون ٻه ڪاوڙ ۾ اڇي رول ڀڃي ڇڏيو.

هاڻي ٻئي ڪلاس ۾ پيرڊ وٺندي استاد کي رول جي ضرورت پيش آئي. ڇوڪرو موڪليائين، جيڪو ٻئي آڌڙ رول جا ڪٽي ويو. استاد جي ڪاوڙ 1- ڊگري تي پهچي ويئي هئي. سو سڌو اسان جي ڪلاس ۾ آيو. هڪ ڏنڊو گهرائي، سڀني ڇوڪرن کي قطار ۾ بيهاري

شاگردن جي طرفان بيان بازي، جلوس ۽ جلسا ته ٻئي طرف حڪومت جو گرفتارين ڪرڻ تي زور هو. جتي ڪٿي وانگر سندس حالت هئي. رڳو پئي سندس گگهي لڳي، ظاهر طور عوامي لباس پائي مگر اندروني طرح ڪڏا ڪم، ڪرتوت ڪندي پئي وتي جيڪا حقيقت هنن بيانن مان ظاهر آهي:

هڪ خبر:

## ”سنڌ ۾ ٻه سئو شاگرد گرفتار ڪيا ويا آهن“ 300 شاگردن تي وارنٽ آهن. نذير عباسي.

## ”ملڪي صورتحال تي سخت تشويش جو اظهار“

حيدرآباد- (اسٽاف رپورٽر)

سنڌ ۾ هن وقت اٽڪل 200 شاگردن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. 300 شاگردن خلاف وارنٽ ڪڍيا ويا آهن ۽ ڏيڍ سؤ شاگردن جون مختلف سبب ڄاڻائي داخلائون رد ڪيون ويون آهن. اها ڳالهه سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي جنرل سيڪريٽري نذير عباسيءَ اڄ هتي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ٻڌائي هن چيو ته پوليس، شاگردن ۽ انهن جي مائٽن کي گهرائي زير بار ڪري ٿي. ٻئي طرف پ-پ- جي اڳواڻن طرفان شاگردن کي ڌمڪائي ديچاري حڪومتي جماعت جي ڏيلي تنظيم پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ شامل ٿيڻ جي ترغيب ڏني پئي وڃي.

مسٽر عباسيءَ چيو ته سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ حڪمران پارٽيءَ جا غنڊا رائيفلون ۽ پستول کڻي گهمندا رهن ٿا. هن سوال ڪيو ته اهڙي ماحول ۾ تعليم ڪيئنءَ تي حاصل ڪري سگهجي؟ هن ملڪي صورتحال جو تفصيلي جائزو وٺندي روز بروز وڌندڙ مهانگائي، بلوچستان جي صورتحال، سنڌ ۾ گرفتاريون، هارين ۽ مزدورن سان ناانصافين، بهارين جي سنڌ آمد ۽ ٻين مسئلن تي تشويش جو اظهار ڪيو.

هن مطالبو ڪيو ته گرفتار ٿيل شاگردن، احمد خان جمالي، جبار خٽڪ، اسماعيل وساڻ، عزيز پنگوار ۽ ٻين شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي. آئين ۾ ترميم ڪري صحيح جمهوريت بحال ڪئي وڃي.

تعليمي ادارن مان غنده گردي ختم ڪئي وڃي. شهري آزادي بحال ڪئي وڃي. ۽ بلوچستان ۾ فوجي ڪارروائي بند ڪئي وڃي. هن شاگردن کي اپيل ڪئي ته هو ظلم خلاف متحد ٿي جدوجهد جاري رکن.

*　*　*

(هڪ خبر)

## ج. س. ا. ف دادو جا مڙئي عهديدار گرفتار متن ڪيس داخل"

حيدرآباد: جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ضلع دادوءَ جو هڪ هنگامي اجلاس تازو ٿي گذريو. جنهن ۾ دادو ضلع جي فيڊريشن جي سيني عهديدارن جي گرفتاريءَ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ويئي ۽ فيڊريشن جا قائم مقام عهديدار چونڊيا ويا.

اجلاس ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ واري واقعي ۾ پيپلز پارٽيءَ طرفان شاگردن کي غنڊن هٿان مارڪٽ ڪرائڻ کي ننديو ويو. ۽ يونيورسٽيءَ حڪام کان اهو مطالبو ڪيو ويو ته جن به شاگردن کي خارج ڪرڻ جا حڪم مليا آهن. سي فوري طور تي واپس ورتا وڃن. شاگردن کي هاسٽلن ۾ رهڻ ڏنو وڃي. وساڻ، پنگوار ۽ ٻين کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي. تعليمي ادارا هڪدم کوليا وڃن. دادوءَ جا بيگناهه شاگردن جن تي خواهه مخواهه ڪيس داخل ڪرائي عهديدارن کي گرفتار ڪيو آهي. تن کي ۽ سائين جي ايم سيد کي آزاد ڪيو وڃي. هن اجلاس ۾ شاگردن جي "ائڪشن ڪاميٽي" ناهي ويئي.

*　*　*

(هڪ خبر)

## شاگرن جي گرفتارين جي مذمت_ گرفتار شاگردن جي آزاديءَ جو مطالبو 'ڪراچيءَ ۾ سنڌي شاگردن جا مظاهرا'

حيدرآباد. (اسٽاف رپورٽر)

سنڌ يونيورسٽي اسٽوڊنٽس يونين جي نائب صدر مسٽر محمد صفر مريءَ هڪ بيان ۾ سنڌ حڪومت کان پر زور مطالبو ڪيو آهي ته دادوءَ ضلع جي شاگردن ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾

ڪنووڪيشن دوران هنگامي ڪرڻ جي الزام ۾ جن شاگردن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. تن کي هڪدم آزاد ڪيو وڃي ۽ جن شاگردن خلاف وارنٽ جاري ڪيا ويا آهن، سي واپس ورتا وڃن. مسلم ڪاليج جي شاگرد اڳواڻ غلام شبير لاکي به شاگردن جي آزاديءَ ۽ شاهه محمد شاهه جي خلاف ڪڍيل آرڊر واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

ڪراچيءَ جو اطلاع آهي ته تازو اتي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ڪراچيءَ ۾ "سنڌي سپوت سنگت" جي ڪارڪنن ۽ شاگردن ريڊيو پاڪستان جي سامهون شاگردن تي پ پ جي غنڊن طرفان حملا ڪرائڻ ۽ شاگردن جي گرفتاريءَ خلاف احتجاج طور مظاهرو ڪيو. مظاهرين وٽ جيڪي بينر هئا، تن تي هيٺان مطالبا لکيل هئا.

اسماعيل وساڻ تي تشدد بند ڪيو وڃي. بهاري نه کپن، مهراڻ جي رپورٽر مسٽر محمد حيات نظاماڻيءَ کي آزاد ڪيو وڃي. اسين سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن تي ٻاهران آيل غنڊن هٿان ڪيل حملي جي مذمت ڪريون ٿا. شاگرد اڳواڻ عزيز پنگوار، سڪندر پنگوار، ايس: ڪي جماڻي، لالا نادر، خادم حسين سومرو ۽ ٻين کي هڪدم آزاد ڪيو وڃي.

بعد ۾ هڪ گڏيل بيان جاري ڪيو ويو جنهن ۾ ڄاڻايو ويو ته شاگرد ايڪشن ڪاميٽيءَ جي اسين حمايت ٿا ڪريون. سنڌ يونيورسٽيءَ کي کوليو وڃي. ڇو ته ان کي بند ڪرڻ جو ڪوبه جواز ناهي ۽ نه وري در محمد اوستي کي ان ڳالهه جو ڪو حق ٿو پهچي ته هو سنڌ يونيورسٽيءَ کي بند ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري. بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته پوليس جي بندوق سان زخمي ٿي مري ويل پوليس جي سپاهيءَ جي "ميڊيڪل رپورٽ" غلط حاصل ڪرڻ لاءِ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جي ڊاڪٽرن تي زبردست دٻاءُ آندو پيو وڃي. ۽ ڊاڪٽرن کي ڌمڪائي، ڊبچاري بندوق جي ڪارتوس بجاءِ پستول جي گوليءَ جي رپورٽ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي اها روش ناقابل برداشت ٿيندي.

حڪومت شاگردن جي ماٽن تي دٻاءُ آڻي، انهن کي گرفتار ڪري بي عزت ڪري رهي آهي. جنهن کي شاگرد برادريءَ ڪڏهن به

معاف نہ ڪندي. اهو رويو هڪدم بند ڪيو وڃي ۽ گرفتار ٿيل شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي.

* * *

## پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن کي يونيورسٽيءَ ۾ ڌڪ، سپاف جو صدر سهرياڻي مستعفي. هن طرفان مرڪزي عهديدارن تي سنڌ دشمن سرگرمين جو الزام.

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)

معلوم ٿيو آهي تہ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن سنڌ يونيورسٽيءَ جي صدر مسٽر مختيار احمد سهرياڻي، پنهنجي عهدي تان استيفا ڏئي ڇڏي آهي. هن پنهنجي بيان ۾ ڄاڻايو آهي تہ سپاف جا عهديدار سنڌ دشمن سرگرمين ۾ مصروف آهن. هن مطالبو ڪيو تہ اسماعيل وساڻ، عزيز پنگوار ۽ ٻين شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي. يونيورسٽيءَ ۾ حالتون بهتر بنائڻ لاءِ يونين بحال ڪئي وڃي ۽ رسٽيڪيشن جا آرڊر واپس ورتا وڃن.

* * *

## شاگرد امتحانن جو بائيڪاٽ ڪن، شاگرد ائڪشن ڪميٽيءَ جو بيان!

ڄام شورو (پ- ر) سنڌ يونيورسٽيءَ انجنيئرنگ ڪاليج شاگرد ائڪشن ڪميٽي سنڌ جي شاگرد برادريءَ کي اپيل ڪئي آهي تہ اهي پنهنجي مطالبن مڃائڻ لاءِ 7- جولاءِ تي ٿيندڙ انٽر ميڊيئٽ جي امتحانن جو مڪمل بائيڪاٽ ڪري شاگردن اتحاد جو ثبوت ڏين. ايڪشن ڪميٽيءَ ڄاڻايو آهي تہ حڪومت پنهنجي واعدن ۽ دلاسن هوندي بہ اجان تائين شاگردن خلاف انتقامي ڪارروائين کان باز نہ آئي آهي، ۽ اجان تائين سنڌ جي مختلف شهرن مان گرفتارين جون خبرون اچن ٿيون. خود يونيورسٽيءَ انتظاميہ بہ ڪن شاگردن خلاف انتقامي ڪارروايون ڪرڻ تي غور ڪري رهي آهي. هن کان اڳ گرفتار ٿيل شاگردن کي آزاد نہ ڪيو ويو آهي، ۽ نہ کي رسٽيڪيشن جا احڪامات واپس ورتا ويا آهن.

ڪميٽيءَ چيو ته انهن ڳالهين مان واضح آهي ته حڪومت شاگردن کي تعليم حاصل ڪرڻ جو بنيادي حق ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ اهڙي تشويشناڪ ماحول ۾ وري امتحان ڏيڻ، سنڌ جي مفادن جي خلاف آهي.

ايڪشن ڪميٽيءَ شاگردن کي اپيل ڪئي آهي ته هو پنهنجي حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پڻ حڪومت جي سياهه ڪارين خلاف احتجاج ڪندي امتحانن جو مڪمل بائيڪاٽ ڪن ۽ پنهنجي ۽ سنڌ جي مفادن جي تحفظ لاءِ عملي قدم کڻي، حڪومت تي واضح ڪن ته سنڌ جا سڀئي شاگرد پنهنجي حقن تان ڪڏهن به دستبردار نه ٿيندا.

* * *

## شاگردن طرفان ڪلاسن جو بائيڪاٽ جاري!

حيدرآباد- (اسٽاف رپورٽر)

اڄ هتي سنڌ يونيورسٽي ۽ انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگردن، شاگرد ايڪشن ڪميٽيءَ جي فيصلي مطابق ڪلاسن جو بائيڪاٽ جاري رکيو. اڄ به يونيورسٽي بند رهي ۽ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ڪوبه ڪلاس ڪونه هليو. ياد رهي ته ائڪشن ڪاميٽيءَ شاگردن کي اپيل ڪئي هئي ته هو ان وقت تائين ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪن جيستائين سندن گرفتار ساٿين کي آزاد نٿو ڪيو وڃي ۽ ريسٽيڪيشن ۽ وارنٽ منسوح نٿا ڪيا وڃن.

## ”شاگرد ايڪشن ڪميٽي“ جي حمايت، شاگردن جي جلوس کي منتشر ڪيو ويو!

حيدرآباد- (اسٽاف رپورٽر)

اڄ صبح جو مسلم ڪاليج جي شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪندي هڪ احتجاجي جلوس ڪڍيو. جنهن سان ڪجهه ٻيا شاگرد به اچي شامل ٿيا، پوءِ جلوس هڪ چڱي خاصي شڪل اختيار ڪري ويو. جلوس ”يونيورسٽي کوليو“ ”سيد کي آزاد ڪريو“ ”گرفتار ٿيل شاگردن کي آزاد ڪريو.“ جي نعرن سان گڏ سنڌ ۾ ٻهارين جي اچڻ خلاف به آواز بلند ڪيو، جلوس ڪنهن به ناخوشگوار واقعي نه ٿيڻ ڪان پوءِ جڏهن ”ٽريننگ ڪاليج فار مين“ جي ويجهو پهتو ته جلوس

مان ڪن مذڪوره ڪاليج کي بند ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن منزل تي پوليس سرزمين تي پهچي، امن امان کي خطرو محسوس ڪندي، جلوس کي تلڪ چاڙهيءَ طرف وڌڻ کان روڪيو. جنهن تان جلوس ۾ شامل شاگردن ۾ ڪنهن حد تائين اشتعال پيدا ٿيو. پوليس جلوس جي اڳواٽي ڪندڙ ڪجهه شاگردن کي گرفتار پڻ ڪيو.

شاگردن جي چوڻ موجب پوليس شاگردن تي لاٺي چارج پڻ ڪئي ۽ هوائي فائر به ڪيا. پر پوليس اختياريءَ وارن طرفان اهڙي ڪنهن به ڪارروائيءَ ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو ويو آهي. بهرحال پوليس جي مداخلت سبب جلوس ڪجهه دير بعد منتشر ٿي ويو. هن سلسلي ۾ مسلم آرٽس ڪاليج شاگرد سنگت جي صدر سيد عالم شاهه بخاريءَ جي بقول سندس موجودگيءَ ۾ پوليس طرفان لاٺي چارج ۽ مبينه فائرنگ ڪئي ويئي. هن سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ملوث پوليس انسپيڪٽر خلاف قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي. جنهن لاءِ سندس چوڻ آهي ته هن ”سنڌين کي گاريون ڏنيون ۽ گهٽ وڌ ڳالهايو.“

هن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪرڻ جو به اعلان ڪيو. اسان جي نمائندي جي چوڻ موجب ته جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن هالاءِ طرفان پڻ شاگردن جي جلوس تي ٽيل لاٺي چارج جي مذمت ڪئي وئي آهي ۽ واسطيدار پوليس آفيسر خلاف ڪاروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي.

اڄ شاگرد اڳواڻن جي هڪ هنگامي گڏجاڻي حبيب الله ناريجي شاگرد اڳواڻ صدر سنڌي سوسائٽي سنڌ يونيورسٽيءَ جي زير صدارت ٿي گذري. جنهن ۾ شاگرد اڳواڻن، سيد عالم شاهه بخاري، صدر شاگرد سنگت مسلم آرٽس ڪاليج حيدرآباد. سيد روشن علي شاهه، شاگرد اڳواڻ ناز پنهور، شاگرد اڳواڻ نواز علي خواجه، عزيز سمون، مهر علي شاهه ۽ سليم شاهه، شاگرد اڳواڻن شرڪت ڪئي. گڏجاڻيءَ ۾ شاگردن تي پوليس جي طرفان ٿيل لاٺي چارج ۽ فائرنگ جي سلسلي ۾ منعقد ڪئي ويئي ۽ ان ڳالهه جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي ۽ مطالبو ڪيو ويو ته مذڪوره صوبيدار خلاف قدم کنيو وڃي.

ٻئي طرف پوليس جي چوڻ مطابق سواءِ جلوس کي پر امن طريقن سان منتشر ڪرڻ جي ڪنهن به تشدد واري ڪارروائي نه ڪيل ڇئي وجي ٿي. ايس پي حيدرآباد هن متعلق "عبرت" کي ٻڌايو ته شاگردن جي جلوس تي ڪابه لاٺي چارج نه ڪئي ويئي آهي ۽ 144-قلم نه هئڻ ڪري جلوس کي ڪٿي به نه ڙوڪيو ويو. هن ٻڌايو ته جلوس ۾ شاگردن بعد ۾ پاڻمرادو منتشر ٿي ويا.

اڄ اسان جي نمائندي وٽان معلوم ٿيو آهي ته حيدرآباد جي اڪثر تعليمي ادارن ۾ هن واقعي ڪان پوءِ شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ مطالبو ڪيو ته گرفتار ٿيل شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي ۽ صوبيدار خلاف قدم کنيو وڃي. ڇو جو هن سڄي سنڌ جي شاگرد برادريءَ جي عزت کي للڪاريو آهي.

* * *

## سنڌ اسيمبليءَ ۾ سيد ظفرعلي شاهه جي تقرير جا چند حصا

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر)

بلوچستان جو ذڪر ڪندي، سيد ظفر علي شاهه چيو ته اتي اڪثريت کي حڪومت ڪرڻ جو حق نه ٿو ڏنو وڃي. ان تي قائد ايوان چيو ته بلوچستان جي صورتحال کي هن ايوان ۾ بحث هيٺ آڻڻ سان ٻن صوبن جي وچ ۾ غلط فهميون پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي. شاهه صاحب پنهنجي تقرير ۾ صوبائي حڪومت تي چوٽ چنديا، ۽ تنقيد ڪندي چيو ته ان جي حالت ايوب ۽ يحيٰ خان جي وقت کان به وڌيڪ خراب آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌي جڏهن به پنهنجي حقن جي گهر ڪن ٿا، ته انهن تي علحدگي، پسند هئڻ جو الزام هنيو وڃي ٿو. سنڌ يونيورسٽيءَ ڪنووڪيشن جي واقعي بعد يونيورسٽيءَ جي شاگردن خلاف ڪيل ڪارروائين تي نڪته چيني ڪندي هن چيو ته مرڪزي وزير تعليم سان ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ اهڙو ساڳيو واقعو پيش آيو پر اتي ته شاگردن خلاف ڪجهه نه ڪيو ويو.

سيد ظفر علي شاهه چيو ته سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن خلاف ڪارروايون بند ڪيون وڃن. ريسٽيڪيشن جا حڪم واپس ورتا وڃن ۽ گرفتار ٿيل شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته يونيورسٽيءَ واري معاملي ۾ شاگردن کي گرفتار ڪرڻ کهڙي

معني رکي ٿو؟ هن حڪومت کي چتاءُ ڏنو ته هو سنڌ دشمنيءَ کان باز اچي ورنه سنڌس حشر به اڳين آمرن کان مختلف نه هوندو..!!

* * *

## شاگردن کي بنا، دير آزاد ڪيو وڃي. آئين جي مخالفت اصولي آهي. ج. س. ا. ف جي شاگردن جي پريس ڪانفرنس.....!

حيدرآباد .اسٽاف رپورٽر)

جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي شاگردن مطالبو ڪيو آهي ته شاگردن خلاف خون جو جڙتو ڪيس ختم ڪري، گرفتار ٿيل شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي. شاگردن جا رسٽيڪيشن آرڊر رد ڪيا وڃن ۽ سائين جي ايم سيد سميت. سيني سياسي قيدين ۽ سنڌي شاگردن کي جلد آزاد ڪيو وڃي.

هو اڄ شام جو هتي "جبيس هوٽل" ۾ هڪ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيا هئا. شاگرد اڳواڻن چيو ته 28- اپريل تي ڪنووڪيشن واري واقعي کان پوءِ يونيورسٽيءَ جي 17-شاگردن کي خون جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسايو ويو آهي. ان سلسلي ۾ يونيورسٽيءَ اسٽوڊنٽس يونين جو جنرل سيڪريٽري عزيز پنگوار، اسماعيل وساڻ، سڪندر پنگوار، مولا بخش لغاري، امان الله شيخ، احمد خان جمالي، لالا قادر ۽ حبيب الله ناريجو جيل ۾ آهن ۽ شاهه محمد شاهه، يوسف جکراڻي، مدد علي سنڌي، نظير سمون ۽ سليم شاهه ٻاهر آهن. انهن مڙني تي اسپيشل ٽربيونل ۾ ڪيس هلي رهيو آهي.

هنن ٻڌايو ته جيڪو سپاهي ڪنووڪيشن واري واقعي ۾ مري ويو. اهو پوليس طرفان ڪيل فائرنگ ۾ رائيفل جي گوليءَ سان زخمي ٿيو هو. ليڪن انتظاميه شاگردن تي اهو ڪوڙو ڪيس ٺاهي انهن کي ڦاسايو آهي. ان کان علاوهه شاگردن کي يونيورسٽيءَ مان خارج ڪيو ويو. جن مان بعد ۾ 5 شاگردن جا آرڊر واپس ورتا ويا آهن. هنن چيو ته چند شاگردن جا رسٽيڪيشن آرڊر واپس وٺڻ سان ڪوبه مسئلو حل ڪونه ٿيندو. پر سمورن سياسي قيدين ۽ شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن حڪومت اسان جا اهي

مطالبا نہ مڃيا ۽ شاگرد آزاد نہ ٿيا تہ پوءِ سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ڏينهون ڏينهن بيچيني وڌندي ويندي. هنن هڪ سوال جي جواب ۾ ٻڌايو تہ شاگردن جو صرف هڪ ڏوهہ اهو آهي تہ هو نئين آئين کان مطمئن نہ آهن. تنهن ڪري ان جي جمهوري اصولن تحت مخالفت ڪري رهيا آهن. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هنن چيو تہ اسين ڪنهن بہ پارٽيءَ سان اختلاف رکڻ جي باوجود بلوچستان ۾ ٿيندڙ ظلم جي مذمت ٿا ڪريون ۽ اسان جو ساٿ بلوچستان جي مظلوم عوام سان آهي.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي باري ۾ هڪ سوال جي جواب ۾ شاگرد اڳواڻن ٻڌايو تہ اُتي سڄي تعليمي سال ۾ فقط 7 ڏينهن ڪلاس هليا آهن. هنن چيو تہ حڪمران ٽولو هٿ وٺي تعليمي ماحول خراب ڪري رهيو آهي.

(7)

# جيل ۾ پيار جو داستان

اڄ اسان جي شنوائي آهي. اسان کي سينٽرل جيل مان پوليس جي نگرانيءَ ۾ ٽربيونل جي آڏو پيش ڪيو ويو. هتي اسان کي خبر پئي ته اٽڪل ٻه سؤ ماڻهو جيڪي ”ڄام صادق علي“ جي ظلم سبب قاتل هئا سي به اڄ ٽربيونل آڏو پيش ٿيڻ لاءِ آيل آهن. اتي هڪ شخص وڏي ڏاڙهيءَ سان عينڪ پاتل مٿي تي ملن واري اڇي ٽوپي ۽ شيروانيءَ ۾ ملبوس اچي اسان جي پرسان وينو. اسان کي پڪ ٿي ته هي سي آءِ ڊي آهي ان پهريان ته اسان سان هوريان ڳالهايو ۽ پوءِ کٽي وڏو ٺهڪ ڏنائين. اتي اسان سڀ جو ساهه کنيو ۽ خوف لٿو. چو ته هيءُ ڪو ٻيو نه پر ”شاهه محمد شاهه“ هو جيڪو روپوش هو. اسان پوليس پارٽيءَ سان گڏ شنوائي وٺي موٽياسين. تڏهن به شاهه محمد شاهه اسان سان گڏ هو. اسٽيشن تي شهر ۾ گڏ پر ڪيس ٻئي ڪنهن به ڪونه سڃاتو (سواءِ اسان جي) سينٽرل جيل پهچڻ کان اڳ هو موڪلائي هليو ويو. وري ٻي شنوائي تائين جيل جون هوائون کائڻ لڳاسين!

اڄ ڳوٺان خط آيو آهي، گهر واريءَ لکيو اٿم خط ۾ لکيل آهي:نواب شاهه:

(خط)

آڏا ڏونگر ڏاڍا الاڙي! سور ٻلا سهسائي ڪير،
دنيا پنهنجي ڏن ۾ پوري، روئندن کي پرچائي ڪير.

*　*

هيڪل ڪيچ ڪشالا، پنهنجا پڪي به پانڌي ٿيندءِ ڪونه
ڪنهن جي ڪاڻ مرين تو مگڻا- ڪير به ڪانڌي ٿيندءِ ڪونه

* * *

ڪڏهن تہ پنهنجو روپ هو رم جهم، گلن جئان گجيل هيا،
هاڻ تہ اٿين چڻ ڪين هيو ڪجھ، خوابن جا سپ ڪيل هيا.

امید تہ خوش هوندين

پيارا سرتاج عزيز،

سدائين ساٿ سلامت رهي، جيئن تہ اڳ ۾ بہ خط موڪليا اٿم پر شايد توکي ڪونہ ڏنا ويا آهن. اڳين خطن وانگر اڄ بہ توڏي سهڻي صلاح ۽ ڪڙو منو خط پنهنجي سمجھ موجب لکي موڪليان ٿي، چوندا آهن تہ ”حقيقتن کان نٽائڻ پنهنجي ضمير سان دوکو ڪرڻ جي برابر آهي.“

پيارا، جنهن قوم جي حقن خاطر تون وڙهين پيو. ان کي تنهنجي ڪابہ عزت ڪانهي، فقط ڪي چند ڇوڪرا آهن جيڪي اخبارن ۾ روز پيا بيان ڏين. نہ تہ هرڪو الله ڪيو پنهنجي گهر ۾ خوش لڳو وينو آهي اول تہ پنهنجي شاهہ محمد شاهہ کي ڏسو جنهن ڪجھ بہ نہ ڪيو آهي هيل تائين! سواءِ خوامخواه بڪواس ڪرڻ کان سواءِ ۽ ها، اهڙن انسانن مان ورندو ڪجھ بہ ڪونہ، مون کي ٻڌاءِ آخر وري بہ ڪيئن! جيڪي پنهنجي سنڌ جي نياڻين کي ڪرسيون اچلائي هٽن ۽ وري وڏي ڳالهہ تہ هٽن بہ انهن کي جن جو نمڪ سندس پيٽ ۾ آهي. مون پيڻ شاهين ميمڻ ڏي سئو نياپا موڪليا آهن تہ مون کي اچي حقيقت ٻڌاءِ پر سندس جواب اهو آهي تہ ادي اڳ ۾ ڪرسيون هنيائون وري هاٿي لاهين.برقعا، تنهن ڪري اسان ڪونہ اينديوسين، عزيز جي گهر! اها تہ برابر هڪ حقيقت آهي.

تہ ٻڌ ”جيڪڏهن توکي صاف دل ٿي سنڌ سان وفاداري ڪرڻي آهي تہ پوءِ انهن لوفرن جي پنيان نہ لڳ ۽ نہ ئي سندن چوڻ تي هل. مان نہ ٿي چاهيان تہ منهنجو گهر رولي ۾ پوي يعني تون جيل ۾.شطرنج ويهي کيڏ ۽ انهن بڪواسين سان گڏ گپ شپ ۾ وقت گذار. اول تہ پنهنجي سؤٽ سڪندر کان پڇ تہ جڏهن اسماعيل وساڻ کي رتو چاڻ ڪري ٽرڪ ۾ پيا هٽن تہ تون خاموش ڇو بيٺو هئين!

ان مهل پين ۽ پنو ڪڍي خط لکڻ ويهان ٿو:

❄

## (خط)

لکان ٿو خط اکين مان آب هاري،
خبر ناهي ملون يا موت ماري.

سينٽرل جيل حيدرآباد
تاريخ 18- 7- 1973ع

منهنجي بندگي، منهنجي زندگي، خوشي، وفا ۽ پياري رشي!

تنهنجو خط مليو پڙهي پروڙيم، مضمون محبت جو سارو سمجهيم. پياري اڄ آءٌ فخر ڪندي خط توڏي لکان ٿو جو تو ۾ هڪڙي خاصيت اها پيدا ٿي چڪي آهي جو تون سچ منهن تي چئي سگهين ٿي، يعني بين لفظن ۾ بيباڪ ۽ دلير آهين، چوندا آهن ته ”دوست اهو جو اصلاحي تنقيد ڪري، پنهنجي پياري کي صحيح ۽ سني رستي تي هلڻ جي تلقين ڪري. آءٌ تنهنجي انهيءَ اصلاحي تنقيد ڪرڻ مان مطمئن ۽ راضي آهيان. اميد ته آئينديءَ جي لاءِ به نشاندهي ڪندي رهنديئن ءَ.

منهنجي دل جا دلدار محب منٺار پرين! چوندا آهن ته هر شيءِ جا ٻه پاسا ٿيندا آهن. جيڪڏهن اسين نلها نعرا هڻون ٿا ۽ ڪوبه عملي ڪم نه ٿا ڪريون. ته ٻيو پاسو اهو آهي ته اسان کي نلها نعرا نه هڻڻ گهرجن، پر عملي ڪم ڪرڻ گهرجي. ها، آءٌ هاڻي ائين ڪندس.

ٻيو ته تنهنجي خط مان توري گهڻي مايوسي بکي ٿي. انهيءَ ۾ تنهنجو ڏوهه ڪونهي. ڏوهه منهنجو آهي جو آءٌ تنهنجي خوابن کي حقيقت بنائي ڪونه سگهيس، پر ايترو ضرور چوندس ته ”مايوسي گناهه آهي.“ مايوسي، سجاڳيءَ کي ڇيهو رسائي ٿي. مايوسي غفلت ننڊ جو ٻيو نالو آهي. ننڊ مان مراد ماٺ آهي ۽ ماٺ موت جي سڳي ڀيڻ آهي. تنهن ڪري توکي مايوسي نه ٿيڻ گهرجي.

منهنجو هٿ ڪير ساٿ ڏيئي يا نه ڏئي، بهرحال حڪومت جي آڏو ڪونه جهڪندس تڪليفون ۽ مصيبتون ته انسان کي سيڪارين ٿيون ته اهي تنهنجي لاءِ امتحان آهن. تنهن ڪري امتحان مان پاس

اڄ ٻي شنوائي آهي. ساڳي پوليس گاڏيءَ ۾ ٽربيونل اچي پهتاسين. جتي مون درخواست ڏني ته آءٌ بيمار آهيان، مهرباني ڪري مون کي اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏيندا ۽ پڻ اهڙو ليٽر ڏنو وڃي. ڪورٽ سڄوريءَ درخواست منظور ڪئي.

مون کي وري ٻيهر اسپتال ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پوليس پارٽيءَ سان گڏ ليٽر مليو. ڊاڪٽر محترم ڪامل راڄپر تمام سٺي نموني پيش آيو. هن ڊاڪٽر غضنفر عليءَ کي فون ڪري پنهنجي وارڊ ۾ داخل ڪرڻ لاءِ چيو. ڊاڪٽر راجا صرف نالي جو راجا هو. جهڙو سهڻو هو تهڙي سندس سيرت به هئي. هن مون کي چيڪ ڪري هڪ وارڊ ۾ داخل ڪيو. خوش.قسمتيءَ سان مون کي ”سائيڊ روم“ مليو جنهن ۾ ٽي چار ماڻهو رهي ٿي سگهيا. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ ”هرنيه جو آپريشن“ ٿيو. منهنجي مٿان پوليس جو پهرو ته هلندڙ هو. اهي ويچارا مون سان ڇڻ ٻڏا ويٺا هوندا هئا. جيل ۾ مون سان گڏ تحريڪ استقلال، حيدرآباد جو صدر به رهندو. تنهن به انهيءَ ساڳئي وارڊ ۾ داخلا ورتي.

هن ئي وارڊ ۾ مون دوستيءَ ۽ محبت جي انتها ڏٺي. اهڙو مثال مون ڪٿي به ڪونه ڏٺو. ٿيو هيئن ته هڪڙو شاگرد شايد سندس نالو ڀڳوان داس هو تنهن کي يوسف جکراڻي گروپ جي ماڻهن چاقون هنيا هيا. جنهن ڪري.هو معذور ٿي پيو هو. بعد ۾ سٺي ۽ ترت علاج جي ڪري ٺيڪ ٿي ويو. ڀڳوان داس جو زاهد مخدوم دوست هو. آءٌ سمجهان ٿو ته هت سندس انهيءَ خدمت واري عمل کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ، جيڪڏهن هيٺيون سٽون لکان ته دوستيءَ جو حق ادا ٿي ويندو.

آءٌ سلام ٿو ڪريان ته انسانذات جي خدمت ڪندڙ دوست زاهد مخدوم کي جنهن ڀڳونداس جي خدمت سچائي ۽ ايمانداريءَ سان (مثل ماءُ بنجي) ڪئي. يعني هن کي ڪٽي ويهارڻ، سمهارڻ، ڪپڙا ڌوئڻ وغيره. ايتري قدر جو ڀڳوان جا معذوريءَ ڪري بسترو ۽ ڪپڙا وغيره به خراب ٿي ويندا هئا. پر انهن کي به بنا ڪنهن هٻڪ جي ۽ بغير ڪنهن خفي ٿيڻ جي خوشيءَ سان ڌوئي صاف ڪندو هو.

مون وٽ يونيورسٽيءَ جا دوست، پائر ۽ پينرون جڏهن ملڻ ايندا هئا، تہ پاڻ سان گڏ ميوو (فروٽ) بہ آڻيندا هئا. تڏهن آءٌ هي دعا گهرندو هوس تہ جيل جي بجاءِ جيڪر هتي اسپتال ۾ سال لڳي وڃن تہ بهتر! پوءِ ان فروٽ کي وندي ورچي سڀ کائيندا هئاسين.

مٿي ٻڌائي آيو آهيان مون تہ صوبيدار تي ڪيس داخل ڪيو هو (تنهن کي صوبيدار حاجي سمون جيڪو نذير ۽ بشير جو مامون هو. هي ٻئي منهنجا دوست هئا. جن کي اسين ڏاڙي برادران چوندا هئاسون) تنهن کي حاجي صاحب مون وٽ وٺي آيو. صوبيدار ناصر پنجابيءَ معافي ورتي. مون حاجي سمي صاحب کي يقين ڏياريو تہ ٽربيونل مان ڪيس واپس وٺندس. ان ساڳئي ڏينهن تي منهنجو سوٽ جناب شهبيگ خان، محترم قاضي فيض محمد کي ضعيف العمريءَ ۾ تڪليف ڏئي وٺي آيو. هو مون تي ٿيل ڊي پي آر واري ڪيس ۾ ضامن ڪٽڻ لاءِ نواب شاهہ کان حيدرآباد آيو هو. سائين قاضي صاحب ويچاري ڏاڍو پاڻ پتوڙيو، مطلب تہ منهنجي ضمانت ٿيُ ويئي. آءٌ سندس انهيءَ احسان جي بار هيٺيان سدائين جهڪيل رهندس.

اسپتال ۾ رهڻ دوران هڪ ڏينهن دل ڳوٺ وڃڻ لاءِ چاهيو. پوليس گارڊ جو مون تي تمام گهڻو اعتماد هو. هڪڙي ڏينهن منهنجي دوست اڪبر رند شراب آندو. هن سپاهين سونهاري مراد علي کي بہ شراب پيئڻ جي صلاح ڪئي. هنن همراهن بہ ڏاڍو مزي مزي سان پيئڻ شروع ڪيو. اسان ڇئني شراب پيتو. هاڻي سپاهي جڏهن نشي جي مستيءَ ۾ آيا. تڏهن چوڻ لڳا تہ عزيز صاحب، حڪم ڪپي. اسين هر خدمت ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. مون چيو تہ "يار" حڪم ڇا جو، ڳوٺ نواب شاهہ وڃڻ جو ارادو آهي اهو منهنجو عرض آهي. "تنهن تي چيائون تہ پوءِ" ڇڱو جلد تيار ٿي وٺ، ڇا ياد ڪندين..! هونءَ بہ مون تي اعتبار حد کان مٿي هين.

مون فون ڪري هڪ دوست کي چيو تہ "ڪار ڪپي.." چي "يار مٽان خراب ٿي پوي گاڏيءَ تي اعتبار نہ آهي. ائين ڪندين هڪڙو سنهڙو قد آور ڏاڙهونءَ جهڙي رنگ جهڙو جوان اچي پهتو. ڪيس ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي جو اهو منهنجو پراڻو دوست ۽ مخالف سڪندر ڏهراج هئو.

انهن ڏينهن ۾ ڏاڍي گرمي هئي. پلا مهينو هجي جولاءِ جو.!!
ٽنهن ڪري ڪٽ ڪڍي روم کان ٻاهر وينا .هئاسون. ڏهراڄ مون کي هر طرح جو يقين ڏياريو. مون تي ڏاڍو اثر ٿيو. ٻين لفظن ۾ هن مون کي ڇڻ موهي ڇڏيو هو. هاٽي بسترو خالي ڇڏي، پوليس سان گڏ ڪار ۾ چڙهي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پهتاسين. اتي ممتاز جوٽيجو يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي ياڻرن ۽ دوستن سان ملڻ آيو هو. هو ان وقت نواب شاهه ۾ چيف آفيسر هو. هن کي ڪار پنهنجي هئي تنهن کي به ساڻ ڪنيوسين. خيرن سان اچي نواب شاهه پهتاسين. مٽن مائٽن سان ملي. ڏاڍو خوش ٿيس حال احوال ڏئي وٺي مهمانن جي خدمت چاڪري بعد ۾ موڪلائي وري واپس راتو رات حيدرآباد اسپتال پهتاسين.

سائين غلام مصطفيٰ شاهه جي ڪوشش سان 15-16 کان پوءِ ڊاڪٽر عالماڻي مون کي پرائيويٽ ڪمري ۾ رکيو. جتي منهنجي نگرانيءَ لاءِ صرف هڪڙو سپاهي رکيو ويو. هتي سڀ دوست مائٽ مٽ ملڻ لاءِ پيا ايندا هئا. پرائيويٽ ڪمري ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن خط آيو.

* * *

منهنجا منٺرا ۽ پيارا سرتاج
جتي هجين خوش هجين!

احوال ته اوهان جو خط مليو. پڙهي اندر جي آڳ تي ڪجهه مڙوئي ڇندو پيو. اوهان جي ناچاقائيءَ جو ٻڌي ڏک ٿيو. جنهن جو اظهار ڪرڻ ته هت مشڪل آهي. ڏٽيءَ در سوال آهي ته رب پاڪ توهان کي صحت ڏئي ۽ زندگي بخشي. پيو ته ڏک سک زندگيءَ ۾ ايندا رهندا آهن، مون ۾ ڪافي همت آهي. آخر توهان جي گهر واري آهيان ضرور همت هوندم.

منٺرا. آءٌ توکان ڪانهان ناراض. تون رنج نه تي دل مان وهم گمان ڪڍي ڇڏ. خط توهان ڏي لکندي رهنديس. پر ماٺهو متان رنج ٿين تنهن ڪري خط دير سان تي لکان. اڳ ۾ ادا عطا محمد جي ائڊريس تي ادا عاشق جن ڏي ڏياري موڪليو هيم. جو توهان کي مليو. پيارا هو حقيقتن جو خط هو. پر خير مون کي توڏي ڏسٹو آهي.

مون کي بين سان ڪوبہ واسطو ناهي. منڙي جي ڪري زندگي گذارڻي آهي سو گذاريندس. حقيقت ۾ آءٌ ڏکن سورن وارو توڏي خط ڪونہ ٿي لکان. چو جو تون اڳئي بيوس آهين. ڪهڙا ڏوراپا لکان. تنهن ڪري تون بين ڏي خط لک تہ ڪو مون ڪان رشي ڪاوڙ جي ويئي آهي. خدا جو قسم آءٌ پنهنجي منڙي ڪان قيامت تائين ناراض ڪانہ ٿيندس. هيءَ فاني دنيا آهي. جنهن مان هرڪنهن کي لڏي وڃڻو آهي. ضرور ويندو. پر وڇوڙو شال ائين ڪنهن جو نہ ٿئي. رب سائين اسان جي ميلاپ ضرور ڪرائيندو. هيءُ خط ضرور اوهان کي ملي ويندو. منو هاڻ تہ ڪل، ٿهڪڙا ڏي، خوش ٿي، اڪيون ڪٽي هن طرف نهارجانءِ جيئن منهنجي اک ڦڙي تہ آءٌ محسوس ڪريان تہ منهنجو منڙو مون ڪان ناراض نہ آهي. ادي تنوير جو خط آيو آهي. سو بہ هن خط ۾ بيان موڪليان ٿي. جاني، هاڻي تہ راضي آهين نہ! توکي ڪپڙن جي ضرورت هوندي هاڻ جيڪو بہ آيو تنهن جي هٿان ڏياري موڪليندس. خدا توهان جي هر مصيبت آسان ڪري. امڙ جا سلام قبول پون. هت هر ڏينهن تنهنجو انتظار آهي. سلام سيني جا قبول ڪندا.

چڱو هاڻي ڏٽي نگهبان
فقط اوهان جي (ر.ش)

* * *

دادو
شاهاڻي پاڙو

پياري ادي (ر. ش. جيئي سنڌ) پيڻ سوچيو تہ گهڻو اڳ هيم تہ توڏي خط لکان پر ڪا ائڊريس نہ هيم. سو پهرين لکيم پيڻ شاهين کي، جنهن ڪان ائڊريس وني تو ڏانهن لکي رهي آهيان:

پينڙي گهڻي ڳڻتي هيم تنهنجي تہ ٿي سگهي ٿو تہ پريشان هجين پر پوءِ سوچيم تہ نہ. تو جهڙي پڙهيل ڳڙهيل ۽ سلجهيل ڇوڪري ايتري پريشان نہ ٿي ٿي سگهي چاڪاڻ تہ ڪيس چڱيءَ ريت ڄاڻ آهي. تہ اهي تڪليفون ۽ دشواريون ڏسڻ ڪان پوءِ ئي پاڻ کي ماڳ ملي سگهندو. ادي مون کي پڪ آهي نہ تون ادا عزيز ۽ سڪندر جي مائرن لاءِ آٿت بڻي هوندئينءَ. ڪين سمجهائيندي هوندينءَ تہ جيل

ٻڌايان، ڪنهن سان حال اوريان، دل ۾ خيال آيو تہ هيڪر پنهنجو حال ڪڪرن کي ٻڌايان، ٻڌائڻ لڳس تہ ڪڪرن بہ روئي بوندون وسائڻ شروع ڪيون. چنڊ کي دانهن ڏنم تہ هن بہ پنهنجو داغ ڏيکاريو مطلب تہ پنهنجا سور پئي پٽيا، سج سان سور سليان ٿو تہ اهو بہ ڳاڙهو لال ٿي وري مون تي گرم ٿيو وڃي. جي هوائن کي ٻڌايان ٿو تہ اهي ڏڄي سڪڙجي سرد ٿيون وڃن، گلاب جي گلن سان حال اوريان ٿو تہ اهي تعجب ۽ حيرت مان پيلا ٿيو وڃن. پهاڙن کي ٻڌايان ٿو تہ اهي حيا شرم کان برف سان پاڻ کي ڍڪيو ڇڏين، رات کي حال اوريان ٿو تہ وڌيڪ خطرناڪ ٿي منهنجي ننڍڙي دل کي ڏيڄاري، هيسايو ڇڏي. هر شيءِ کي حال ٻڌايم تہ مون سان ساٿ ڏيڻ کان انڪار ڪيائون تہ تون قيدي آهين. مريض آهين، توسان ڪهڙو ساٿ ڏيون. انهيءَ مجبوريءَ ۽ بيوسيءَ واري حالت ۾ جڏهن تنهنجو خط پهتو تہ دل جون هڙئي مونجهون دور ٿي ويون. اڄ دل ڏاڍي خوش ٿي، گد گد ٿي رقص ڪرڻ لڳي دل کي ڏاڍو قرار اچي ويو. جو تو پنهنجو ٿائيم ڪڍي، مون کي ياد ڪيو آهي. اميد تہ آئينده لاءِ بہ يادگيري ڪندينءَ!

”پيڻ تنوير“ جو خط پڙهيم. سندس مهرباني جو پرپٺ اسان لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪيو اٿن ۽ ان کان علاوه توکي دلداري پڻ ڏني اٿس. سندس لک تورا لک لائق! پلا پيڻ آهي، پاءُ جي لاءِ ضرور مدد ڪندي. مون کي سندس دعائن جي ضرورت آهي، ڇو جو سندس دعائون مون کي زندگيءَ جو ساٿ ڏينديون.

بيو سڀ خير آهي، فڪر ۽ ڳڻتي ڪرڻ جي ڪابہ ڳالهہ نہ اهي. تون دلگير نہ ٿي، انشاءَ الله ڏک دور ٿي ويندا سکن جو سج ضرور اڀرندو.

سلام سيني کي چئج، امڙ کي پيرن تي هٿ، ڪيس آئت ڏيندي رهجانءِ تہ ڪنهن چوريءَ يا ڌاڙي ۾ ڪونہ ويو آ، سٺي ڪم جي لاءِ ويو آهي. ”بهرحال ويندا لڙ لهي اکيون ٿينديون اکين جهڙيون..!

چڱو الله تنهنجو نگهبان

فقط تنهنجو پنهنجو

عزيز (قيدي)

نوٽ:
ٻئي ڏينهن پيڻ شاهين ميمڻ جو خط پهتو. خط جو نقل هيٺ ڏجي ٿو.

نواب شاهه
1973

سورهيه ڀاءُ عزيز پنگوار

السلام عليڪم

اوهان جو خط اڄ 11 وڳي ڏاري مليو، روز انتظار ڪندي هيس ته ڪڏهن ٿو خط اچي. بهرحال توهان جو خط پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي ته اڃا منهنجو ڀاءُ ثابت قدم آهي. اسين سنڌي غيور آهيون ۽ ڪنهن جي به آڏو گوڏا ڪونه ٽيڪيندا آهيون. انهيءَ لاءِ سنڌ جي تاريخ شاهد آهي. تنهن ڪري مون کي توڪان اهائي اميد وابسته آهي. مون کي خوشي آهي ته مان هڪ سورهيه بهادر ۽ ثابت قدم ڀاءُ جي ڀيڻ آهيان.

هڪ ڀيڻ جي حيثيت ۾ اڪثر سوچيندي آهيان ته تنهنجو مستقبل آخر ڇا ٿيندو؟ ادل گورنمينٽ ڪاليج نواب شاهه ۾ ليڪچرار جي نوڪري ملي آهي. سوچيان ٿي ته پي- ايڇ- ڊي ڪرڻ وري يونيورسٽي وڃان. پر اها به ڪوشش اٿم ته مقصد به پورو ڪيان يعني پڳهار به مون کي پئي ملي هو هن هفتي حيدرآباد وڃڻي آهيان ته جيئن وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهان. ته مون کي ان لاءِ ڇا ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن مون کي پي- ايڇ- ڊي ڪرڻ جي اجازت ملي ويئي ته پوءِ ڀيڻ ر- ش کي پاڻ وٽ حيدرآباد ۾ رهائيندس ته جيئن هوءَ به پنهنجي تعليم مڪمل ڪري سگهي. مون کي اميد آهي ته توهان کي ڪو اعتراض ڪونه ٿيندو.

مون ٻڌو هو ته.توهان جيل ۾ دل شڪسته ٿي پيا آهيو ۽ بيو ته بيماريءَ جي صورت ۾ توهان ۾ وري اها طاقت به ڪانه رهي آهي. بهرحال توهان کي خدا تعالي جلد صحتياب ڪندو. منهنجون دعائون توهان سان گڏ آهن. سلام سيني قيدين کي چوندا. مهرباني

وڌيڪ خير
فقط اوهان جي ادي
”شاهين“

اج به دستور موجب دوست اخبار وني ڏئي ويا آهن ته جيئن ملڪي حالتن جي پوري پوري ڄاڻ پئي ملي. پنهنجي دوستن يعني شاگردن جي بيانن ۽ جلسن جلوسن جي خبر به اخبار جي ذريعي ملي رهي آهي. اخبار جي اندرئين صفحي تي هڪ شاگرد احمد خان جماليءَ جو خط پڙهيم ۽ ٻي خبر پهرين صفحي تي لکيل آهي. ٻيو خط ۽ خبر هن ريت آهن:

## شاگرد احمد خان جمالي جو جيل مان خط

.آئون احمد خان جمالي شاگرد انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو. اوهان کي (ايڊيٽر) گذارش ٿو ڪريان ته سنڌ يونيورسٽي ڪنووڪيشن واري هنگامي جي سلسلي ۾ مون کي ٽن سالن لاءِ لاڪاليج مان خارج ڪيو ويو آهي ۽ ان بعد گرفتار به ڪيو ويو. ليڪن جناب اعليٰ:

اسان جي ڪاليج جي استادن ٻئي اسٽاف ۽ اتي موجود شاگردن کان اوهان تحقيقات ڪرائي پڇندا ته آءٌ ان ڪنووڪيشن واري ڏينهن اتي موجود ئي ڪونه هيس جنهن جي شاهدي اسان جي ڪاليج جا ڪافي استاد پڻ ڏيڻ لاءِ تيار آهن. اُن کان علاوه آءٌ ڪافي عرصي کان عملي سياست کان بلڪل پري رهيو آهيان. هيءُ منهنجو ڪاليج ۾ آخري سال آهي آءٌ پنهنجي تعليم امن امان سان مڪمل ڪرڻ چاهيان ٿو. منهنجي چال چلت ۽ اخلاقي رويي جي شاهدي ڪاليج جا استاد ئي ڏيندا. مون ڪڏهن به غنڊا گردي ۽ جهيڙي فساد ۾ حصو نه ورتو آهي ۽ نه وري پسند ڪريان ٿو. ان هوندي به منهنجي خلاف سخت ڪاروائي ڪئي ويئي آهي. جنهن ڪري آءٌ ۽ منهنجا والدين سخت پريشان آهيون. ان ڪري خدارا مون سان انصاف ڪري مون کي آزاد ڪندا ۽ منهنجي خارج ڪرڻ واري فيصلي تي ٻيهر نظرثاني ڪندا ته آءٌ پنهنجي تعليم جو آخري سال به ڪري وڃان.

احمد خان جمالي شاگرد قيدي

حيدرآباد (سينٽرل جيل).

❄

ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي. اسان جي وڪيل ٻه اسان جي ضمانت لاءِ درخواست فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جي ڪورٽ سڳوريءَ ۾ پيش ڪئي (ڪيس ٽربيونل ۾ هلندڙ هو) ليڪن ڪورٽ سڳوريءَ اسان جي درخواست رد ڪئي. اها خبر اسان کي اخبار جي ذريعي پئي.

## "وساڻ ۽ ٻنگوار جي ضمانت رد"

حيدرآباد 29 (اسٽاف رپورٽر)

معلوم ٿيو آهي ته اڄ ڪوٽڙي جي فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ شاگرد اڳواڻن اسماعيل وساڻ، عزيز ٻنگوار ۽ سڪندر ٻنگوار جي ضمانت جي درخواست رد ڪري ڇڏي آهي. ياد رهي ته هنن تي سنڌ يونيورسٽي واري ڪنووڪيشن جي موقعي تي سپاهيءَ کي قتل ڪرڻ جو الزام آهي اهو الزام فرسٽ رپورٽ ۾ داخل ٿيل آهي.

* * *

ان کان پوءِ اسان جي طرفان سيشن ڪورٽ ۾ ضمانت لاءِ درخواست ڏني ويئي پر هن ڪورٽ به ضمانت جي درخواست رد ڪري ڇڏي. تنهنڪري سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ضمانت لاءِ درخواست ڏنيسين. پر هاءِ ڪورٽ سڳوري به اسان جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي.

اسان جيل ۾ هياسين ته هڪڙيءَ رات جو بي ڪلاس ۾ پوليس سپرينٽينڊنٽ ۽ ٻيا ڪجهه اوپرا ماڻهو آيا. جيڪي سڀ جا سڀ سول ڊريس ۾ هئا پوليس سپرينٽينڊنٽ اسان جو هنن سان تعارف ڪرايو ۽ پوءِ همدردانه طور پڇيائين ته "بابا تڪليف ته اوهان کي نه آهي؟" اسان انڪار ڪيو ۽ چيوسين ته "سڀ نيڪ آهي ڪا به تڪليف ڪانهي؟"!

ٻئي ڏينهن جيل سپرينٽيڊنٽ نور الاهي شيخ آيو چي "بابا اوهان لاءِ ٻاهر وڃڻ کان هت رهڻ وڌيڪ نيڪ آهي. ٻاهر ڇا رکيو آهي! اوهان کي ڪنهن به شيءِ جي ته ڪا ضرورت ڪانه آهي؟! اسان سندس معني خيز ڳالهه نه سمجهندي، سندس چهرو پڙهي ورتوسين جنهن مان همدردي ظاهر هئي.

ڪان به پيو پاسو ڪندو هو. ڇو ته ” N اسان جي نظرياتي مخالف هوندي هئي ۽ سندس همدرديون سپاف سان هونديون هيون. ڪنوڪيشن جي هنگامي ڪان پوءِ هوءَ سڪندر سان بلڪل (نظرياتي طرح) ڪاوڙيل هئي. سڪندر ڪيس جيل مان روز پيو خط لکندو هو. پر افسوس جو سندس خطن جو آخر تائين ڪوبه جواب ڪونه آيو هو. اڄ به پنهنجي منهن سوچيندي سوچيندي آخر لاشعوري طرح سندس زبان مان هڪ درديلي ڪلام جا ٻول نڪري ويا. تڏهن شوڪارو پري ڪجهه پٽڪيو پوءِ ته وساڻ کي ڪجهه ملي ويو. ڪيس ڏاڍو چيڙاياڻين مان ڪلندو رهيس اسماعيل وساڻ کلائيندو رهيو. رات جو گهڻي دير ڪان پوءِ ننڊ آئي.

اسان اڃا ستا ئي پيا هئاسين ته صبح جو آغا صاحب جيلر آيو! ته ”باهر پوليس اوهان جي گرفتاري لاءِ بيٺي آهي“! اهو ٻڌي اسان جا لڱ ئي وسامي ويا. هرڪو هڪٻئي ڏانهن ڏاڍي معصوميت سان نهاري رهيو هو. ڇو ته سڄي رات آزاديءَ جي تصور ۾ سوچيندا ئي رهيا هئاسين. پر اسان جا خيالي واريءَ جا گهرڙا ڍهي چڪا هئا مطلب ته ڏاڍو افسوس ٿيو. مجبورا اسان کي نماڻو ٿي ويهڻو پيو. اها خبر جڏهن انور نظاماڻي کي پئي ته هو خوشيءَ مان ڊوڙندو آيو ڪلندو مٽڪي جهڙو پيٽ لوڏيندو، ٻانهون هڻندو اچي اسان وٽ رسيو ۽ مبارڪون ڏيڻ لڳو ته وري به شڪر ٿيو جو گڏ ٿياسين. اسان هن ڏانهن نهايت حقارت مان نهاريو. نظاماڻي ويچارو وڌيڪ ڪجهه نه سگهيو.!

سپريم ڪورٽ جڏهن اسان جي عارضي ضمانت منظور ڪئي. پر اڃا باقائدي ڪنفرم ڪونه ٿي هئي. حڪومت طرفان اسان کي ٽن مهينن لاءِ نظربند ڪيو ويو. اسان نظربنديءَ جي خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ داخل ڪئي. مگر اسان کي سينٽرل جيل حيدرآباد مان ٽن مهينن لاءِ (Detain) نظربنديءَ ۾ ڪراچيءَ سينٽرل جيل آندو ويو، جتي سڀ ڪان پهريان اسان جي ملاقات ڊپٽي سپرنٽيڊنٽ جيل دراني، سان ٿي. هن اسان جي گرفتاري جا (Allegations) الزام پڙهيا. (دراني هن ڪان اڳ نوابشاهه ڊسٽرڪٽ جيل تي ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ هو. تن ڏينهن ۾ هڪڙي شاگرد دوست شعبان پنيءَ کي گرفتار ڪري جڏهن

ڊسٽرڪٽ جيل آندو ويو. تڏهن ڪيس پٽين ڪي پوڇي هٽڻ جو حڪم ڊرانيءَ ڏنو هو. اسان ان حڪم خلاف اخبارن ۾ بيان ڏنا هئا) اسان جا نالا پڙهي چيائين ته "معتبرؤ! نيٺ اوهين به منهنجي ور چڙهي ويؤ نه! گهٽا ڏينهن اوهان ڪئي هئي. اهو ٻڌي اسان کي گذريل بيان واري ڪارروائي ياد آئي ۽ گهڙي ڪن لاءِ لڳ ڪاندارجي ويا. پوءِ اسان کي جيل جي حوالي ڪيو ويو.

قدرت خدا جي اهي ساڳيا ماڻهو چام صادق علي جا ستايل ۽ قاسايل اڳئي ڪراچي جيل ۾ موجود هئا. ڊاڪٽر اعزاز نظير مزدور ليبر ۽ تحريڪ استقلال جو محفوظ ياز خان به اتي قيد ٿيل هئا.

اسان اتي ڪراچي سينٽرل جيل ۾ سي ڪلاس بارڪ نمبر 16 ۾ رهڻ لڳاسون. چند ڏينهن ڪان پوءِ انور نظاماڻيءَ کي به ڪراچي جيل آندو ويو. ڇو جو هن به پنهنجي نظربنديءَ خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ داخل ڪئي هئي. هاءِ ڪورٽ سندس درخواست منظور ڪئي. نظاماڻي جي پهچڻ سان غم ڪجهه خوشيءَ ۾ تبديل ٿي ويو. نظاماڻيءَ سميت سڀ گڏ رهندا هئاسون. هتي اڳي کان به وڌيڪ قرب سان گذاريوسين. اڄ به ياد آهن وريام ڏاهريءَ جا پر سوز ڳاتل گيت، جيڪي تصور ۾ اڄا ڪنن ۾ پرن پيا. واه واه زندگيءَ پر ياد رهندا. وريام جو ڳاتل هيءُ ڪلام جيڪو هو گهڙي تي ڳائيندو هو

پرڇن شال پنهوار ڍولا مارو مون سان

ته مدهوشيءَ ڇانئجي ويندي هئي.

اڄ به ياد اٿم، هاءِ ڪورٽ ۾ جڏهن پيشيءَ جو ڏينهن آيو. اسين پوليس پارٽيءَ سان گڏ جيل کان ٻاهر نڪتاسين. ٻاهريون منظر ڏسي اسان کي دهشت وٺي ويئي. ڇو جو چار پنج پوليس جون گاڏيون، وڏن عملدارن جي موجودگيءَ ۾ وائرليس سان ليس ٿيل، سپاهي رائيفلن جي سان تيار لڳا بيٺا هئا. شينهن جهڙي مڙس کي ڏسي ششدر ٿي وياسين، هو قيمص شلوار ۾ ملبوس هو. اڇي سونهاري، اکين مان باهه جا شعلا ٿي نڪتس. بلڪل اکيون ڳاڙهن ٻيرن وانگر رنگ رتول هيس. مٿي تي وڏو پٽڪو هيس، جيڪو هڪ بنهه نرالي انداز ۾ جيئن مري ٻروچ ٻڌندا آهن) انهيءَ پٽڪي جو پلاند سندس سيني تي منهن کان هيٺ جهالر ڪري بيٺو هو. سو

سندس ڇاتيءَ تي رقص ڪري رهيو هو بعد ۾ خبر پئي ته هيءَ بلوچستان جو جو ليڊر شيروف هو.!

اسان پاڻ کي (هن جي مقابلي ۾) قابل نه سمجهيو ۽ احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا ٿي هڪا ٻڪا ٿي ويناسين. هاڻي اسان کي هن وڏي پوليس اٿالي جي موجود هئڻ جو مقصد سمجهه ۾ اچي ويو. هن مانجهي مڙس اسان سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. سندس آواز ۾ ڏاڍو رعب هو بلڪل ائين جيئن شينهن جي گجگوڙ هئي. جناب شير محمد مري عرف جنرل شيروف اسان کان پڇيو ته "ڪهڙي ڏوهه ۾ قاتل آهيو ۽ آهيو ڪير؟ اتي سڪندر ينگوار سرهو ٿي ڳالهايو ته "اسين ڪنووڪيشن ۾ حفيظ پيرزادي کي چماٽ هڻڻ واري الزام هيٺ قاتل آهيون، هن سڪندر کان اسان جا نالا پڇيا، اسان ڪيس پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ پوءِ موٽ ۾ ڪائنس سندس اسم شريف پڇيوسين. ته پهه وراڻيائين ته "مون کي شير محمد مري عرف جنرل شيروف سڏيندا آهن" اسان کان هيڪر ڇرڪ نڪري ويو ۽ سوچڻ لڳاسين ته هڪڙي شينهن کي ڪيئن نه اچي گدڙن ورايو آهي. افسوس..!. ڪچهري ڪندي ٻڌايائين ته "اوهان شاگردن ۾ ڪجهه نه ڪجهه سجاڳي آهي. باقي حيف آهي انهن سنڌين کي جيڪي حڪومت ۾ رهندي به سنڌي سڏائين ٿا ۽ سنڌين جي لاءِ ڪجهه به نه ٿا ڪن. جيڪڏهن ڪين همت ۽ ذرا غيرت هجي ها ته گهٽا سال اڳ هو پنهنجا حق وٺي ڇڏين ها."!

هن شينهن تي پاڪستان جي خلاف غداريءَ جو الزام هو. سندس خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس هلي رهيو هو. ڪچهريءَ ۾ خبر ئي نه پئجي سگهي جو پوليس گاڏي اچي هاءِ ڪورٽ وٽ بيني، گاڏيءَ جو دروازو کوليو ويو. اسان کي گاردن پاڻ سان گڏ وٺي عدالت ڏانهن روانو ٿيو. ۽ جنرل شيرؤف کي سنگينن جي پهري ۾ گدڙن اچي ڪورٽ پهچايو.

اسان اجان عدالتي سڏ جي انتظار ۾ هئاسين ته بابا سائين به اچي ويو. اسين ٽئي ڄڻا (اسماعيل، سڪندر ۽ آءٌ) ساڻس ملياسين. بابا حال احوال ورتو. پوءِ پاڻ احوال ڏيندي چيائين ته "پوليس اسان کي روز پئي ٿي تنگ ڪري، اسين هاڻي بلڪل بيزار ٿي پيا آهيون.

هاڻي جي منهنجو پٽ آهين تہ معافي لکي ڏي...! مون ۾ هاڻي وڌيڪ تڪليف برداشت ڪرڻ جي سگهہ ڪانہ رهي آهي. آئون ڏاڍو مجبور ٿي پيو آهيان، هان.... هي معافي نامون لکيل اٿئي، هن تي رڳو صحيح ڪر...!

اهو ٻڌي منهنجيون هينيون هيٺ مٿيون مٿي ٿي ويون، اکين آڏو اوندهہ اچي ويئي، پاڻ کي ٻن باهين جي وچ ۾ محسوس ڪيم، هڪ طرف سڄي فيڊريشن ۽ سنڌ جي عظمت جو سوال هو، دوستن جو مون تي ناز هو ۽ ان کان سواءِ سنڌي شاگردن جي (اسان جي گرفتاريءَ کان وٺي اڄ تائين) جدوجهد هئي.

ٻئي طرف اها هستي هئي، جنهن کي ڪعبو قبلو چيو ويندو آهي، جنهن منهنجي سٺي نموني تربيت ڪئي هئي...!

مون پيو طرف وڌيڪ ڳورو سمجهيو ۽ ڏڪندڙ هٿن سان معافي وٺندي صحيح ڪيم (اهو معافي نامون والد صاحب، ممتاز پٽي جي پوليٽيڪل سيڪريٽري مسعود نورانيءَ کي ڏنو. ليڪن افسوس جو ڪوبہ ڪڙنيل ڪونہ نڪتو...!)

آءٌ اجا عدالتي سڏ جي انتظار ۾ هيس تہ ايتري ۾ فرسٽ فلور تي هڪ پٺاڻ پوليس آفيسر آيو. ڪورٽ جي نائڪ کان پڇيائين تہ "ڪنووڪيشن واري ڪيس ۾ گهربل جوابدار ڪهڙا آهن؟" نائڪ اسان ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌايس تہ اهي آهن. ڪراچيءَ جا شاگرد دوست آيا هئا، تن چانهہ وغيره گهرائي. اسان ان پوليس واري کي سڏ ڪيو تہ ٻهريان چانهہ پيو پوءِ جيئن هوندو تيئن ٿيندو. اسان ڪنووڪيشن واري ڪيس ۾ آيا آهيون اوهان ٻي ڏڙڪ تي ويهو. اسين ڀڄڻ وارا ناهيون اطمينان ڪريو."

بهرحال ٽي مهينا، اسين نظر بنديءَ جي سزا خلاف داخل ڪيل رٽ جي مطابق هاءِ ڪورٽ ۾ شنواين تي ايندا رهياسين. وقت تيزيءَ سان گذرندو رهيو. ٽن مهينن جي حاضري هفتي ۾ هاءِ ڪورٽ فتويٰ ڏني تہ:

"هنن کي هلندڙ ڪيس مان ڪورٽ سڳوري آزاد ٿي ڪري" اهڙو ليٽر جيل اختياريءَ وارن کي مليو جنهن ۾ لکيل هو تہ:

”جيڪڏهن ٻئي ڪنهن به ڪيس ۾ گهربل نه آهن ته ڪين آزاد ڪيو وڃي.“

جيل ڪان ٻاهر مائٽ مٽ ۽ دوست وٺڻ آيا اندر سڀني قيدين ڪان موڪلائي ٻاهر ايندي سوچڻ لڳائين ته وري به اسان کي گرفتار ڪيو ويندو. جو ته اڳيون مثال به اسان جي سامهون هو. خيرن سان جيئن ٻاهر نڪتاسين ته واقعي اسان وارو اندازو صحيح ثابت ٿيو. يعني پوليس جو وڏو اٽالو اسان جي گرفتاريءَ لاءِ ٻاهر بيٺل هو. يڪدم اسان کي پوليس جي گهيري ۾ آندو ويو. ٻي معنيٰ ۾ گرفتار ڪيو ويو. هوڏانهن سڀني آيل مٽن مائٽن جي دل ۾ ملڻ جي حسرت رهجي ويئي..!

اسان کي سينٽرل جيل ڪراچي ڪان گرفتار ڪري سڌو ”نيو ٽائون ٿاڻي“ تي آندو ويو. ٽي چار ڪلاڪ اتي اسان کي بند ڪري وري ”ڪلفٽن ٿاڻي“ تي وٺي آيا. هتي اسان کي پنهنجون زندگيون غير محفوظ محسوس ٿيڻ لڳيون. جو جو ان وقت اهڙا واقعا ٻڌڻ ۾ آيا هئا مثال:

(الف) پير صاحب پاڳاري جا 6- حر (جيڪي قيدي هئا تن کي رات جو وٺن سان ٻڌي، رائيفلن جي گولين سان، سندس سينا پرڻ ڪري ڪين شهيد ڪيو ويو) ڌاڙيل ڏيکاري ماريا ويا.

(ب) سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اشوڪ ڪمار، علي مردان شاهه ۽ ڪيڙو نوجوان به حڪومت جي اشاري تي شهيد ڪيا ويا.

اڳ ۾ ٻڌائي آيو آهيان ته سنڌي شاگردن جي جدوجهد نيٺ حڪومت کي مجبور ڪري ڇڏيو هو. ان وقت مسعود نوراني، ممتاز پٺي جو پوليٽيڪل سيڪريٽري هو. هنن شاگردن جي طاقت کي ختم ڪرائڻ لاءِ شاگردن کي پاڻ ۾ ويڙهايو. يوسف جکراڻي ظاهر ۾ جيئي سنڌ جو هو پر اندروني طرح ممتاز پٺي جو خريد ڪيل گڏو هو. تنهن حڪومت جي اشاري تي يونيورسٽي ۾ جهيڙا ڪرڻ شروع ڪيا.

پير منور گروپ ۽ يوسف جکراڻي وارن هڪٻئي جي حمايتي شاگردن کي گولين هٽي ڏڪيندا رهيا. انهن جهيڙن ۾ علي مراد شاهه ۽ ڪيڙو (ٻئي سنڌي شاگرد) شهيد ٿي ويا. شهيد ٿيندڙ شاگرد جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن سان واسطو رکندڙ هئا تنهنڪري

هاڻي جيئي سنڌ ۾ سپاف جو ٽڪر شروع ٿي چڪو هو. سيني شاگردن کي ڏاڍو ڏک ٿيو جو سنڌي سنڌي کي پيا ماريندا هئا پر اصل دشمنن کي ڪير به ڪونه چوندو هو. مطلب ته پنهنجي تباهي پاڻ پيا ڪندا هئا. انهيءَ چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ ڪونه ٿيندو ته سنڌي شاگردن جي طاقت کي (غدارن) ڪچلي ڇڏڻ ۾ پنهنجي وسان ڪين گهٽايو، يعني پاڻ کي پاڻ جي هٿان مارايو ويو.

علي مردان شاهه ۾ ڪيڙي (شهيد ٿيل شاگردن جي ڏوهه ۾) واري ڪيس ۾ سڪندر ڏهراج کي گرفتار ڪري ڄامشورو ٿاڻي تي آندو ويو. انهن ساڳين ڏينهن ۾ اشوڪ ڪمار جي فرار ٿيڻ جي ڳالهه عام ٿي ويئي جنهن جي اصل حقيقت جي صحيح معني ۾ خبر پئجي نه سگهي. سڪندر ڏهراج، ان ڪيس ۾ آزاد ٿي ويو. هڪ ڏينهن اسان جي ملاقات لاءِ سينٽرل جيل آيو. ڪائنس اشوڪ ڪمار جي واقعي جي خبر پڇي سون تنهن ٻڌايو ته:

اشوڪ ڪمار تي هڪ ٽرانسميشن ٿاهڻ جو ڪيس ٺاهيو ويو هو. انهيءَ الزام ۾ ڪيس به ڄامشورو جيل ۾ قيد ڪيو ويو. آءٌ به اتي جيل ۾ هيس. پر ٻي بارڪ ۾. جتي اشوڪ جي ملاقات بلڪل بند هوندي هئي. پر منهنجي ملاقات آزادانه نموني ٿيندي هئي. مون کي بارڪ مان ٻاهر نڪري چڪر ڏيڻ جي به اجازت هوندي هئي. هڪ ڏينهن اهڙي موقعي ملندي مون لوهي شيخن جي پويان ويٺل اشوڪ کان پڇيو ته "اشوڪ ڪيئن آهين...!" هن غريب جا صرف چپ چريا "ڳلن تان ڳوڙها ڳڙڻ لڳس. هڪ اڳئي سنهڙو هو ويتر ٻکن ۾ سڪي پڃرو بنجي چڪو هو. ڪجهه پڇڪيو، جيڪو سمجهي ڪونه سگهيس، شايد اهو چئي رهيو هو ته "منهنجو ڏوهه اهو آهي ته آءٌ سنڌي آهيان...!" پوءِ آءٌ موٽي اچي پنهنجي بارڪ ۾ ويٺس.

هوڏانهن انهيءَ ڳالهه جو بيو پاسو يونيورسٽيءَ ۾ اشوڪ جو ظاهري ڏوهه اهو چيو ٿي ويو ته روشن پنهور (جيڪو ان وقت سپاف جو چيئرمن هو) جي پاڻ ۾ اشوڪ جي وچ ۾ ٻاهرين ملڪن جي طرفان اسڪالرشپ وٺڻ جو مسئلو هو. روشن پنهور جي پاڻ کان اشوڪ تمام گهڻو هوشيار هو. جنهن ڪري هيءُ اسڪالر شپ جو حقدار هو.

ٿورن ڏينهن ۾ اهو پڌڻ ۾ آيو ته اشوڪ ڪمار کي ممتاز علي ڀٽي، روشن پنهور جي چوڻ تي بک وگهي مارائي، ٺٽي ضلعي جو هڪ صوبيدار هو تنهن جي هٿان، سنڌوءَ ۾ لوڙهائي ڇڏيو. پر پوليس طرفان اهو اعلان ڪيو ويو ته ”اشوڪ ڪمار جيل مان فرار ٿي ويو آهي.“ مطلب ته اسڪالر شپ کان محروم رکڻ لاءِ ڪيس زندگيءَ کان محروم ڪيو ويو...!

اڄ به اشوڪ ڪمار جي جيجل امڙ جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته درجي ڪڙڪائڻ تي چرڪ ڀري اٿي ڊوڙندي در وٽ پهچندي آهي ۽ بي اختيار وڏي واڪي رڙ ڪري چوندي آهي ته ”پٽ، اشوڪ اچي وئين“ جواب نه ملڻ تي در وٽ ويهي ڀڳوان کي ٻاڏائي چوندي آهي ته ”ڀڳوان سنڌي سڏائڻ ڏوهه آهي؟“ پوءِ زارو قطار روئي چوندي آهي ته پٽ، ماءُ جيجل کان چو ڪاوڙيو آن پٽ اچ، جلدي اچ.

هي سٽون جڏهن آءُ لکان ٿو ته دل ۾ درد پيدا ٿو ٿئي ته ڪيتريون اهڙيون مائرون هونديون، جيڪي اڄا تائين پنهنجي ٻچن جي اچڻ جي آس اندر ۾ سانديون وينيون هونديون..!“

حالانڪ اشوڪ ڪمار (شهيد) جي باري ۾ حڪومت جو اهو اعلان ته هو فرار ٿي ويو آهي. اهو اعلان پاڻ کي بچائڻ لاءِ سوچيل سمجهيل منصوبو هو پر اشوڪ کي چيچلائي چيچلائي ماريو ويو. اڄ اشوڪ سنڌ واسين جي دلين تي آهي ۽ رهندو...!“

انهيءَ سڄي پس منظر کي سامهون رکي اسان به محسوس ڪيو ته اڄ اسين ختم ڪيا ويندا سون. ڪلفٽن ٿاڻي کان پوءِ اسان کي آرٽلري ٿاڻي تي آندو ويو. اهو وقت رات جو 12- وڳين جو هو. ٿاڻي تي اهو ساڳيو ئي صوبيدار هو (جنهن کي اسان هاءِ ڪورٽ ۾ چانهه پياري هئي) هو اسان کي ڏسي اسان جي حال تي رحم ڪائڻ لڳو. سندس چهري مان همدردي ظاهر ٿي رهي هئي. دل ۾ ڪنهن اينڊڙ خيال کان ڪڏهن ڪڏهن چرڪي ٿي ويو. ڪلاڪن کان پوءِ الائي ڪنهن سان ٽيليفون تي ڳالهايو. هن رسيور ڪٽندي ”چيو ها، اهي ٺٽي جوابدار هتي مون وٽ آهن!“ پوءِ هن اسان کي چيو ته ”توهان هلو. آءٌ مجبور آهيان.“

پوليس وارن وٽ رائيفلن کان سواءِ هڪڙي هڪ نالي بندوق به هئي. هاڻ اسان کي رپئي جا 18- آنا وسي ويئي ته بس هاڻي اسان جي حياتي پوري ٿيڻ تي آهي. اها سڄي رات اسان خوف ۾ گذاري، ننڊ جو ته کو تصور ئي ڪونه هو. صبح جو اهو پٺاڻ صوبيدار ڪلندو آيو. اچڻ شرط مبارڪون ڏنائين. اسان حيرت مان پڇيو ته "سائين ڇا جيون مبارڪون؟" تنهن تي وراڻيائين ته "توهان تي ڊي- پي- آر تحت 49-42 جو ڪيس داخل ٿي ويو آهي." اسان ويتر حيرت مان پڇيو ته "سائين ڊي- پي- آر جو ڪيس ٿيو آهي ۽ اوهان وري مبارڪون پيا ڏيو...!

وري به سواءِ ٻئي ڪنهن جواب ڏيڻ جي چيائين ته "اي- مبارڪون هجنو جو حياتي...!

جڏهن وڏيڪ پريشان ٿياسين ته چوڻ لڳو ته ممتاز علي ڀٽي جي جاءِ تي سنڌ جو وڏو وزير جناب غلام مصطفيٰ خان جتوئي ٿيو آهي!"

ڪلفٽن ٺاڻي تان اسان کي ٻيهر ڪراچي سينٽرل جيل آندو ويو. هي اسان جا واقفڪار حر مجاهد اسان کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ڀاڪر پائي چميون ڏيڻ لڳا. اسان ڪانئن ايتري خوشيءَ جو سبب پڇيو ته هنن ٻڌايو ته "اسان کي جيل عملدارن کان خبر پئي هئي ته "حڪومت اوهان ٽنهي کي ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو." اسان سڄي رات قرآن شريف جي تلاوت ڪري رب پاڪ کي ٻاڏايو ته اوهان جي زندگي سلامت رکي. ڌڻي سائينءَ اسان جي دعا قبول ڪئي ۽ اوهان اڄ خيرن سان واپس اچي مليا آهيو!"

ٻي شنوائيءَ تي اسان کي ڊي- پي- آر ۾ لڳل قلم 49-42 ڪيسن جو ضامن ڪنيو ويو، ڪيس ۾ پيروي اسان جي وڪيل جناب عزيز الله شيخ ۽ مسٽر محمد ابراهيم صاحب جن ڪئي آزاد ڪرڻ جو آرڊر جيل اختياريءَ وارن وٽ ٻئي ٽئين ڏينهن تي پهتو.

اتي جيل ۾ هڪ پناهگير ڪلارڪ هو (جيل سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾) ان پنهنجو پاڻ ملهايو. چا ڪيائين جو اسان وارا ڪاغذ ٻين عام قيدين جي ڪاغذن سان گڏ رکي ڇڏيائين (هونءَ حقيقت ۾ حڪومت طرفان ڪنهن به سياسيءَ قيديءَ کي آزاد ڪرڻ جي منع ٿيل

هئي). جڏهن اهي ڪاغذ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جي ٽيبل تي پهتا تہ تڪڙ ۾ هو اسان وارن ڪاغذن تي بہ صحيح ڪري ويو.

هوڏانهن ان ڪلارڪ اسان کي نياپو موڪليو تہ توهان جي آزاديءَ جو آرڊر صحيح ٿي ويو آهي. تنهن ڪري تيار ٿي ويناسين تڏهن حقيقي اسمٽڻ حر مجاهدن) پڇيو تہ اسان ڪين قاسي تہ وٺي چيو تہ "(حر مجاهدن) پڇيو تہ اسان ڪين پاسي تي وٺي چيو تہ "ڳالهہ دل ۾ رکجو. اسين آزاد ٿي رهيا آهيون." ايتري ۾ اسان کي سڏ ٿيو. جڏهن اسين ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ مسٽر درانيءَ وٽ پهتاسون تہ اسان کي ڏسي رڙ ڪري چيائين تہ "ڇا توهان آزاد ٿيا آهيو ڇا.؟ اسان هائوڪار ڪئي. اتي هو ايڏو تہ وائڙو ٿي ويو جو اتي ويهي رهيو ۽ لڳو اسان کي منهن ۾ تڪڻ....!

پوءِ تہ هينيئن اسٽاف تي جيڪي چوهہ چندٽا هيس سي چنديائين پر هتان هاج نڪري وئي هيس سو ڇا ٿي ڪري سگهيو اسان کي اتي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڪلاڪ ويهاري ڇڏيو. 5- وڳين جا آيل مٿان-8 اچي ٿيا. ٻاهران دروازي تي منهنجو سؤٽ شهبيگ خان بيٺو هجي. سو بہ انتظار ۾ هيو. نڪي اسان جي هتان جند ڇٽي نڪي وري سؤٽ جو انتظار ڪٽي. اتي اسان کي ڪنهن صلاح ڏني تہ ڪجهہ ڳالهايو نہ تہ ڪونہ ڇڏيندو.! هاڻ اسان بہ اتي شور ڪيو. دروازي وٽ بيٺل سؤٽ شهبيگ خان کي چيم تہ "اسان کي بغير ڪنهن جواز جي روڪيو پيو وڃي. اسان پورا ٽي ڪلاڪ انتظار ڪيو آهي. توهان مهرباني ڪري وڪيل صاحب جناب عزيز الله شيخ ڏانهن وڃو. وڃي ڪيس اها سڄي حقيقت ٻڌايو.!"

ان ڏينهن وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽو، چام صادق علي جي دعوت تي ٽنڊي آدم آيو هو. دراني جتي ڪٿي ٽيليفون ڪري پڇيو پر ڪيس ڪوبہ وڏو آفيسر ڪونہ مليو. ڇو جو وزيراعظم جي منزل هئي. درانيءَ پيهر ٽيليفون ڪري هر ضلعي مان پڇا ڪئي تہ "هنن جي برخلاف ڪٿي وارنٽ تہ نہ آهن." پر ڪيس ڪٿان بہ خبر ڪانہ پئي. پوءِ مجبور ٿي جيل سپرنٽينڊنٽ کي ٽيليفون ڪري سڄي حقيقت ٻڌايائين ۽ اهو بہ ٻڌايائين تہ هنن جو هڪڙو ماڻهو وڪيل ڏي

۽ ويو آهي. جيل سپرنٽينڊنٽ چيو تہ ”پلا هاڻي چا ٿو ٿي سگهي! پوءِ دراني مس وچي اسان مان هٿ ڪڍيا.

اسان 11- مهينا سزا ڪاٽي آزاد ٿياسين. جيل مان ٻاهر نڪري جلدي جلدي دوستن سان گڏ اچي حيدرآباد پهتاسين. جتان چناب ايڪسپريس ۾ چڙهي نوابشاهہ پهتاسين.

# (8)

# 11 مهينا جيل ڪاٽڻ کان معذوريءَ تائين

سورن ڏينهن کان پوءِ سپريم ڪورٽ ڪراچي واري بينچ اسان مان، منهنجي ۽ سڪندر جي ضمانت پڪي (ڪنفرم= Conform) ڪئي. پر اسمائيل وساڻ جي ضمانت رد ڪئي. اسان کان پنج پنج هزارن جي شوئرٽي ورتي ويئي.

اسين شنوائيءَ تي ٽربيونل ۾ پيش ٿيڻ لاءِ حاضر ٿياسين. اسان کي وري ٻي تاريخ ملي. ٻاهر ڪورٽ کان نڪتاسين ته خبر پئي ته گرفتار ڪرڻ لاءِ پوليس بيٺي آهي. اسان ٻنهي (سڪندر ۽ منهنجي) ضمانت ٿيل هئي سو ڳالهه ٻڌي آڻ ٻڌي ڪري ٻاهر نڪتاسين. پر اسماعيل جي ڪا خبر پئجي ڪانه سگهي ته هو ڪيئن اتان نڪري ويو. اسان ڳوٺ پهتاسين. مون والد صاحب سان سچي حقيقت ڪئي ته پوليس وري گرفتار ڪرڻ لاءِ پئي سنون هٽي.

بابا، پاڙي جي مشهور زميندار حاجي امام علي انڙ کي گذارش ڪئي ته جيئن اوچتي گرفتاريءَ کان بچاءُ ڪيو وڃي. بابا سائين جي حاجي امام علي انڙ سان سٺي دعا سلام هئي. تن ڏينهن ۾ سنڌ جو وڏو وزير غلام مصطفيٰ خان جتوئي نواب شاهه ضلعي جي دؤري تي آيل هو. تنهن کي انڙ صاحب چيو. جتوئي صاحب وراڻيو ته ”جي عزيز اتي آهي ته گهراڻي مونسان ملايوس.“

مون جڏهن اها ڳالهه ٻڌي ته اعتبار ئي ڪونه پيو اچي. بابا، جو حڪم ته ”پٽ وڃ.“ بس پوءِ ته چڙ ڪڪڙ تي مينهن پئجي ويو. آءٌ سنبري تيار ٿي اٽپڌل سوالن جي جوابن بابت پاڻ کي ذهني طرح تيار ڪرڻ لڳس. انسپيڪشن بنگلي ۾ جتوئي صاحب ترسيل هو. مون

وجي سلام ورايو سيني جون نظرون مون ڏانهن کڄي ويون. آءٌ پنهنجي حقيقي خوف کي لڪائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهيو هوس. پر ان هوندي به منهنجو بت ڏڪي رهيو هو. اتي وينل هڪ ڊاڪٽر صاحب ٻڇيو ته ”ڇو ٿو ڏڪين“؟ مون جواب ۾ چيو ته ”سائين بخار اٿم.“!

جتوئي صاحب مرڪندي مون کي پنهنجي پرسان ويهڻ لاءِ چيو. ائين ڪٿي چئجي ته هو مون کي پنهنجي دام ۾ ڦاسائي رهيو هو. هن مون سان ڳالهائڻ شروع ڪيو (متي تي هٿ ڦيري) نرميءَ سان چيائون ته ”جي منهنجي مخالفت نه ڪرين ته جيل جي خطرن کان بچي پوندين.“ پنهنجي خلاف مخالفت نه ڪرڻ لاءِ آماده ڪندي مون کي چيائين ته ”پٽ! توهان منهنجي مخالفت نه ڪريو ته آءٌ توهان جون سڀ تڪليفون دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس!“

مون آڻ مڃي. ان ڏينهن کان وٺي پنهنجي بينل ڪردار کي وڃائي ڇڏيو. جتوئي صاحب جو جادو انهيءَ ڪري به مون تي وهي ويو هو جو منهنجي آڏو هينيون مسئلو ڪر ڪنيو بيٺو هو.

يعني اهو ڏينهن خالي نه هو جنهن ڏينهن پوليس نه اچي، وڏڙن کي تنگ نه ڪندي هجي. مطلب ته پوليس آزار اسان کان برداشت ڪرڻ کان ٻاهر ٿي ويو هو. ٻئي طرف سڄي سياسي وقار جو سوال هو. مائٽن جي خوشنوديءَ حاصل ڪرڻ خاطر مون پنهنجو سياسي ڪردار ضايع ڪرڻ مناسب سمجهيو اهڙي طرح اچ تائين پنهنجو سياسي مستقبل وڃائي ويهي رهيس. اهڙيءَ طرح جتوئي صاحب جي خاص خليفن ۾ شامل ٿي ويس ۽ ٻين کي به شامل ڪيم. انهن مان سڪندر ڀنگوار ۽ ديدار بلوچ سر فهرست آهن.

يونيورسٽيءَ مان ٽن سالن لاءِ ريسٽيڪيٽ ٿيل هوس. هاڻي اهو به آرڊر واپس ورتو ويو ۽ مون کي هڪ دفعو ٻيهر تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو. ان عرصي دوران مون ايم- اي پوليٽيڪل سائنس ۾ پاس ڪئي هئي. هڪڙا به واقعا ياد آهن تن کي قلم بند ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان.(1) ٿيو هينئن ته ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ مسٽر دراني، سنڌ- يونيورسٽي ۾ مسلم هسٽريءَ ۾ اورل ڏيڻ آيو هو. اسان يونيورسٽي- ۾ چڪر هڻي رهيا هئاسين ته اوچتو اسان جي نظر ان

هئاسين افسوس! اتان موڪلائي اسين خوش خوش ٿي ٻاهر نڪتاسين. اها اسان جي پهرين ذاتي سياسي رشوت هئي. پوءِ ته جتوئي صاحب جي اسان کي جتي به ٿي خبر پئي اتي پهچي اڳ ۾ ئي سندس لاءِ راه هموار ڪندا هئاسين.

نواب شاهه ۾ ٻئي دفعي جي دوري دوران جتوئي صاحب کي دعوت ڏنم. (ائين غريباڻي چانهه پارٽي) تنهن ڪان ته جڻ ضلعي ۾ منهنجي حڪومت ٿي ويئي. هرڪو مون وٽ اچڻ لڳو. آءٌ سندن جائز ڪم حڪومت کان ڪرائي ڏيندو هوس. ڇو ته مون کي خاطري هوندي هئي ته جتوئي صاحب، مون کي جواب ڏئي سو ته سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي.

سنڌ حڪومت طرفان (سواءِ اسماعيل وساڻ جي) سيني شاگردن جا رسٽيڪيشن آرڊر واپس ورتا. ٻئي دفعي آءٌ ۽ سڪندر پنگوار پلاٽن لاءِ جتوئي صاحب وٽ پهتاسين. ديدار بلوچ به اسان سان گڏ هو. تنهن جتوئي صاحب کان پرمٽ گهري. وري به ڪيس جتوئي صاحب کي ساڳيو ئي جواب ڏنو پر اڳيان به ديدار بلوچ هو سو وري بس جي پرمٽ گهريائين. جتوئي صاحب کي چيائين مڙوئي پرمٽ ڪپي، پوءِ ڇو نه اها ڪٽي گڏهه گاڏي جي هجي. بهرحال پلاٽن جا آرڊر وٺي ٻاهر نڪتاسين، هڄ ڪان پوءِ اهي پرمٽون ڏهه هزار رپيه في پرمٽ جي حساب سان وڪڻي ڇڏيوسين. اڄ ته مون کي ياد آهي ته مون انڪل ٽرڪن جون 4-5 پرمٽون، جاين جا عدد ٿي پلاٽ جن مان هڪ سڪندر پنگوار ۽ هڪ پلاٽ منهنجي پاءُ ۽ هڪ مون ورتو. پر افسوس اهي پلاٽ باقائدي مليا ڪونه، هتن ۾ پرمٽون هيون بلڪل ائين جيئن اڄڪلهه بيروزگار نوجوانن کي سرٽيفڪيٽ هتن ۾ هوندا آهن، پر نوڪريون...!

جتوئي صاحب جي سفارش سان مون به ماٺهو (اي ايس آءِ لاءِ چونڊرايا. ان وقت سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سپاف ۾ ممتاز گروپ طاقتور ٿيندو پئي ويو ۽ جتوئي گروپ ظاهر آهي ته ڪمزور ٿي ويو هو. تنهن ڪري لياقت جتوئي اسان کي چيو ته "توهان ممتاز گروپ وارن جي طاقت ٽوڙيو، تنهن لاءِ توهين "سنڌي بلوچ جو شو شو ڇڏي جهيڙو ڪرايو ته جيئن ممتاز گروپ ڪمزور ٿي وڃي. سامراجي

ذهنيت رکندڙ پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ پائرن ڪي پنهنجو پاڻ ۾ ائين ويڙهائيندا آهن، اسان لياقت جتوئيءَ جي انهيءَ سازش کي ذهني طرح سمجهي چڱيو هيوسين تنهنڪري ڪيس آسري ۾ رکندا آياسين. هن ڪان اڳ ۾ تجربو حاصل ٿي چڪو هو. جو ممتاز پني، يوسف جکراڻيءَ وارن جي هٿان ڪئين ڪونڌر ڪهرائي ڇڏيا هئا. ٻئي طرف اها حالت هئي جو ممتاز گروپ ۽ جتوئي گروپ جي گروهبنديءَ جي ڪري سپاف وارن جي ٻڌي ٽٽي پئي.

اسين لطيف آباد واري بنگلي تي لياقت جتوئيءَ سان (آءٌ ۽ ديدار بلوچ) ملندا رهندا هئاسون. هن اسان کي طرح طرح جون لالچون آڇيون پر اسان سنڌين کي پنهنجو پاڻ ۾ ويڙهائڻ لاءِ سنڌس مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ ساٿ نہ ڏنو. حالتون يونيورسٽيءَ هڪ دفعو پر امن رهيون، تنهن ڪري يونيورسٽيءَ ۾ ٻيهر اليڪشن جو اعلان ٿيو. جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان صدارت لاءِ ضمير لاڙڪ ۽ جاويد جوڻيجو آزاد ۽ سپاف طرفان عاشق سومرو اميدوار بيٺا.

سپاف وارن جي اها ڪوشش هئي تہ ڪيئن بہ ٿئي. پر سپاف جو اميدوار ضرور ڪامياب ٿئي. جتوئي صاحب جو پوليٽيڪل سيڪريٽري الهبچايو لغاري حيدرآباد ريسٽ هائوس ۾ ڪيمپ هڻي، عاشق سومرو جي ورڪ لاءِ اچي وينو. ان لاءِ ورڪ ڪرڻ واسطي هو مون پارن کي گهرائي هدايتون ڏيندو رهيو. الهبچائي لغاري چيو تہ "ڪيئن بہ ڪري توهان جاويد جوڻيجي کي هٽ ڪٽايو "جو تہ سنڌس پوزيشن نهايت ئي مضبوط هئي) باقي ضمير لاڙڪ جي نالي چيائين تہ "جيڪڏهن هو هٽ نہ ٿو ڪٽي تہ نہ ڪٽي توهان عاشق سومري جي ورڪ ۾ لڳي وڃو."

سپاف وارن يونيورسٽيءَ ۾ Toelet ۾ بم جو ڌماڪو ڪرائي، ان جو خوب فائدو ورتو. مون ۽ ديدار بلوچ ان ڌماڪي جو بهانو وٺي جيئي سنڌ وارن کي ايترو تہ خوفزده ڪيو هو جو ويچارن هٽ ڪٽڻ جو يقين ڏياريو. اسان جاويد جوڻيجي کي چيو تہ "جي هٽ نہ ڪٽنديں تہ هن "بم ڪيس" ۾ اڙجي ويندين"! هو ويچارو ڏاڍو مايوس ٿي

ويو.“ ڊچي چوڻ لڳو تہ ”مون کي جيل کان بچايو باقي هٿ ڪٽڻ لاءِ آءٌ تيار آهيان.“

اسان هن کي چيو تہ ”چڱو تون“ ”عبدالرحمان تهيم“ جي بنگلي تي اچ، اتي الهبچائي لغاريءَ کي آءٌ وٺي ٿو اچان جاويد جوڻيجي وعدو ڪيو تہ ٺيڪ آ- آءٌ اتي اچان ٿو.

هوڏانهن آءٌ جڏهن حيدرآباد ريسٽ هائوس ۾ پهتس تہ منهنجي حيرانيءَ جي حد نہ رهي جو جيئي سنڌ جي سرگرم ورڪر پيڻ سحر بلوچ (سحر امداد) ڪيترين ئي سهيلين سان اتي ويٺي هئي. جڏهن هن مون کي ڏٺو ۽ مون هن ڏي نهاريو تڏهن ٻئي ڏاڍو شرمسار ٿياسين ڇو جو ٻئي جيئي سنڌ جا سرگرم ڪارڪن ٿي رهيا هئاسون، پر اڄ پنهنجي نظرياتي مخالفن جي چمچا گيري ڪري رهيا هئاسون.

پوءِ الهبچائي لغاريءَ کي جڏهن آءٌ (لطيف آباد- حيدرآباد) عبدالرحمان تهيم جي بنگلي تي وٺي آيس. جاويد جوڻيجو خوف وچان الهبچائي لغاريءَ جي ڪمري ۾ نہ آيو پر دريءَ مان اسان کي ڏسڻ لڳو. مون جاويد جوڻيجي کان هٿ ڪٽڻ لاءِ تحريري بيان لکرائي ورتو. ان حالت هوندي بہ سپاف جو اميدوار عاشق سومرو اليڪشن ۾ ڪري پيو ۽ جيئي سنڌ طرفان بيٺل اميدوار ضمير لاڙڪ ڪامياب ٿي ويو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ ”مير رسول بخش ٽالپر، پيٽي صاحب کان اختلافن جي بنياد تي پنهنجي هڪ نئين پارٽي ٺاهڻ لاءِ حيدرآباد ۾ ڪنوينشن ڪوٺايو. جتوئي صاحب جو حڪم مليو تہ ”تون ٽالپر جي ڪنوينشن ۾ وڃ ۽ اتي وڃي حڪومت جي برخلاف تقرير ڪر تہ جيئن ٽالپر کي گرفتار ڪرڻ جو بهانو ملي. ”آءٌ هڪ ادني نوڪر جي حيثيت ۾ سندس هر حڪم (لالچ جي ڪري) پيروي ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهڻ لڳس. منهنجي لاءِ اهو ڪم ڏکيو ڪونہ هو. آءٌ واعدي موجب ڪنوينشن ۾ مقرر ٽائم تي پهتس. ٽالپر جي بنگلي تي تمام گهڻا ماڻهو آيل هئا: اتي مون کان ڇرڪ نڪري ويو، حيرت جي حد نہ رهي. مون دل ۾ سمجهيو هو تہ صرف آءٌ اڪيلو خريد ٿيل آهيان. پر هتي تہ خريد ٿيل ماڻهن جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونہ هو ڏٺل وائٺل چهرا

سڌو امتحان هال ۾ اچي ويٺس. منهنجو سيٽ نمبر 91- نوٽ ڪيو ويو. امتحان بہ خيرن سان پورو ٿيو.

امتحان جي ٻئي هفتي مون ڏانهن شوڪار نوٽيس موڪليو ويو. مون ان نوٽيس جو جواب ڏنو. نتيجي ۾ مونکي ٽن سالن لاءِ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحان ۾ ويهڻ کان NO:PSC -Exam /78: نمبر سان ريسٽيڪيٽ ڪيو ويو. پر منهنجي منهن تي مايوسيءَ جا آثار ئي پيدا ڪونہ ٿيا ڇو جو مون کي جتوئيءَ جو پر هو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ رئيس غلام محتبي خان جتوئي مون کي ڪراچي گهرايو. جتوئي هائوس پهچي ڏسان تہ جتوئي صاحب سان سليمان فاروقي. آبڪاريءَ جو سيڪريٽري ويٺل هو. سلام ورائي وڃي ويٺس. جتوئي صاحب، سليمان فاروقي کي چيو تہ ”اهو ڇوڪرو آهي جنهن جي لاءِ مون توهان کي چيو هو. فاروقي صاحب مون کي چيو تہ ”توهان سرٽيفڪيٽ وغيره کڻي اچو.

ٻئي ڏينهن آءٌ سرٽيفڪيٽ وغيره کڻي مسٽر سليمان فاروقيءَ وٽ آفيس ۾ حاضر ٿيس. هن مون کي باوجود ريسٽيڪيٽ هئڻ جي ايڪسائيز ونگ ۾ جوائننگ لاءِ موڪليو. ايسڪائيز ونگ جي ڊائريڪٽر ”مشرف حسن“ مون کي جوائننگ ليٽر لکي ڏيڻ جو حڪم ڪيو. مون کي اهو ٻڌي ڏاڍي پريشاني ٿي. ڇو جو مون کي سنڌيءَ ۾ درخواست تہ ڇا پر صحيح معني ۾ خط بہ لکڻ ڪونہ ٿي آيو. سو منهن ڪوڙو ڪري چيم تہ ”سائين انگرين ۾ سور آهي.“ اتي ويٺل هڪ آفيسر منهنجون آڱريون ڏسي مرڪي ڏنو. مون شرمساريءَ وچان ڪنڌ کڻي هيٺ ڪيو...!

آفيسر صاحب، هڪ ڪلارڪ کي سڏ ڪري ليٽر لکڻ جو چيو. اهڙيءَ طرح ان ليٽر لکڻ مان منهنجي جان ڇٽي...! پوءِ هيٺئين نمبر سان آرڊر وٺي ڊيوٽيءَ تي چڙهيس: Government of sind

Excise & Taxasation Department

No: 10 (35) /74- Estt: /282 karachi, 1.1977

ڊيوٽيءَ تي چڙهيس تہ سهي پر اچي ڦاٿس. هرهڪ ڪاغذ بنا پڙهڻ جي صحيح ڪندو هوس. مزي جي ڳالهہ تہ ماڻهو منهنجي انگريزيءَ ۾ صحيح ڏسي کلندا هئا.

آءٌ مٿي واضح ڪري آيو آهيان تہ مون ڪاغذي صورت ۾ ايم- اي جي ڊگري حاصل ڪئي هئي. پر علمي صورت ۾ منهنجي جهالت جو هن مثال مان چٽو ثبوت ملي سگهي ٿو.

حقيقت هن ريت آهي تہ اسان جي ملڪ ۾ لياقت ڪي ڏنو تہ چا پر ڪنگهيو بہ ڪونہ ٿو وڃي. جيئن هڪ مثال ڏيندا آهن تہ هڪڙو اميدوار هڪ ڊائريڪٽر صاحب وٽ انٽرويو ڏيڻ ويو. صاحب سوال ڪرڻ کان اڳ اميدوار جي تاريخ جاگرافي ڏسي پڇيو تہ ”بتاؤ لياقت علي خان ڪي ڪتني بهائي تهي؟“ اميدوار سوچيو تہ مون کي ڪهڙي خبر تہ لياقت خان جا گهڻا ڀائر هئا، هاڻي ڳالهايان سچ ٿو (جو تہ سچ تہ ڏاڍو ڪوڙو آهي) پوءِ ڏنو وڃي، سو چيائين تہ:

”سائين وه تين بهائي تهي“ اچها نام بتاؤ (آفيسر يڪدم ٻيو سوال ڪيو) چي، ”سائين ايڪ تو تها لياقت علي خان دوسري کان نام سفارش علي خان اور تيسري کان نام رشوت علي خان، يہ تينون بهائي هين“ سو ان ڳالهہ وانگر آءٌ بہ سفارش علي خان جو ماڻهو نہ هجان ها تہ (E.T.O) جي پوسٽ ملڻ جو تہ خواب بہ نہ لهان ها.!

بهرحال آءٌ ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن آفيسر هوس. شروع شروع ۾ مون کي ڪنهن بہ قسم جي ڄاڻ ڪانہ هئي ۽ نہ ئي اڳ ۾ اهڙو ڪو واسطو هو. نئون ماحول نئون ڪاتو، نوان ماڻهو، نئون آفيسر جيڪڏهن اهي چار ئي ٽول گڏجن تہ حال في الحال تہ ماڻهو چرڪجيو وڃي. اهڙي ماحول ۾ منهنجو اتي آفيس ۾ نہ يار نہ ڪو مددگار. نہ ڪير سمجهائڻ وارو. مطلب تہ جيئن چوندا آهن تہ نماز پڙهندي مسجد ڳچي ۾ پئجي ويئي. مون سان بہ اهڙي تعدي هئي.

هڪ رات منهنجي ڊيوٽي خير سان ايڪسائيزونگ ۾ لڳي. مون سان گڏ انسپيڪٽر اڪرم آرائين ۽ حفيظ راجپوت ۽ ٻيا اسحاق وارا ماڻهو گڏ هئا. اسان کي ايڪسائيز جي هڪڙي مخصوص وين هئي. جنهن ۾ چڙهي مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻندا ٿي رهياسون. هڪ هنڌ ڇاپو هنيوسين جتان ٻن جوابدران کي گرفتار ڪري وٽانئن پنج سير ڀنگ ۽ چوئيتاليهہ پائليون چرس هٿ ڪيوسين. جوابدارن ۽ مليل، سڳ سميت اچي آفيس پهتاسين.

ايڪسائيز جا انسپيڪٽر جيڪي سروس جي لحاظ کان مون کان سينئر هئا. تن پاڻ کي گهٽ ظاهر ڪندي، منهنجي دل وٺڻ خاطر نيڪي ڪرڻ لڳا هڪ آواز ٿي چيائون ته:

"واه صاحب واه، تيرا تو جواب نهين" صاحب آپ ڪا چهاپا بڑا ڪامياب رها اگر اب آپ گهر جانا چاهين، تو جا سڪتي هين اب آگي قدم. اٹهانا همارا ڪام هي."

مون به پنهنجي پهرين ڪاميابيءَ جي خوشيءَ ۾ هنن جي پرولي جيڪي مون کي ٽڙڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. پروڙڻ کان سواءِ ڪٽي گهر ڏانهن رخ رکيو. سڄي رات مون کي ڪاميابيءَ واري خوشي ۾ ننڊ نه آئي، صبح جو تيار ٿي آفيس ۾ جيئن ئي قدم رکيم ته اسٽاف وارا مون کي ڏسي پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳا. آءٌ پنهنجي مستيءَ ۾ دنيا کان بي نياز، هنن ڏي توجهه نه ڏيندي اچي آفيس ويٺس.

اڃا ويٺس ئي مس ته پٽيوالو سهڪندو آيو ۽ چيائين ته "سائين توهان کي ڊائريڪٽر صاحب گهرايو آهي، دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيس ته صاحب مون کي ڪالهوڪي ڪاميابيءَ تي شاباس ڏيندو! آءٌ صاحب (مشرف علي صاحب) جي آفيس ۾ گهڙيس ته توقع جي خلاف صاحب کي ڏٺم، سلام ورائي ويٺس ته مون کي ويهڻ جو اشارو ڪيائين، مان ٻنگش صاحب جي پرسان خالي پيل ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. ڊائريڪٽر صاحب (جيڪو مهاجر هو) سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي چيو ته "بابا، رات تون ڊيوٽي ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ڇو هليو ويو هئين!" مون جواب ۾ ورائيو "سائين مون کي انسپيڪٽر صاحبان چيو ته هاڻي توهان جي ڊيوٽي ختم ٿي ويئي ۽ هاڻي توهان جيڪڏهن چاهيو ته گهر وڃي سگهو ٿا." مون... ڳالهه ڪي اڌ ۾ ڪٽيندي صاحب چيو ته خبر اٿئي ته "تنهنجي وڃڻ کان پوءِ ڇا ٿيو آهي؟" آءٌ حيرت ۾ سندس منهن ۾ تڪڻ لڳس جيڪو چئي رهيو هو ته "توهان سان گڏ جيڪو ڊرائيور هو تنهن اچي ٻڌايو ته حفيظ راجپوت ۽ اڪرم آرائين ٻنهي ڄڻن گڏجي، جوابدران مان هڪ کان 700 روپيه وٺي ڪيس آزاد ڪري ڇڏيو آهي. آءٌ موقعي تي پهتس ڊرائيور جي ڳالهه بلڪل صحيح نڪتي. آءٌ سمجهان ٿو ته ان وچ جي

توکي ڪابہ خبر ڪانهي. چڱو هيئنئن ڪر راتوڪي ڇاپي جي هڪ تفصيلوار رپورٽ لکي ڏي تہ جيئن پنهي انسپيڪٽرن تي ڪاروائي ڪري سگهجي!"

رپورٽ مون کي انگريزيءَ ۾ لکي ڏيڻ لاءِ چيو ويو. جيئن تہ آءٌ انگريزي ۾ ماشاء الله هيس ڏاڍو هوشيار سو پڌتر ۾ اچي ويس. ڊائريڪٽر صاحب منهنجي جهالت واري حالت تي رحم ڪائي مون کي چيو تہ "وڃي ڪلارڪ کان لکرائي اچ!" آءٌ پنهنجي جهالت واري حالت تي جڪ ڪائيندو اچي ڪلارڪ وٽ وينس. جنهن کي صاحب جي حڪم مطابق پنهنجو بيان قلم بند ڪرائڻ لاءِ چيم، هو زباني پڇندو ٽائيپ ڪندو رهيو. جڏهن ليٽر ٽائيپ ٿي ويو تڏهن مون اهو ليٽر کڻي پنهنجي عيبن کي لڪائڻ خاطر بناوتي طور ليٽر پڙهڻ لڳس. چيڪ ڪندي ڪندي مون ڏٺو تہ چوئيتاليهن جي بجاءِ صرف "44- پائليون لکيل هيون، پوءِ تہ ڏاڪا پڌي چڙهي ويومانس چيم تہ 44 جي بجاءِ تو 4- پائليون ڇو لکيون؟" منهنجي انهيءَ سوال تي ڪلارڪ انهن انسپيڪٽرن جي وڪالت ڪندي چيو تہ "صاحب! هو غريب ماڻهو آهن، هنن جا ننڍا ننڍا ٻار آهن. اوهان جي گهٽ بيان سان هنن مسڪين جي نوڪري بچي پوندي ۽ اهي اوهان کي دعائون ڪندا."

ڪلارڪ جي گفتگو جو مون تي ڏاڍو اثر ٿيو ۽ کڻي ماٺ ڪري لکيل ليٽر تي صحيح ڪري ڇڏيم. منهنجي هن حقيقت جي تصديق منهنجا صحيح ڪيل اهي بيان ڪندا جيڪي يقيناً اجا تائين رڪارڊ ۾ موجود هوندا. هن وقت اها ڳالهہ ياد آئي آهي تڏهن پنهنجي جهالت تي روئندي، هنن جي قوم پرستيءَ تي سوچڻ لاءِ مجبور ٿيو آهيان. هنن ۾ ڪيڏي نہ پڌي ۽ هڪبئي جو احساس آهي پر اسين هڪبئي کي ڪيرائڻ ۾ پنهنجي ڪاميابي ۽ خوشي ٿا سمجهون، انهيءَ جو سبب منهنجي نظر ۾ اهوئي موزون ٿي سگهي ٿو تہ "اسان جو ذهن غلام آهي.....!"

تورن ڏينهن کان پوءِ ايڪسائيز جي هڪ انسپيڪٽر دوست محمد ڇنا کي حال محرم بنايم. ساڻس حال اوريم تہ ادا منهنجا افعال اهي اٿئي..! ڪيس چيم تہ جيڪي بہ ليٽر اچن، تن جو سنڌيءَ ۾

اکيون زور سان ڦاڙيندي ڏسڻ جي حت الوسيع ڪوشش ڪيم ڏسان ته سامهون هڪ کليل فوجي جيپ ۾ ڪجھ فوجي رائيفلن ۽ اسٽين گنن سان ليس هئا. انهن منجهان هڪڙي سهڻي صورت واري هٽ جي اشاري سان بيهڻ جو حڪم ڏنو. منهنجو وجود بلڪل ڏکي ويو. پلا پنگ جو نشو پاڙي تنهن به پنهنجي ڪمال سان منهنجي ذهن تي قبضو ڪيو هو. چاهيم ته جيڪر پڇي وڃان (انهيءَ وقت ۾ پوليءَ وارو جهيڙو پنهنجي عروج تي هو.) وري هيانو جي سڄائيءَ تي سوچيم ته ڏاريا ڏسي ڇا چوندا هڪڙو قداور سنڌي فوجي ڏسي پڇي ويو.... انهيءَ پڌتر ۾ ڪوبه فيصلو ڪري ڪونه سگهيس، وجود ڪنبي رهيو هو. نيٺ سمڪ اچي رئي ته پڇڻ کان بيهڻ بهتر آهي.

ايتري ۾ اهو فوجي سهڻو نوجوان ڏاڍي اُڪير ۽ محبت سان پاڪر پائي مليو. منهنجا دل وارا گدڙ پڇي ويا. خوف، خوشيءَ ۾ تبديل ٿي ويو. سڃاتم ته هيءُ منهنجو پيارو دوست محمد چانڊيو هو. (جيڪو شاهه بيگ چانڊئي اڳوٺي (L.M.C) ۾ شاگرد يونين جي صدر جو پاءُ هو) دل ئي دل ۾ پاڻ کي انهيءَ اوچتي مصيبت کان آجو محسوس ڪندي فاتحاني انداز ۾ گهڙي ڪن کان پوءِ ڪانئس موڪلائي سوڙهيون سوڙهيون گهٽيون لتاڙيندو جيئن ئي شهر کان ٻاهر نڪتس ته وري ٻين سوچن اچي گهيرو ڪيو ته فوجين کان ته جان ڇڏايم پر هاڻي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر (گهروارن) کان ڪيئن جان ڇڏايان. اهي پهه پهچائيندي جڏهن ڳوٺ جي اچي ويجهو ٿيس ته ڪتن جي ڀؤنڪڻ تي منجهي ٻيهي رهيس چيم ته اڄ بچيس ته ڇڻ نئون چائس.

آخر ڏڪندي ڏڪندي اچي اڏ تي پهتس ننڍڙو نلڪو ڏسي رڙ نڪري ويئي ته ابا...! هاڻي هيءُ درياءُ ڪيئن اڪران؟"! (ڇو ته مون کي نشي ۾ بلڪل درياءُ ڏسڻ ۾ پئي آيو) اُڪرڻ محال". سمجهندي هڪ ترڪيب ذهن جي چر ۾ تري آئي يعني ورڪٽي، اٺ ڏهه قدم پوئتي هٽي ڀڄندو ڀڄندو، ٽپ ڏئي اچي پار پهتس. دل ۾ ڏاڍو خوش ٿي بغليون هڻڻ لڳس ته وڏي ڪا ڪيپ ڪٽي آيو آهيان.

وٺي اچي پهتو پوءِ اسان گڏجي غريب آباد ۾ آياسين جتي سيني همراهن کي پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن روانو ڪيوسين. اتان آءٌ ۽ بشير گڏجي وجي اسپتال پهتاسين پر فائرنگ جو پڙاڏو اسانجي ڪنن ۾ اجان تائين گونجي رهيو هو....!

سڪندر کي وجي ڏنوسين. بلوچيءَ ۾ چيومانس ته "اسان تنهنجو پلاند ڪري آيا آهيون پر خبر ناهي ته ڪير مئو الائي ڪير بچيو."....!

15- ويهن منٽن کان پوءِ (ان وقت) ايس- پي جناب شريف صاحب ۽ شهر جا ٻيا معزز ماڻهو جن ۾ موجود بيلي ڪاتي جو وزير جناب سيد نذر علي شاهه، مختيار قريشي، حاجي عبدالمجيد قريشي، اسپتال ۾ سڪندر کي ڏسڻ آيا، مختيار قريشي (پناهگير) مون سان ڳالهائيندي چيو ته "اها عام ڳالهه آهي ته فائرنگ تو ڪئي آهي ۽ شهر ۾ موٽر سائيڪل تي ٻه اوهان کي چڪر هڻندي ڏٺو ويو آهي." اٿلندو آءٌ هن تي ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويس" ته هڪ اسان جو ماڻهو زخمي ڪيو پيو اسان تي الزام مڙهيو!" بهرحال هو حال احوال پڇي رهندا رهيا.

جڏهن شراب جو نشو گهٽ ٿيو ته وري ڳٽين جو نشو چڙهڻ لڳو ته "الائي گهڻا ماڻهو مئا آهن." سڪندر جي ڳٽي گهنجي ويئي. صبح جو سوير اها خبر پئي ته ماڻهو ته ڇا پر ڪو جانور به ڪونه مئو آهي. تڏهن وڃي ڳٽيون لٿيون.

البته فائرنگ واري رات. اسان جي وڃڻ کان پوءِ پوليس جاءِ واردات تي پهتي ته پناهگيرن پوليس تي فائرنگ ڪرڻ شروع ڪئي. جنهن ۾ پوليس کي ته ڪوبه جاني نقصان ڪونه رسيو. پر گاڏيءَ کي نقصان پهتو. جهيڙي جي واقعي واري تاريخ ياد نه آهي. سمجهان ٿو ته سڪندر جي ڊائريءَ تي اهي حقيقتون هجن. پر في الحال ته ظاهر ظهور اجان سڪندر پنگوار جي سيني تي اهي نشان بلڪل چٽا ظاهر آهن.

چند ڏينهن موڪل وارا گذاري وري ڊيوٽي تي چڙهيس. وري مهيني کن کان پوءِ چڪر تي آيس ڳوٺ پهچڻ تي خبر پئي ته:

"سئوٽ شهبيگ" جو زمين تي پنهنجي ئي ذات برادري وارن سان تڪرار ٿي پيو آهي. آءٌ پنهنجي سئوٽ جي قانونيءَ طرح مدد ڪرڻ لڳس. هوڏانهن مخالفن مون کي پنهنجو دشمن ڪري

سمجهيو. هڪ ڏينهن آءٌ ۽ منهنجو سؤٽ علي بخش شهر ۾ گهمي رهياسين تاريخ 12- 11-1977ع تي ته انهن مخالفن اسان کي نواب شاهه ۾ جام صاحب روڊ تي ڪهاڙين جا ڏڪ هنيا علي بخش پوءِ سٽت ئي چاڪ ٿي ويو ليڪن منهنجي زندگيءَ جو ٻيو حصو شروع اهڙي طرح ٿيو جو ڪهاڙين جي ڪري منهنجي چيلهه جون رڳون ڇڀجي پيون ۽ هينئين ڌڙ کان معذور ٿي ويس. ۽ منهنجا پير آخري پيرو پنهنجي سهڻي ڌرتي تان ڪڇي ويا. هنن سڻن لکندي آءٌ سمجهان ٿو ته مون ڌرتيءَ ماءُ کي رنج ڪيو هو ڇو ته ان سنڌ ڌرتيءَ جي اصل وارثن جي لاءِ مون ڪجهه به نه ڪيو يعني اصول کي ڇڏي، لالچ تي خريد ٿي ويو هوس. جنهن ڪري مون کي سنڌ جي غيرتمند ڌرتيءَ ان جو بدلو ڏنو هو. اڄ تائين آءٌ پنهنجي ڪيل انجام تي پڇتائي رهيو آهيان.

مون کي سول اسپتال نواب شاهه ۾ داخل ڪيو ويو جتي 6- هفتا علاج محترم ڊاڪٽر رسول بخش ميمڻ صاحب ڪيو مون کي ڦقڙن ۾ زخم رسيل هئا، ڊاڪٽر صاحب پنهنجي قابليت جو مظاهرو ڪندي منهنجو آپريشن ڪيو. ڪجهه فرحت ٿي. بهرحال مغزي ڏوري ڏڪ ۾ لڳل هئا تنهن ڪري ڊاڪٽر صاحب جي مشوري سان يعني ڏوري کي اصلي صورت ۾ آڻڻ لاءِ سول اسپتال ڪراچي ۾ 6- هفتن کان پوءِ داخل ٿيس. ڊاڪٽر مسعود جاويد نيرو سرجريءَ جي اسپيشلسٽ منهنجو علاج شروع ڪيو.

هتي منهنجو وقت ڏاڍو ڏکيو گذريو. ٻيني جو ته سيڪو آهي پر ڪرئي جو ڪير به ڪونه هو، سواءِ چند مهربانن جي...! جيڪي دوست مون وٽ ڪنهن نه ڪنهن بهاني ايندا هئا اهي سڀ اهڙي وقت ۾ پٺا ڏئي پڄي ويا. بلڪل هينئن ته "ڪم لٿو ڊڪڻ وسريو" پر جن ڏکئي وقت ۾ ساٿ ڏنو انهن ۾ (منهنجي عزيزن کان سواءِ) سائين امداد محمد شاهه سر فهرست آهي. آءٌ سندس احسانن جي بار هيٺان عمر پر جهڪيل رهندس. مون کي اهڙا لفظ ڪونه ٿا ملن جن جو سهارو وٺي آءٌ سندس احسان مڃان، آءٌ هر وقت سندس ٿورائتو آهيان.

نواب شاهه اسپتال کان وٺي ويندي آپريشن تائين هي سيد مهربان مون سان گڏ رهيو. اتي هڪ انجيڪشن جي ضرورت پئي. جنهن سان اهو ڏسڻو هو ته مغزي ڏوري ڪٿان ڪمزور آهي. پر

منهنجا ياڳ اهڙا هئا جو اهي سيون هتي ڪراچي ۾ گهٽو ڪري نه ٿي ملي سگهيون. سائين امداد محمد شاهه جو ويجهو عزيز ذوالفقار شاهه عرف زلف هو تنهن به ان سلسلي ۾ ڪوشش ڪئي.

ٻئي ڏينهن تي سيٺ شري تيرٿ داس مون ڪي سائين امداد محمد شاهه سان گڏ پڇڻ آيو. سندس پٽ ان وقت دبئي ۾ رهندو هو. سيٺ صاحب ٽيليفون ڪري ڪانئس دوا جو پڇيو. هن ويچاري ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر دوا دبئي ۾ به ڪانه ملي سگهي. پوءِ ان لنڊن ۾ ڪنهن ميڊيڪل ڪمپنيءَ سان رابطو قائم ڪيو. دوا اتان ملي 10 ڏينهن ڪان پوءِ (6) ڇهن سين جو سيٽ اسان وٽ اچي پهتو. مون سيٺ صاحب ڪي رقم واپس ڏيڻ جو چيو ته سيٺ صاحب پيار مان مون ڪي ڳرانڊڙي پائي چيو ته:

"پٽ پنهنجي اولاد ڪان به پئسا وٺبا آهن...!"

هن هيڏي ساري سنسار ۾ مصيبت وقت وري ايتريقدر بي انداز مهرباني ڏسي منهنجي اکين مان ڳوڙها وهي آيا. زبان تي هيءُ شعر رقص ڪرڻ لڳو ته:

تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن لک
هن منهنجي حال جي توڪي سڀ پرک
ڪارڻ رب الک متان ماڳر متئين.

ڊاڪٽر صاحب مون ڪي ٽيسٽ ڪري آپريشن جو ارادو ڏيکاريو چيائين ته فلاڻي ڏينهن تنهنجو آپريشن ٿيندو. نيٺ مقرر ڏينهن تي آپريشن ڪيو ويو. آپريشن دوران سائين امداد محمد شاهه باوجود طبعيت ناساز هئڻ جي پورا ساڍا ٽي ڪلاڪ اپي پيرين بيٺو رهيو. آپريشن ڪامياب رهيو پوءِ ٽي هفتا منهنجو لاڳيتو علاج ٿيو،

ٽن هفتن ڪان پوءِ ڊاڪٽر صاحب چيو ته "هاڻي تنهنجو علاج مشق ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي. تنهنجي ٺيڪ ٿيڻ جي اميد آهي.!"

مون ڪي ياد آهي ته اتي روزانه مون ڪي ايڪسرسائيز ڪرائيندا هئا. يعني اليڪٽرڪ جي وسيلي ڄنگهن جي ڇرپر وغيره. پر 15- روپيا في وٺي پوءِ مون ڪي ايڪسرسائيز ڪرائيندا هئا هتي اسپتال ۾ رهڻ ڪان پوءِ مون ڪي اها خبر پئي ته ڪيئن نه بليڪ تي دوائون ۽ ٻيو سامان وڪيو ويندو هو. مزي جي ڳالهه ته منهنجو

ٿي جو جيڪڏهن ڪير ڪتاب پڙهي نه ٻڌائيندو هو ته ننڊ ئي ڪانه ايندي هيم. ڪتابن مون ۾ هاڻيءَ نئون روح ڦوڪيو. اڳ ۾ زندگي کان بيزار هوس پر هاڻ پنهنجي زندگيءَ سان پيار ٿيڻ لڳو دل ۾ سوچيم ته هاڻي اک جو آپريشن ڪرايان ته جيئن ڪتاب پڙهي، ٻڌائڻ واري محتاجي کان بچي پوان!.

نواب شاهه ۾ اکين جي ڊاڪٽر مسٽر منظور مرزا (جيڪو منهنجو دوست هو) تنهن کي اک ڏيکاريم تنهن اک ڏسي چيو ته ”اک ٺيڪ ٿي ويندي، اطمينان ڪريو، پر پهريان دوا ڏيانو ٿو اها استعمال ڪريو ته جيئن موتيو پڪو ٿئي.“ مهيني کن کان پوءِ مرزا صاحب ڏي پاڻ کي ڪٽائي پهتس. وري به چيائين ته اجان به چار ڏينهن ترسو.“ هفتي کن کان پوءِ اچو ته توهان جي اک آپريشن ڪندس.

هفتي کان پوءِ منهنجي کاٻي اک جي آپريشن ٿي آپريشن ڪامياب ٿي 7- ڏينهن کان پوءِ مون کي گهر ۾ رهڻ جي اجازت ملي ويئي. چاليهه ڏينهن گهر ۾ رهڻ کان پوءِ مون کي چشمو مليو اهڙيءَ طرح هڪ اونداهه جي دنيا مان ڦري روشن دنيا ۾ آيس. هن ڪائنات جي نظارن کي ڏسي ڏاڍو لطف محسوس ٿيو. هاڻي نور جي روشني ملي چڪي هئي. پاڻ کي خوش نصيب تصور ڪندي، زندگيءَ جو حقيقي مزو ماڻڻ لڳس. قدرت مون کي به پٽڙا ڏنا آهن، هڪ طارق عزيز ۽ ٻيو شهزور عرف ڪاشف عزيز.

پنهنجي اولاد ۽ ڪتابن سان ٻيو دل کي وندرائيندو آهيان، هڪ مشهور اديب جناب علي نواز وفائيءَ جي ٻتول ته:

”اهو شخص خوش نصيب آهي، جنهن کي 24- ڪلاڪن مان 4- ڪلاڪ پڙهڻ يعني مطالعي ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو.“

هن قول کي سامهون رکي آءٌ انهن مائٽن جو بيحد شڪر گذار آهيان، جن مون کي ڪهاڙين جا ڌڪ هڻي معذور ڪيو، يعني؛ جسماني معذوري ڏئي، ذهني معذوريءَ کان آزادي ڏياريندي، ڪتابن سان پيار ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو

”سکو سپن کان سرتيون ريت سکڻ جي،
مگن جر متا، اوري ڪن نه آسرو.“

”شاهه“




سنڌي ساهت گهر

Rs:150/=

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري مانڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياڄوڪڙ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي همٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڏي تي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي ماڻهن ۽ خاص ڪري نوجوانن کي ڪتاب پڙهڻ جي اُها عادت نہ آهي، ان ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجهي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چـو، چـالاءِ ۽ ڪـيـئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)